# ترشنا

1

1993ع



ميلان ڪنڊيرا
ڊاڪٽر سهيل احمد
ارونگ اسٽون
وليم فاڪنر
نجيب محفوظ
وليم سرويان
ڊاڪٽر غزاله احمداڻي
نزار قباني
ايملي ڊڪنسن
آفتاب نظاماڻي
غلام حسين رنگريز
امر لغاري
امر سنتو
رخسانه "پريت" چنڙ
سعيد ميمڻ
عزيز ڪنگراڻي
وسيم سومرو

نيو فرينڊس

# ترشنا پاران

سنڌ ڌرتي اڄ بہ پنهنجي سيني ۾ عظيم ادبي ورثو سانديِ رکيو آهي. سنڌي ٻولي ۾ تخليق ٿيندڙ ادب ڪڏهن بہ دنيا جي ٻين ٻولين ۾ تخليق ٿيندڙ ادب کان گهٽ ڪونهي. اسان اها دعويٰ تڏهن ڪري سگهون ٿا، جڏهن اسان دنيا جي مختلف ملڪن جي ادب جو مطالعو ڪيون ۽ ان کي پرکيون. اسان ائين تڏهن ڪري سگهون ٿا جڏهن اسان کي دنيا جي انهن عظيم اديبن جا ڪتاب مهيا ٿين. جن ادب ۾ اعليٰ مقام ماڻيو آهي. ۽ گڏوگڏ انهن جو بهترين ترجمو ٿئي، تہ انهي جو آساني سان مطالعو ڪري سگهجي. سنڌي ۾ ڪو ورلي اهڙو رسالو هوندو جنهن ۾ عالمي ادب جا ڪي ايڪڙ ٻيڪڙ ترجما شايع ٿيندا هجن. انهي کي نظر ۾ رکندي اسان ڏيهي ۽ پرڏيهي ادب تي مشتمل "ترشنا" ڪتابي سلسلو شروع ڪري رهيا آهيون، جنهن جو پهريون پرچو اوهان جي هٿن ۾ آهي. اسان اهو بہ چاهيون ٿا جتي ٻين ٻولين جو ادب سنڌي ۾ ترجمو ٿيو آهي اتي سنڌي ادب بہ ٻين ٻولين ۾ ترجمو ٿيڻ کپي. اهڙي شروعات "ترشنا" جي ٻئي شماري ۾ شاعري کان ڪنداسين. هن وقت اهڙي شروعات پٺائي جي بيت سان ڪري رهيا آهيون.

"ترشنا" جي پهرين پرچي جي مواد گڏ ڪرڻ لاءِ اسان ڪيڏي جدوجهد ڪئي آهي ان جو مثال اهي پنجاهي کن خط آهن، جيڪي اسان سنڌ جي مختلف اديبن/اديبائن کي لکيا ۽ گڏوگڏ اخبارن ۾ اپيل ڪئيسين. ليڪن سواءِ شاعري جي ٻيو ڪوبہ مواد نہ مليو. ان جي باوجود بہ اسان پرچي جو پورائو ڪندي پهريون پرچو شايع ڪيو اٿئون. اسان ڪوشش ڪئيسين تہ بهتر کان بهتر پرچو ڏيون ۽ معياري مواد شايع ڪيون. ان جي باوجود بہ اوهان کي ان ۾ ڪي ڪوتاهيون نظر اينديون، ايندڙ شماري ۾ انهن ڪوتاهين کي هر صورت ۾ ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪبي.

اسان ايندڙ شماري لاءِ سنڌ جي مڙني مانائتن اديبن ۽ اديبائن کي گذارش ڪنداسين تہ اهي ڏيهي ۽ پرڏيهي معياري لکڻيون ڏياڙي موڪلين تہ جيئن "ترشنا" جو ٻيو شمارو جلد کان جلد شايع ڪري سگهجي.

**ايڊيٽر**

5

انهن جي سياست ۽ ان سياست جي جنوني هيجاني جذبن کان نفرت ڪرڻ تي مجبور ٿي ڪيو. مان ارڙهين صدي جا خواب ڏسڻ ٿي لڳس - خود کي ٿي چيم ته اگر دنيا ۾ مون کي ڪنهن شي سان سروڪار هيو ته اهي عورتون هيون يا آرٽ.

جڏهن منهنجي زندگي ڪجهه قدر پرسڪون ٿي ويئي. ته مون پنهنجي انهن ٻنهي دلچسپين ڏانهن موٽڻ جو عزم ڪيو جيتري قدر عورتن جو تعلق آهي اهو منهنجي لاءِ آسان ڪم ثابت ٿيو. جيتري قدر آرٽ جو تعلق آهي مشڪل ترين. مون پينٽ ڪرڻ شروع ڪيو. فلم سازي ۽ ٿيٽر سان دل وندرائڻ جي ڪوشش ڪيم، شاعري ڪيم ليڪن آسودگي پوءِ به حاصل ڪانه ٿي. آخرڪار جڏهن مون پنهنجو پهريون ناول "مذاق" لکڻ جو اراد ڪيو ته چڻ صحيح معنيٰ ۾ خود کي ڳولي لڌم.

2

ان وقت منهنجي عمر ٽيٽيهه سال هئي. هڪ دفعو جڏهن مان ان معدني علائقي ۾ چند دوستن سان ملاقات لاءِ واپس آيس ته مون هڪ واقعو ٻڌو ته هڪ ڇوڪريءَ کي پنهنجي عاشق لاءِ قبرستان مان گل چورائڻ جي ڏوهه ۾ جيل ۾ وڌو ويو هو. مان تصور جي مدد سان ان ڇوڪريءَ کي ڏکيندو پوئتي ان زماني ۾ وٺي آيس جڏهن مان اتي رهندو هئس - مون هڪ اهڙي ڇوڪريءَ جي شب وروز جو تصور ڪيو. جنهن جي ويجهو محبت ۽ جنسيت هڪ ٻئي سان الميائي طور تي جدا هيون. جنهن لاءِ جنسيت، محبت جي عين ضد هئي. پوءِ ان جي زندگي منهنجي ذهن ۾ ان ماڻهو جي ڪهاڻي جيئن منهنجي سامهون اچي بيٺي جيڪو انتقام جي جذبي سان غالب اچي پنهنجي ذاتي دشمن جي زال کي برغلائي ان سان هم بستري ڪندو آهي ۽ ائين محبت جي عمل کي نفرت جي هڪ وڏي شاندار فعل ۾ بدلائي ڇڏيندو آهي. محبت ۽ جنس جي وچ ۾ ظاهر ٿيندڙ بيگانگي جون ٻه ڪهاڻيون هي انهن جو توازن بخش تضاد Counter Point ئي آهي جيڪو ناول جي ڍانچي کي تشڪيل ڏيندو آهي.

جلد ئي محبت ۽ جنس جي موضوع سان گڏ کوڙ سارا موضوع اچي شامل ٿيا. مثال مذاق جو موضوع ناول جو هيرو لدوڪ (Ludvik) پنهنجي محبوبا کي محض مذاق ۾ هڪ ڏاڍو اشتعال انگيز پوسٽ ڪارڊ لکندو آهي. پوسٽ ڪارڊ پوليس وارا پڙهندا آهن. لدوڪ ڊگهي عمر رسوا ٿيڻ لاءِ يونيورسٽي مان ڪڍيو ويندو آهي. اڳتي هلي لدوڪ، هيلينا (Helena) کي پنهنجي مذاق جو نشانو بڻائيندو آهي. هيلينا کي اهو ذري برابر جو به شڪ نه ٿو ٿئي ته هي

حقيقت آهي ان جو ناول جي هئيت ۾ هوڪو ڏيڻ جي ضرورت ناهي. ناول جو مطلب صرف انهي وقت نڪرندو آهي جڏهن هو انساني وجود جي ڪنهن نامعلوم پهلو جي نقاب ڪشائي ڪري معنيٰ تہ قصي جو خاڪو هڪ مخصوص سماجي (سياسي) تاجي پيٽي سان هر صورت جڙيل هوندو آهي. ليڪن انهي تاجي پيٽي جو ڪم بس ايترو ئي هوندو آهي جو اسان کي انساني صورتحال کي هڪ بلڪل نئين روشني ۾ ڏسڻ ۽ هڪ اهڙي نقطہ نظر سان ڏسڻ جي قابل بڻائي سگهي، جيڪو اجا تائين دريافت نہ ٿيو آهي.

(ب) ناول ڪنهن صداقت ڪنهن اخلاقيات جو اعلان ناهي ڪندو، هي ڪم تہ ٻين جو آهي. مثلاً سياسي جماعتن جي سربراهن، صدرن، دهشت پسندن، مذهبي پيشوائن، انقلابين ۽ ايڊيٽوريل لکڻ وارن جو. ناول عصر جديد جي آغاز دوران وجود ۾ آيو، جڏهن هاڻ ماڻهو بس اهو دريافت ڪري ئي رهيو هو تہ سچائي ماٺي وڃڻ ڪيڏو جوکم جو ڪم آهي ۽ انساني امور حقيقت ۾ ڪيڏا اضافي آهن. مذاق چئن ڪردارن ذريعي بيان ٿيو آهي. لکڻ واري انهن چئن کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، ليڪن هو انهن مان ڪنهن بہ هڪ سان گڏ خود کي اخلاقي يا جذباتي اعتبار سان Identify نٿو ڪري.

(ج) ناول هڪ عظيم دانش ورانہ مرڪب (Synthesis) جي نمائندگي ڪندو آهي. زندگي جي تجربن ۽ عطيہ تخيل کان علاوه هي چڱو خاصو علميت جي تقاضا ڪندڙ بہ هوندو آهي.مان جڏهن بہ ناول لکندو آهيان ڪافي تحقيق ۽ ڇنڊڇاڻ ڪندو آهيان. "مذاق ۾ لوڪ سنگيت جي باري ۾ هڪ چڱو خاصو طويل مضمون شامل آهي. ليڪن هي لکڻ واري جي صداقت کي منڪشف ڪرڻ جي بجاءِ ڪردارن مان هڪ ڪردار جي دنيا جو انڪشاف ڪندو آهي. هي تقريباً محققانہ مضمون نہ هجي تہ ڪردار جوهري اعتبار سان بي جان ٿي ويندو.

(د) ناول ئي هڪ اهڙي فني هيئت آهي جا باآساني وقت ۾ حرڪت ڪرڻ جي اهليت رکي ٿي. جي ها ناول "گمشده وقت جي تلاش" آهي ليڪن هي وقت ايترو اجتماعي بہ آهي جيترو انفرادي، وقت اسان جي اندازي کان گهڻو وڌيڪ پنهنجي گهراين سان اسان جي جملي افعال تي فرمانروائي ڪندو آهي. روايتن ذريعي مِٿ جي ذريعي، ڪلچر ذريعي، ناول جي ممڪن مقصدن مان هڪ مقصد ان ربط کي قابو ۾ آڻڻ آهي جيڪو ماضي قديم ۽ حال جي وچ ۾ هوندو آهي (ڪارلوس فونتيس Carlos Funtes پنهنجي ناول (Terra Nostra) ۾ نهايت ذهانت سان انهي مقصد کي حاصل ڪري ڏيکاريو آهي. هوبهو انهي مقصد جي حاصلات کي ذهن ۾ رکي مون "مذاق" ۾ لوڪ آرٽ تي انهي مقالي کي ۽ گڏوگڏ هڪ لوڪ رسم Ritual يعني بادشاهن جي سواري The ride of the kings جي تصويرڪشي کي شامل ڪيو آهي.

(هه) ناول جي تشڪيل موسيقي جي ان باري جي ترتيب جيان عمل ۾ ايندي آهي، يعني هڪ موضوع ۽ ان جي ويري ايشن يعني ان موضوع جي جملي تفصيل کي پنهنجي انتها تائين پهچائڻ جي اصول تي ناول ۾ وحدت ڪيترن ئي بنيادي الفاظن سان قائم ٿئي ٿي. اهي الفاظ بتدريج فلسفيانه ڪيٽيگوريز جي قوت ۽ قطعيت اختيار ڪري وٺندا آهن. "مذاق" ۾ هڪ اهڙو لفظ ته خود "مذاق" آهي باقي لفظ "غنايہ دور"، "تباهه ڪاري" "انتقام"، "فراموشي" وغيره وغيره آهن. انهن "ڪيٽي گوري الفاظن" کان سواءِ ڪيترن ئي بنيادي شڪلي خاڪن يا صورتن کي بہ منظر عام تي آڻيندو آهي. "مذاق" ۾ ان جا مثال هي آهن. شين کي پراسرار بڻائي ماڻهن کي دنگ ڪري ڇڏڻ جو خيال، يا مقناطيسي چهري جهڙي صورت (ياروسلام Jaroslav پنهنجي پٽ کي سڃاڻڻ کان قاصر رهندو آهي. لڊوڪ، لوسي کي سڃاڻڻ کان عاجز هوندو آهي ۽ هيلينا، لڊوڪ کي ان جي ماسڪ جي پويان سڃاڻڻ ۾ ناڪام رهندي آهي) ناول سنگيت جي پاري جيان جداگانه حصن سان ملي ڪري ٺهندو آهي. انهي ۾ هر حصو پنهنجي جاءِ تي هڪ خودمختيار ڪل جي حيثيت رکندو آهي. جنهنجي پنهنجي مخصوص ردم (Rhytham) رفتار (Tempo) ۽ وضاحت (Articulation) هوندي آهي. مذاق ۾ هر باب يا حصي جي پنهنجّي خاص الخاص نحوي ترتيب (Syntax) آهي ۽ آخري حصو هڪ تجزي ڪائونٽر پوائنٽ ۾ ترتيب ڏنو ويو آهي.

(و) "مذاق" ستن حصن ۾ ونڊيل آهي. جڏهن مان اهو ناول لکي رهيو هوس تہ ستن جي عدد تي غور و فڪر جي ضرورت محسوس نہ ڪيم ليڪن وقت سان گڏوگڏ مونکي اهو نظر اچڻ لڳو آهي تہ ڪنهن بي طرح (يعني ستن حصن ۾ لکڻ کان علاوه) ناول لکڻ مون لاءِ تقريباً ناممڪن آهي، جڏهن تہ "Laughable Loves" ۾ بہ ست حصا آهن ۽ اگر آمريڪي پبلشر ڪهاڻين جي ترتيب ۾ هير ڦير نہ ڪن ها (خدا ڄاڻي انهن ائين ڇو ڪيو) تہ انهن ۾ آئينده لکجندڙ ناول ""The Book of Laughter and Forgetting" جو واضح نقشو توهان کي اول ئي نظر اچي وڃي ها. پنهنجو تازو ڪتاب يعني "The unbearable Lightness of Being" جيڪو مان ٺيڪ انهن ڏينهن ۾ پورو ڪرڻ ۾ لڳل آهيان مون انهي ترتيب ۽ ترڪيب ۾ پاڻ مرادو هير ڦير ڪري وڏي ليڪن ڪاميابي نہ ٿي. مون کي هاڻي اندازو ٿئي ٿو تہ هيئت تحرير جو تعميراتي خاڪو (Architectural Blueprint) هڪ جنون وانگر خود لکڻ واري جي اندر ۾ موجود هوندو آهي. هي هڪ آرڪي ٽائيپ آهي ان جي شخصيت جو ناقابل تخفيف نمونو.

## 4

اديب جيڪي مون تي اثر انداز ٿيا آهن؟ "مذاق" جي تشڪيل ڪانپوءِ ٻي وچي ناول جي جماليات وضح ڪرڻ ۽ جڻ بعد از فعل پنهنجو ادبي شجرو مرتب ڪرڻ شروع ڪيو. اهو شجرو ڪجهه هيئن آهي.

افلاطون : ڪردار جيڪي ڪائنات جي باري ۾ پنهنجي غورفڪر سان متعين ٿيندا آهن.

رابلي (Rabelais) فنتاسي *(Fantasy) جو هڪ ناپيدا ڪنار احساس سرشاري جيڪو اسان مان هرهڪ وچايل جنت جي ياد جيان ڪنيو ڪنيو ڦري ٿو.

* لارنس اسٽرن ۽ ديني ديرو (Denis Diderot): ناول جي هيئت بحيثيت راند روند ۽ تفريح بازي.

* فريڊرڪ نشتي (Friedrich Nietzsche) مثال جون فن (The art of the aphorism) اگر ناول نگار ڪي فلسفو ئي بگهارڻو آهي ته اهو مثال ذريعي بگهاري تڏهن وچي گيان ڏيان ناول کي اهو حسن عطا ڪندو آهي جيڪو پنهنجي شدت جي انتها کي پهتل هوندو آهي.

* فرانزڪافڪا : اهو ڪيميا جيڪو خواب صفت تخيل بي مهار ڪي جديد دنيا جي بلڪل درست تجزيي سان ملائيندو آهي.

* هرمن بروخ (Hermann Broch) ناول جيڪو فلسفي ۾ ڳوهيل هجي.

* مارتين هائڊگر (Martin Heidegger) روز مره جي دنيا ۾ استعمال ٿيڻ وارو هر لفظ فلسفيانہ تجسس جي لائق آهي.

* جورج بتائي (George Bataille) جنسي اشتعاليت جو فلسفو، پورنو گرافي Porno Graphy جي مابعدالطبيعيات.

* وي ٽولڊ گوميرووچ (Witold Gombrowicz) سرخوشي مذاق، راندروند ۽ واندين ڳالهين جي جديد نثر ۾ بحالي.

عظيم ليڪڪ هميشه مذاقي هوندا آهن فرانس ۾ گومبرووچ جو هي بيان انتهائي غيرمهذب، حتيٰ ڪہ اشتعال انگيز معلوم ٿئي ٿو.

## 5

هڪ اديب ناول لکندو آهي. ناول ان جي زندگي بدلي ڇڏيندو آهي. سن 1965 ۾ جڏهن مون مذاق جو مسودو پراگ جي هڪ اشاعت گهر کي ڏنو تہ ڪنهن کي يقين نہ ٿي آيو تہ ڪو اهو ڇپجندو. ان جو روح في نفسه اشتراڪي حڪومت جي لاءِ ناقابل قبول هو. ليڪن اشتراڪيت وسطي يورپ (يعني پولينڊ، هنگري

چيڪو سلواڪيه) ۾ باقائده ٻاهران، روس مان درآمد ڪئي ويئي هئي. انهي ڪري جلد ئي اتي ماڻهن انهن جي باري ۾ سنجيده ٿيڻ ڇڏي ڏنو. ۽ سياسي نظام ۾ جهول وجهڻ ۽ ان ڪي هٽائڻ جي هر موقعي تي لبيڪ چئي ڪاهي ٿي پيا. ٺيڪ انهي ڪري مذاق سن 1967 ۾ منظر عام تي اچي ويو.

مان انٽيهن سالن جو ۽ گمنام هئس حيرت سان ڏٺم ته ڪتاب ڪهڙي طرح ٽن وڏي مقدار جي اشاعتن سان يڪو پوءِ مسلسل شايع ٿيندو رهيو. ۽ ڪهڙي طرح هر بار محض ٽن ڏينهن ۾ ان جا سڀ جلد وڪامي ويا. هڪ سال ڪانپوءِ روسي ٽينڪ سرحد ٽپي ملڪ ۾ گهڙي آيا. چيڪ دانشور ۽ بالعموم چيڪ ڪلچر نهايت غليظ اذيتن جو نشانو بڻيا. ان ڪري ڪائونٽر رووليوشن ڪي پڙڪائڻ وارن ۾ هڪ جي حيثيت سان منهنجو نالو فهرست سياهه تي اچي چڪو هو. منهنجي ڪتابن جي مطالعي تي پابندي لاڳو ڪئي ويئي. ۽ منهنجو نالو ٽيليفون جي ڊائريڪٽري تان به خارج ڪيو ويو ۽ سڀ ڪجهه صرف ۽ محض "مذاق" جي ڪري.

تقريبًا انهي زماني ۾ "مذاق" پيرس ۾ گاليمار جي اشاعتي اداري مان ڇپجي نڪتو. ڏسندي ئي ڏسندي منهنجا ڪوڙ سارا فرانسيسي دوست پيدا ٿي پيا. اهي دوست جن ست سال پوءِ منهنجي فرانس اچڻ ڪي ممڪن بڻايو. ۽ اهو به "مذاق" جي ڪري. ڇهن سالن ڪان پوءِ مون کي فرانسيسي شهرت ڏني ويئي. تڏهن ڪان يورپ منهنجو وطن آهي. مان ان سان ان بي جگرانه محبت سان ڇهنيل آهيان، جنهن جو تجربو مون پنهنجي والد سان ان وقت ڇهني/ چنبڙي ڪيو هو، جڏهن هو خالي هالن ۾ پيانو تي اسٽراونسڪي جي موسيقي وڄائي ٻڌائيندو هو. ويچارو يورپ! توهان ڪي ٿورو اندازو آهي ته ڪوپرنيڪس (Copernicus) جو شهر ايمانوئل ڪانٽ Immanuel Kant جو شهر — باخ جو شهر — گوئٽي جو شهر — فرانز ڪافڪا جو شهر — بارتوڪ جو شهر — جيءَ ها اهي سڀ شهر يورپ جي ملڪيت مان ويندا رهيا آهن ۽ عظيم مشرقي ايمپائر جي تحويل ۾ وڃي چڪا آهن. انهن ڏينهن ۾ منهنجا خيال بيهي بيهي فريڊرڪ شوپين Fredderic Chopin ڏانهن وڃي نڪرندا آهن. روسي قبضي هن ڪي پنهنجي پيدائشي ملڪ يعني پولينڊ موٽڻ ڪان پري رکيو هو. پولينڊ مان سنه 1830 ۾ نڪتو هو. هو چوڻ ۾ ته فرانسيسي ٿي ويو. ليڪن مسلسل پول(Pole) به رهيو. 19 سيپٽمبر سن 1963 ۾ هن جي وفات ڪان 14 سال پوءِ روسي سپاهين جيڪي وارسا ۾ رنگ رليون ملهائيندي ۽ خرمستيون ڪندي گهمي رهيا هيا. چوٿين منزل جي هڪ دري مان شوپين جو پيانو هيٺ روڊ تي اڇلائي ڇڏيو. اڄ وسطي يورپ جي پوري جي پوري ڪلچر جي قسمت شوپين جي پيانو ڪان مختلف نه آهي.

ترجمو : رمضان راهي

ڊاڪٽر سهيل احمد

## سريئلزم (Surrealism)

سريئلزم (ماورا حقيقت پسندي) ويهين صدي جي ادب ۽ مصوري ۾ هڪ گهڻ پاسائين تحريڪ سمجهي وڃي ٿي. انهي ڪري نئين ادب جي پڙهندڙن جي لاءِ هيءُ نالو ڪو نئون نہ آهي. تڏهن بہ عام پڙهندڙن جي ذهن ۾ هن تحريڪ لاءِ جيڪو تصور ابري ٿو سو ڪجهہ هن ريت آهي تہ بي ترتيب شاعراڻا گهاڙيتا/شڪليون ۽ غير منطقي تصويرون هن تحريڪ جو نتيجو آهن. سوال ٿو پيدا ٿئي تہ هن تحريڪ جي پويان مغربي ملڪن جي ماڻهن جون ڪهڙيون ذهني گهرجون ڪم ڪري رهيون هيون؟ پهرين مهاڀاري لڙائي بعد شڪست ۽ ٽوٽ ڦوٽ جي صورت ۾ نوجوان شاعرن ۽ مصورن ڪهڙي نموني جي احساس کي اجاگر ڪرڻ گهريو ٿي؟ هنن انساني ذهن جي حدن کي ڪهڙين وسعتن کان واقف ڪرڻ گُهريو ٿي؟ انهن ڳوڙهن سوالن جو جواب ايترو سولو ۽ سادو نہ آهي جيترو ادب ۽ فن سان دلچسپي رکندڙ عام پڙهندڙن جي ذهن ۾ هوندو آهي.

بنيادي سوال هيءُ آهي تہ سريئلزم جي گهڻ پکيڙ لاڙي جي پويان ڪهڙا دانشوراڻہ اصول هئا ۽ انهي تحريڪ کي نوجوان شاعرن ۽ مصورن جي ذهني اپار کان ڪجهہ زياده سمجهڻ جائز آهي يا نہ. سريئلزم جي تحريڪ هڪ بغاوت ۽ هڪ للڪار هئي جنهن ادب جي ٺهيل ٺڪيل گهاڙيٽن کي ٽوڙيو ۽ انساني زندگيءَ جي هڪ نئين معنيٰ تلاش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. اها معنيٰ هن تحريڪ جي "انڪار" ۾ ئي لڪل آهي.

جيتريقدر هن لاڙي جي تهذيبي ڪارڻن جو تعلق آهي، اهي رابرٽ شارٽ جي چوائي هيءَ ڳالهہ شڪي آهي تہ اهي ڪارڻ پاڻ مرادو هن تحريڪ ۾ پڌرا ٿي پيا.

پهرين مهاڀاري لڙائي جي اونداهي پاڇن نوجوانن جي ذهن کي جنهن ريت متاثر ڪيو تن جو هن تحريڪ سان گهاٽو لاڳاپو آهي. اهي نوجوان شاعر ۽ مصور سوچڻ لڳا تہ ترقي ۽ اوسر جون جيڪي ڪٿائون جُڙي ويون آهن، ڇا انهن تي بنا شرط جي ايمان آڻڻ ضروري آهي؟ انهي لڙائي خود مغرب جي مستقبل کي شڪي بنائي ڇڏيو.

هن نسل/پيڙهي ويچارڻ شروع ڪيو تہ مغربي تهذيب ٽيڪنالوجي ۽ عقليت تي ضرورت کان زياده زور ڏيڻ ۽ مدار رکڻ تہ نہ لڳي آهي؟

جن قومن کي هن لڙائي ۾ هار نصيب ٿي انهن جون حڪومتون ۽ ايراضيون انهن کان ڦرجي ويون ۽ جيڪي فاتح بڻيون تن اخلاقيات ۽ ساڃهہ جي سرحدن تي شڪست کاڌي. جنهن تهذيب مان ايترا غير انساني لاڙا اپرن تہ ڇا ان ۾ فن جو ڪو ڪارڻ باقي بچي ٿو؟ يا وري اهڙين حالتن ۾ فن جي دائمي قدرن يا فني شاهڪارن جي دائمي حيثيت ممڪن رهي آهي يا نہ؟ اهي تهذيبي، اخلاقي ۽ فلسفياڻا خيال هئا جن مان ڪي نيون ادبي ۽ فني تحريڪون پيدا ٿيون. مگر ان پيڙهي جي ادبي ذهن جو ردعمل انوکو ۽ نرالو هئو.

اهو ردعمل پهريائين "دادا ازم" جي صورت ۾ پرندڙ جبل جئين ڦاٽو. "دادا" جو اصطلاح جنهن جي ڪابہ خاص معنيٰ نہ هئي، پگهريل لاوي جهڙو گرم ۽ ڳاڙهو، فني لاڙن جو ترجمان بنجي پيو. برپونگ جي چوڻ مطابق هيءَ هڪ اهڙي تحريڪ هئي جيڪا فن جي هلندڙ نظرين سماجي روين جي خلاف ڇتو ردعمل هئي. "دادا ازم" ۾ انساني ذهن جي غير منطقي بي ترتيب پاسن جي حاڪميت جو اعلان هئو. بي ترتيب سٽون، بي تڪيون ڳالهيون ۽ تجريدي قسم جون تصويرون هن تحريڪ جي سڃاڻپ ليکجڻ لڳيون.

دادا ازم جو اهو لاڙو 1916ء ۾ سوئيزرلينڊ جي شهر زيورخ ۾ شروع ٿيو. جرمن شاعر هيوگوبال، رومانيہ جو شاعر ترستن زارا، السٽائين مصور هينس ارپ انهي لاڙي جا اڳواڻ هئا. انهي لاڙي جي هڪ وڏي حامي رچرڊهيلسن بيڪ جي روايت مطابق "دادا" جو لفظ جرمن فرانسيسي لغت جا پنا ورائيندي اوچتو هٿ چڙهيو جنهن کي تحريڪ جي نالي لاءِ ڏُٺيو ويو. 14 جنوري 1914ء جو انهي لاڙي/تحريڪ سان لاڳاپيل شاعرن ۽ مصورن جو زيورخ جي هڪ هال ۾ اجلاس ٿيو جنهن کان پوءِ ڪئين گڏجاڻيون ۽ نمائشون منعقد ڪيو ويون. هن تحريڪ جي ڪري هلندڙ فني ۽ جمالياتي قدرن سان لاڳاپيل ماڻهن ۽ ليکڪن کي وڏن ذهني صدمن مان گذرڻو پيو. مختلف زبانن جي نظمن کي بيڪ وقت پڙهيو ويو، آوازن ۽ موسيقي جي شور سان خاص تاثر اپاريا ويا. زارا 1919ء ۾ پيرس پهتو. چيو وڃي ٿو تہ "دادا" اصل ۾ فنڪارن جي هڪ "ذهني ڪيفيت" جو نالو هئو ۽ ڪيترن ئي هنڌن جا فنڪار انهي ڪيفيت مان لنگهي رهيا هئا. نيويارڪ ۾ مصوري جي ڪيوب ازم (مڪعبيت ـ جنهن ۾ ٽڪنڊن چارڪنڊن ۽ اٺ ڪنڊن جي شڪلين جي مدد سان تصويرون ناهجن) واري لاڙي سان لاڳاپيل بہ مصور مارسل دوشان ۽ فرانسيسي پڪا پيا پنهنجي ليکي انهي ڪيفيت جا ترجمان هئا.

دوشان بہ پيرس ۾ پنهنجي تصويرن جي نمائش /ڏيک ڪئي. هن موناليزا (ليونارڊو ڊاءِونچي انجي ناهيل مشهور تصوير) جي منهن تي مڇيون لڳائي

ڏسندڙن کي چرڪائي ڇڏيو. اهو "ڪارو يوڳ" (Black Humour) "دادا" جي مزاج جي خاصيت هئي. فرانس جو نوجوان شاعر آندري برتول، لوئي آراگان ۽ بعد ۾ پولي ايلوار بہ ران بو، لوتريامون، الفرڊ جيري ۽ اپولينئير جي ادبي اثر هيٺ هلندڙ تنقيدي معيار کي لوڏي ۽ جهٽڪا ڏيئي رهيا هئا. ڪجهہ عرصي تائين اهو هنگامو برپا رهيو پر پوءِ انهي لاڙي ۾ نظرياتي لحاظ کان ڏار پوڻ شروع ٿيا. زارا، انڪاريت کي نئين لاڙي جو سرچشمو سمجهندو هئو ۽ انهين بنياد کي هر صورت ۾ قائم رکڻ جو حامي هئو. جڏهن تہ آندري برتول انهي مرحلي کان اڳيان ٽپڻ لاءِ بيتاب هئو. نون فنڪارنَ مان گهڻ برتول جا همسفر ٿي ويا. اهڙيءَ ريت هڪ نئون نالو "سرئيلزم" سامهون آيو ۽ 1924ء ۾ "داداازم" جي موت جو اعلان ڪيو ويو.

آنابيلاڪيان لکيو آهي تہ سرئيلزم جو لاڙو ڏندڪٿائي پکي ققنس وانگيان موت ۽ سندس رک مان پيدا ٿيو. نوجوان اديبن ۽ فنڪارن جي انهي پيڙهي انهي تصور کي پنهنجي هٿن سان ساڙي رک ڪري ڇڏيو جنهن تي هيستائين اهي ڪار بند رهيا هئا. جيتوڻيڪ "دادا" جي اها پڇاڙي ان وقت ادبي حلقن ۾ مسخريءَ جو نشانو بڻي پر سماج جي خلاف بغاوت جي اها ڪيفيت ڪيترين ٻين شڪلين ۾ پڌري ٿي. حقيقت ۾ انهن فنڪارن کي هي احساس ٿي چڪو هئو تہ "داداازم" هڪ بي فائدي شي هئي. "سرئيلزم" جي تحريڪ ۾ "داداازم" جون ڪيتريون ئي ڳالهيون نئين شڪل اختيار ڪري ويون.

"سرئيلزم" يعني واقعيت جي محدود دنيا کان اڳتي نڪرڻ جي هيءَ ڪوشش ويهين صدي جي هڪ وڏي فني ۽ ادبي تحريڪ آهي. جيتوڻيڪ اها بغاوت غير معمولي قسم جي هئي پر غور سان ڏسبو تہ يورپي فڪر ۽ ادب ۾ ان جون پاڙون اڳ ۾ ئي موجود هيون. خاص طرح اوڻيهين صدي جي وچ ڌاري فرانسسي شاعريءَ ۾ جيڪو انقلاب آيو تنهن ۾ هن تحريڪ جا ڪيترائي عنصر/جزا اوائلي شڪلين ۾ نظر اچن ٿا.

انهي ڪري "سرئيلزم" سان لاڳاپيل اديبن پنهنجين ڪوششن کي ڪا معنيٰ ڏيڻ لاءِ ڪيترن ئي شاعرن ۽ ڏاهن جو ذڪر ڪيو آهي جن سان سندن تصورن جو ڪو لڳ لاڳاپو نڪري ٿو. بودليئر جو اڄاتي ڏانهن شعري سفر، رانبو جو پنجن حواسن ۾ ارادي انتشار جي ذريعي نين صداقتن تلاش ڪرڻ وارو تصور ۽ زندگيءَ کي تبديل ڪرڻ جو خواب، لوترياموِن جي طرفان منطقي ۽ عقلي حد بندين کي ٽوڙڻ جي ڪوشش، ڪولرج، بليڪ ۽ ايڊگرايلن پو جي شاعريءَ جا ڪي عناصر، نٽشي جي فلسفي جا ڪي ڪٿا، اپولينئر جي شاعري، مارڪس جو هيءَ خيال تہ فيلسوف دنيا جي تشريح ڪندا آيا آهن ـ جيتوڻيڪ اصل مسئلو دنيا کي تبديل ڪرڻ جو آهي، وري فرائيڊ جو "لاشعور" وارو تصور

۾ خواب کي لاشعور ڏانهن ويندڙ شاهراهه ثابت ڪرڻ، مطلب تہ سريئلزم جي سَرجڻ ۾ مٿين مڙني معاملن جو دخل ۽ اثر رهيو آهي. آندري برتول انهي پيڙهي جو مکيہ نظريہ ساز هئو ۽ هن 1925 ۾ سريئلزم جو منشور ۾ انڪاري لاڙي کان اڳتي وڌڻ جو اعلان ڪيو هئو.

سريئلزم جي پس منظر ۾ ڪم ڪندڙ تصورن تي نگاهہ وجهڻ سان پتو پوي ٿو تہ هن تحريڪ ۾ بہ ٻہ ڳالهيون زوردار نموني ظاهر ٿي رهيون هيون. هڪ تہ تبديلي جي زبردست خواهش ۽ زندگي جي پوري نقشي جوڙڻ جي آرزو ۽ ٻي عقليت ۽ منطق جي حدن کي ٽوڙي اڳتي سفر ڪرڻ جي تمنا. چاهي انهي سفر ۾ ڪيترائي اڙانگا مرحلا ڇو نہ اچن. غالب چوائي

مستانہ طي ڪرون هون رَهِہ واديءِ خيال
تاباز گشت سي نہ رهي مدعا مجهي.

غالب جو اهو مستي وارو سفر ڪنهن ٻي دانشوراڻي فضا ڏانهن اشارو آهي پر هڪ لحاظ کان سريئلزم.جا حامي پنهنجي ڪوشش کي انهي سان سلهاڙي سگهن ٿا. غالب جو هڪ ٻيو شعر آهي.

نهين هي ڪوئي بهي ايسا جهان ۾ غالب
جو جاگني ڪو ملاديوي آ ڪي خواب ڪي ساٿ

سريئلزم جاڳ کي خواب سان ملهائڻ جي آرزو ئي تہ آهي. پر هڪ الڳ انداز سان ڇو جو مغربي فڪر ۾ جيڪي تبديليون اچي رهيون هيون تنهن مان اهڙي انداز جا امڪان اڀري رهيا هئا. جنت ۽ جهنم، چات ۽ اڇاتو، جسم ۽ روح کي ملائڻ جي اها خواهش سريئلزم جي جوشيلي مداح هربرٽ ريڊ جي خيال ۾ روماني اصول جي تازي شڪل هئي پر گذريل صدي جي رومانيت جهڙي نہ.

انهي لاڙي جي نظريہ ساز آندري برتول کي پهرين مهاڀاري لڙائي کان ٿورو اڳ فرائڊ جي نظرين ۾ ان وقت ڇڪ محسوس ٿي جڏهن هو طب نفسي جو شاگرد هئو. پوءِ ادبي معاملن ۾ هن جون دلچسپيون وڌڻ لڳيون. اهڙيءَ ريت تحليلي نفسي جو طريقو هنجي سائنسي مزاج ۽ ادبي مزاج درميان پل بنجي ويو. فرائڊ جي خوابن واري سمجهاڻي انهي نئين لاڙي جي علمي پيڙهہ بنجي ويئي ڇو جو لاشعور جي اڇاتي دنيا جو سير روزمره جي حقيقت کان اڳيان منطق جي پابندين کان دور ڪنهن ڪامل صداقت جي ڳولا ثابت ٿي. اهڙي طرح

سريئلزم هڪ اهڙي مهم ليکجڻ لڳي جنهن ۾ خواب ۾ شين جون بدلجندڙ شڪليون ۽ ٻاهر ۽ اندر جي هڪ ٻي ۾ ملي وڃڻ جو ڏيک ڏسڻ ۾ ايندو هئو. فرائيڊ جي نفسيات ۾ جنسي محرڪن (چورينڊڙن) جي اهميت به هن سفر جو ڏگ ٿاهيو. سريئلزم ادب ۽ ٻين فنن جي باهمي لاڳاپي جي علمبردار هئي. انهي ڪري هن تحريڪ ۾ شاعر به شامل هئا ته مصور به آندري برتول، لوئي آرگان، ريني شار، رابرٽ ڊيسنوس ۽ ڪيئي اديب مثلاً انتوئن آرتو (جديد فرانسسي ادب جو هڪ مکيه ڪردار جنهن جا ناٽڪ جي باري ۾ نظريا ڏاڍا معنيٰ خيز آهن) هن تحريڪ ۾ شامل هئا. البته هيءَ ڳالهه ضرور هئي ته ڪن تي هن لاڙي جو رڱ زياده چڙهيل هئو ته ڪن تي ڪي قدر گهٽ. مثال طور پول ايلوار جي شاعري ۾ شروع ۾ هيءَ رنگ زياده هئو پر پوءِ هن جي شاعري سماجي رنگ ۾ رنگجي ويئي. خود آرتو ڪي اڳتي هلي برتول جي "سياست" سريئلزم جي نفي ڪندي نظر آئي. مصورن ۾ سلوادور ڊالي سڀ کان وڌيڪ اهميت ڀريو ماٿهو آهي جنهن جي تصويرن جون شعور کان آڳاهيون ڪيفيتون جديد مصور جو هڪ مکيه موڙ آهن. سريئلزم جي چاڻ لاءِ جيڪڏهن ان کان متاثر مصورن جون ٺاهيل تصويرون ڏٺيون وڃن ته انهن شڪلين جي بظاهر بي ربطگي عام طرح نظر ايندڙ حقيقت کان الڳ ڪنهن ٻي دنيا جو احساس ڏياري ٿي. ڊالي جي تصويرن ۾ نظر ايندڙ شڪليون خواب جي دنيا سان تعلق رکن ٿيون جنهن ڪري پوري طرح واضح نه آهن. انهن شڪلين جي آسپاس جيڪو جهريل ماحول آهي اهو ۽ ان جو اهڃاڻ منطق کان مٿاهون آهي. جون ميرو جُون تصويرون ۽ ميڪس ارنسٽ جون جنن ڀوتن واريون تمثيلون انهي لاڙي جي وضاحت ڪن ٿيون. انهن تصويرن ۾ انسان شئي ۾ تبديل ٿي ويوآهي ۽ شيون ٽڪرا ٽڪرا ڪيون ويون آهن. اهو شين جو فني رويو آهي جيڪو نئين ڪائنات جي اڏاوت ڪري ٿو. هاڻي فنڪار فقط شيون ڏيکاري مطمئن نٿو ٿئي. پنهنجي تخيل جي سگهه ذريعي انهن جون شڪليون بدلايو ڇڏي. گهڙيون/واچون فرائي ٿيل بيضن جئين ڦهلجيو پون. اهڙي نموني حافظي ۽ ياد ُجي تاثر کي عام ياد جي سطح/نموني کان مٿاهون ڪري گهڻ ڏسائون بنايو ويو آهي. حقيقت جي ڳولا بجاءِ حقيقت ۾ لڪل امڪانن جي ڳولا انهن مصورن جو بنيادي طريقه ڪار آهي. حقيقت يا ٻاهر/معروض جا اهي عناصر جيڪي وساريا ويا آهن پر انساني لاشعور ۾ لڪيل آهن انهن کي تصويرن جي وسيلي جاڳائڻ هنن مصورن جو مقصد آهي.

انابلاڪيان جي لفظن ۾"اهي مصور ٻاهر جي دنيا جو اڀياس ڪندا هئا، پوءِ معروضي شين کي انهن جي روزانه ناتن ۽ وهڪرن کان الڳ ڪندا هئا. پوءِ انهن کي ٽوڙي انهن شين ۾ نوان امڪان ۽ نوان ڳانڍاپا پيدا ڪندا هئا. پڪاسو جي مصوري تي به انهي تحريڪ جو ڳوڙهو اثر پيو ۽ هن جون ڪيترين ئي تصوِيرن

ڪندي لکيو آهي تہ هڪ نفسيات جو ڄاڻو انهي کي معروضن ۽ موضوع (خارجيت ۽ داخليت) کي هڪ ٻي ۾ ملهائڻ جو وهم يا گمان چئي سگهي ٿو پر هن تحريڪ جو پيغام هي آهي تہ ذهن کي مڪمل نموني آزاد ڪرڻ گهرجي. اها ڳالهہ هن معاملي جو اقرار آهي تہ زندگي ۽ شاعري "ڪٽي ٻي هنڌ" آهن ۽ انهن کي خطرا ڪٽي بہ فتح ڪرڻ گهرجي. آندري برتول سريئلزم جو ٻيو منشور لکندي هن ڳالهہ جي وضاحت ڪئي هئي تہ انساني ذهن ۾ ڪو نقطو اهڙو بہ آهي جتي زندگي ۽ موت، حقيقي ۽ خيالي، ماضي ۽ مستقبل، مٿاهين ۽ هيٺاهين جي وچ ۾ ڪوبہ تضاد نٿو رهي. سريئلزم انهي نقطي جي تلاش جو ٻيو نالو آهي. اهڙي طرح هن لاڙي ۾ هڪ قسم جو صوفياڻو شعور موجود آهي (جيتوڻيڪ اصلي صوفياڻي شعور جي ڀيٽ ۾ شايد هن کي جعلي سڏيو وڃي)- برتول هڪ ناول "نادجا" بہ لکيو ۽ موجوده دور جي ڪيترن ئي ناول نگارن تي بہ اثر نظر اچن ٿا. سريئلسٽ شاعرن هڪ نئين اسلوب "خودڪار اسلوب" جو بنياد وڌو. اهو خودڪار اسلوب ڪٽي شاعري کي قريب ٿي ويو تہ ڪٽي نثر کي. مثلاً برتول پنهنجي شاعريءَ ۾ آهنگ (ترنم) کي برقرار رکيو. اهي شاعر لفظن جي ڪيمياگري جا قائل هئا ۽ جنس، محبت ۽ خواب جون تمثيلون هنن جي خودڪار اسلوب ۾ نئين معنيٰ اختيار ڪري وينيون. رابرٽ شارٽ هن تحريڪ جي اسلوبن تي پنهنجي ٽيڪاٽپڻي جو تت ڪڍندي لکيو آهي تہ جيتوڻيڪ هن تحريڪ جو چرڪائيندڙ ۽ انتشاري ڪيفيتون پيدا ڪرڻ وارو ڪردار ڪن وقتن تي الجهنون ۽ مونجهارا پيدا ڪري سگهي ٿو پر اهي شاعر تجربي جي انتشار پويان تنظيم جو ڪو اعليٰ اصول تلاش ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. هنن کي فقط صوفياڻي سوچ جو ڏٺي چئي ٽاري نٿو سگهجي. انهن جو خواب پلي ڪٽي پورو نہ بہ ٿيو هجي پر هنن هر انسان کي هڪ امڪاني فنڪار بنائي ڇڏيو ۽ فنڪار هنن وٽ عام انسان آهي جيڪو مشاهدي جا ڍنگ تبديل ڪري ۽ پنهنجي عقليت جي دائري مان نڪري نيون دنيائون ڳولي سگهي ٿو. انهي لحاظ کان هن تحريڪ جا ڪيترائي جزا جديد ادبي شعور ۾ حل ٿي چڪا آهن. سريئلزم جا اثر فلم جي فن تي بہ پيا. ننڊ، خواب، لاشعور ۽ حقيقت کان مٿاهين دنيا جي تصوير ڪشي جي اها ڪوشش فلم ۾ عجيب غريب تاثرن کي اڀاريو ڇڏي.

ممتاز شيرين، احمد علي جي ڪهاڻين ۾ سريئلي عنصرن طرف ڌيان ڇڪايو آهي. ڪرشن چندر "سريئلي تصوير" جي عنوان سان هڪ ڪهاڻي بہ لکي آهي. منٽو جي مشهور ڪهاڻي "ڦندي" جي اسلوب ۾ ڪن نقادن کي سريئلزم جا اثر ڏسڻ ۾ آيا آهن. ناصر ڪاظمي جي "پهلي بارش" جي غزلن، منير نيازي جي ڪن تمثيلن، محمد علوي ۽ عادل منصوري جي ڪن نظمن ۾ بہ

اهي اثر ڏسڻ ۾ اچن ٿا يا انهي لاڙي سان ڪي قدر ويجهڙائپ ۽ هڪ جهڙائي جو اندازو ٿئي ٿو. خالده حسين، انور سجاد ۽ ٻين ڪن علامتي افسانہ نگارن جي افسانوي فضا ۾ اها هڪ جهڙائي چٽي ڏسڻ ۾ اچي ٿي. محمد حسن عسڪريءَ پنهنجن تنقيدي مضمون ۾ سريئلزم جي اهميت ۽ معنويت طرف توجهہ ڇڪايو آهي. عسڪري صاحب جون 1949ء جي "مخزن" ۾ انهي تحريڪ تي هڪ مضمون بہ لکيو هئو. اهو مضمون سندس ڪنهن بہ ڪتاب ۾ شامل نہ آهي پر اردو ۾ اهو هن تحريڪ/لاڙي جي تعارف لاءِ هڪ سٺي ڪوشش آهي. هن مضمون جي پڇاڻي لاءِ انهي مضمون جو هي ٽڪرو سمجهان ٿو موزون لڳندو.

"فرانس ۾ هن تحريڪ جو زور 25ء کان 40ء تائين آهي ۽ انگلنڊ ۾ 36ء کان 40ء تائين ادب ۽ آرٽ جي ٻين تحريڪن کي ڏسجي ٿو تہ انهن جي پيٽ ۾ هنجي عمر تمام گهٽ آهي پر هنجا اثر ٻين جي نسبت زياده آهن ۽ هن تحريڪ جو خاتمو بہ انهي نموني نہ ٿيو جنهن نموني ٻين تحريڪن جو ٿيندو آهي. يعني هڪ تحريڪ ايري، ان ڪجهہ شاهڪار پيش ڪيا ۽ پوءِ جڏهن انجا مڙيئي امڪان ختم ٿيڻ لڳا تہ آهستي آهستي مري ويئي. سريئلزم انهي فطري نموني ختم نہ ٿي پر جنگ (مهاڀاري لڙائي) انکي ختم ڪري ڇڏيو. جنگ جي ڪري دنيا جون خارجي حالتون ۽ ماڻهن جا ذهن ۽ لاڙا بنهہ بدلجي چڪا هئا ۽ زندگي جون معمولي ۽ ننڍڙيون ننڍڙيون ڳالهيون بہ زياده اهميت اختيار ڪري ويون هيون. ظاهر آهي تہ اهڙين حالتن ۾ سريئلزم جهڙي تحريڪ وڌي نٿي سگهي پر جيئن تہ هن تحريڪ وٽ احساس ۽ اظهار جا نوان طريقا هئا جن سان ادب ۽ آرٽ ۾ واقعي اضافو ٿيو هئو انهي ڪري هن تحريڪ جا ڪيترائي بنيادي جزا ادب ۾ هميشه لاءِ شامل ٿي ويا آهن. منهنجي مراد سريئلزم جي عقيدن ۽ نظرين سان نہ آهي پر هنن جيڪي اظهار جا نوان اسلوب ايجاد ڪيا هئا انهن جي بنيادي عنصرن سان آهي."

مطلب تہ جي سريئلزم جنهنکي پهرين مهاڀاري لڙائي جي تهذيبي ۽ جذباتي ضرورتن اڀاريو هئو سا ٻي مهاڀاري لڙائي کان پوءِ جي نئين تهذيبي ۽ جذباتي ضرورتن ۾ ڪم جي شي نہ رهي. پر هڪ ذهني ڪيفيت ۽ ادبي اصولن ۾ هڪ اهم اصول طور ان جا امڪان اڃا ختم نہ ٿيا آهن.

ترجمو:ـ غلام حسين رنگريز

## ارونگ اسٽون

# وان گاگ ــــ زندگي جي نانءُ

"....... پنهنجي ڪم جي لاءِ مون پنهنجي زندگي جي بازي لڳائي ڇڏي آهي." عظيم ڊچ مصور ونسنٽ وان گاگ جو هي آخري خط خودڪشي کان پوءِ سندس لاش جي پرسان مليو هو. 37 سالہ هي مصور زندگي ۾ ناڪام قرار ڏنو ويو هو. هن زندگي ۾ گهڻائي ڪم ڪيا، ليڪن ڪنهن ۾ بہ ڪاميابي نہ ملي. ستاويهن سالن جي عمر ۾ بيڪاري کان تنگ ٿي تصويرون ٺاهڻ شروع ڪيائين ۽ پوءِ مرڻ گهڙي تائين انهي جنون کان جند نہ ڇڏائي سگهيو. مصوري جڏهن تہ هن لاءِ نفعي بخش ڪاروبار بڻجي نہ سگهي. پوءِ بہ هن روشني جي نُڪتي تائين پهچڻ لاءِ ان اونداهي جهنگل ۾ سفر جاري رکيو. خاندان جا ماڻهو، معاشرو سڀ هُن جي مصور ٿيڻ جي خلاف هئا. سواءِ ننڍي ڀاءُ "ٿيو" جي. "ٿيو" مصوري جي هڪ دوڪان تي بطور معاون ڪم ڪندو هو. "ٿيو" اخلاقي، روحاني ۽ مالي هر طرح سان ونسنٽ جي مدد ڪئي. جنهن تي مصور پنهنجي ڀاءُ کي چيو تہ انهي جي بدلي هُو هن جي ٺاهيل تصويرن کي پنهنجي ملڪيت سمجهي ۽ آئنده انهي بنياد تي پئسا موڪلي. جنهن تي "ٿيو" جواب ڏنو تہ ڇو نہ اسان پنهنجي سموري ڪمائي کي مشترڪہ سمجهون. هڪ پئسا ڪمائي، ٻيو تصويرون ٺاهي ۽ اها ٻنهي جي گڏيل دولت هجي. "ٿيو"، ونسنٽ کي آخري دم تائين پنهنجي اڌ پگهار موڪليندو رهيو.

ڏهن سالن تائين پنهنجي موت جي آخري لمحي تائين ونسنٽ تصويرون ٺاهيندو رهيو. انهي عرصي ۾ هُن کي بارٻار بُک ۽ فاقہڪشي جي عذاب مان گذرڻو پيو. هن جون تصويرون وڪامنديون نہ هيون. ليڪن ڪينوس، رنگن ۽ ماڊلن تي هن جا سڀ پئسا لڳي ويندا هئا. هو محبت ۾ بہ ناڪام ويو. ٻئي ڀيرا عشق جو تجربو ناخوشگوار ۽ تلخ ثابت ٿيو. صرف مصوري سان هن جو عشق هُن جي آخري ساهہ تائين قائم رهيو. مصوري ۾ هن عام ماڻهن ۽ عام شين کي پنهنجو موضوع بڻايو. هن طويل جدوجهد هن کي ٽوڙي مروڙي ڇڏيو. (ڪ

خدا کي مڃڻ جو سڀ کان سٺو طريقو هي آهي تہ کوڙ سارين شين سان پيار ڪيو وڃي. پنهنجي دوست يا پنهنجي زال يا ڪنهن بہ شيءِ سان پيار ڪيو وڃي.

ايٽن، هالينڊ ڊسمبر 1881ع

رنگ ڪيڏي اعليٰ شئي آهن. جيڪو انسان رنگن کي شدت سان محسوس ڪري ناهي سگهيو، اهو حقيقي زندگي کان ڪيترو پري آهي. مصور مئود مون کي کوڙ سارين شين کي، جنهن کي مان اڳي نہ ڏسندو هئس، ڏسڻ سيکاريو. ٿورو سوچ ڪيترا ورهيہ مان غلط رستي تي هلندو رهيو آهيان. هاڻي سچي روشني جي صبح آئي آهي. ڪالهہ ٻي مان مصور "ملي" جون هي سٽون پڙهيون هيون "فن هڪ جهاد آهي جنهن ۾ ماڻهو جي پنهنجي جي ڪل اُدڙي وڃي ٿي." انهي فن کي مون اڳي بہ محسوس ڪيو هو. انهي لاءِ ڪڏهن ڪڏهن مان پنهنجن جذبن جي اظهار جي لاءِ برش جي بجاءِ سخت قلم يا پينسل سان ڪُرچي تصوير ٺاهڻ چاهيان ٿو.

هيگ – مئي 1882ع

لڳي ٿو مونکي ماڻهن ۾ رهي ڪري ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي. زندگي کي پوري گهرائي سان گرفت ۾ وٺڻ جي ضرورت آهي ۽ ڪيترن ئي فڪرن، پريشانين ۽ مشڪلاتن مان رستو ٺاهي اڳتي وڌڻ جي ضرورت آهي.

هيگ جولاءِ 1882ع

اڄ مون وعدو ڪيو آهي تہ بيماري جي باوجود ٻيهر ڪم ڪرڻ شروع ڪري ڏيندس. بيماري ۾ گهڻو ئي وقت برباد ڪري چڪو آهيان. انهي لاءِ چاهي مان بيمار هجان يا صحتمند، هاڻ مان صبح کان وٺي شام تائين ڪم ڪندس. هاڻ مان وڌيڪ بيڪار نٿو ويهي سگهان. فن وڏو حاسد هوندو آهي، ان کي اهو پسند نہ آهي تہ ڪو انهي کي ڇڏي بيماري کي گلي لڳائي. انهي لاءِ مان هن جي مرضي مطابق نہ هلندس. چاهي پورٽريٽ هجي يا لينڊ اسڪيپ، مان پنهنجي تصويرن ۾ جذباتي نہ پر سچي سنجيده اداسي کي چٽڻ چاهيان ٿو. غريب کان غريب جهوپڙي ۽ گندي ۾ گندي جڳهن بہ مونکي تصويرون ڏسڻ ۾ ٿيون اچن ۽ ڪا تمام وڏي طاقت مونکي انهن هنڌن ڏانهن ڇڪي ويندي آهي.

هيگ 31 جولاءِ 1882ع

قدرت ۾ خالص ڪاري رنگ جو وجود آهي ئي ڪونہ ليڪن اڇي رنگ وانگر هو لڳ ڀڳ هر رنگ ۾ ملي ٿو ۽ ڪيترن ئي قسمن جي سليٽي رنگن کي جنم ڏي ٿو. ڳاڙهو، نيرو ۽ ڦڪو/پيلو تہ بنيادي رنگ آهن. نارنگي، سائو ۽ واڱڻائي هي ملاوٽي رنگ آهن. انهي ۾ ڪارو ۽ سفيد رنگ ملائڻ سان طرح

طرح جا سليٽي رنگ بنجي وڃن ٿا. ڳاڙهو، سليٽي - زرد سليٽي، سائو سليٽي رنگ ۽ ايترن قسمن جا آهن جو ڳڻائي نہ ٿا سگهجن. حقيقي مصور اهو آهي، جيڪو فطرت ۾ ڪنهن بہ رنگ کي ڏسندي ئي انهي جو جائزو وٺي پڌائي سگهي تہ هو جيڪو سبز سليٽي رنگ آهي اهو زرد، ڪاري ۽ نيري رنگ جي ملاوٽ جي ڪري ٺهيو آهي.

هيگ سيپٽمبر 1882ع

مان پنهنجي پوري قوت صرف ڪري مصوري ۾ ٻڌل آهيان. مان رنگن ۾ ٻڌل آهيان. مصوري منهنجي هڏين ۾ رچيل آهي. جنهن ديانتداري ۽ فراخدلي سان تون منهنجي مدد ڪري رهيو آهين انهي کي مان ڪڏهن بہ وساري نٿو سگهان. عام طور تي مان تنهنجي ئي باري ۾ سوچيندو آهيان. مان چاهيان ٿو تہ منهنجي تصويرن ۾ جرئت، سنجيدگي ۽ طاقت اچي، تہ جيئن انهن کي ڏسي توکي جلدي تسلي جو احساس ٿئي. اهو ضروري ناهي تہ گهڻن رنگن جي استعمال سان ئي سٺي تصوير ٺهي. ليڪن اگر ڀرپور ۽ طاقت ور پس منظر تيار ڪرڻ لاءِ رنگ جي پوري جي پوري ٽيوب بہ خرچ ڪرڻي پوي تہ ائين ڪرڻ سان جهجهڪڻ نہ کپي. تون ڏسندين تہ سمنڊ جي اسڪيچ ۾ سنهري رنگ آهي. جڏهن تہ جهنگل جي اسڪيچ ۾ ادلس سنجيده رنگ آهي. مون کي خوشي آهي تہ زندگي ۾ اهي ٻئي رنگ ملندا آهن.

هيگ نومبر 82ع

ٻہ شيون منهنجي نظر ۾ دائمي آهن ۽ اهي هڪ ٻي جي تڪميل ڪنديون آهن.

1 - پنهنجي لگن ۽ تصور کي ڪڏهن بہ اجهامڻ نہ ڏيو ۽ پنهنجي ماڊل جا غلام نہ ٿيو.

2 - ماڊل وٺي انهي جو جائزو وٺو. نہ تہ پوءِ تنهنجي لگن ڪڏهن بہ ٺوس روپ اختيار نہ ڪري سگهندي.

هيگ نومبر 1882ع

سٺي نموني ڪم نہ ڪري سگهڻ جي بي اطميناني، ناڪامي ۽ ٽيڪنڪ جي مشڪلات اهي سڀئي اسان کي ادلس ڪري سگهن ٿيون. سچ ٿو چوان، ڪيئي پيرا ملي — برٽين — اسرائيل جهڙن مصورن جي باري ۾ سوچان ٿو تہ همت هاري ٿو ويهان. انهن مصورن جي عظمت انهي صورت ۾ سمجهہ ۾ ٿي اچي. جڏهن اسان تصويرون ٺاهڻ لڳندا آهيون.

هيگ 8 فيبروري 1883ع

ڪڏهن ڪڏهن مونکي انهي ڳالهہ جو يقين بہ نٿو اچي، تہ اجا مان صرف

ٽيهن سالن جو آهيان. مون کي منهنجي عمر وڌيڪ محسوس ٿي ٿئي. مان پنهنجي پاڻ کي وڏي عمر جو تڏهن محسوس ڪندو آهيان جڏهن اهو سوچيان ٿو ته منهنجي ڄاڻ سڃاڻ وارا ماڻهو مون کي ناڪام سمجهندا آهن. ليڪن وڌيڪ پرسڪون ۽ خوشگوار ذهني حالت ۾ مونکي انهي ڳالهه جي خوشي ٿيندي آهي ته ٽيهه سال گذري ويا آهن ۽ انهن کان مستقبل جي لاءِ مون ڪجهه نصيحت ورتي آهي ۽ مون کي پنهنجي اندر ايندڙ ٽيهن سالن لاءِ (اگر مونکي ايترا سال زنده رهڻو آهي) هڪ نئين طاقت ۽ لڳن جو احساس ٿئي ٿو. پوءِ به اهو احساس ته زندگي جو هڪ دور ختم ٿي ويو آهي. دل کي اداس ڪري ٿو ڇڏي. خيال اچي ٿو ته ڪجهه شيون ڪڏهن به موٽي ڪونه اينديون آهن. اهڙي طرح اداس ٿيڻ صرف احمقانه جذباتيت ناهي. دراصل ڪيترين ئي شيون ٽيهن سالن کان پوءِ شروع ٿينديون آهن. انهي لاءِ اڃان سڀ ڪجهه ختم ناهي ٿيو. منهنجو خيال آهي ته غريب ماڻهو ۽ مصور مرسمن ۽ رُتن جي چڪر کي هڪ جهڙي شدت سان محسوس ڪندا آهن.

هيگ ـ مارچ 1883ع

منهنجو خيال آهي ته مان قارون وانگر دولت مند آهيان، پئسن طرفان نه بلڪ انهي لاءِ جو پنهنجي ڪم جي روپ ۾ مونکي اهڙي شئي ملي وئي آهي جنهن ۾ مان پنهنجو پاڻ کي پوري طرح غرق ڪري سگهان ٿو.

هيگ ـ آگسٽ 1883ع

سرسبز کيتن کي ڏسي مون کي ڏاڍو سڪون ملندو آهي....... هونئن ته ڏاڍي ڪمزوري محسوس ٿي رهي آهي ۽ مان وڌيڪ محنت نٿو پيو ڪري سگهان.

گذريل ڪجهه عرصي کان مونکي محسوس پيو ٿئي تصويرون ٺاهيندي ته منهنجي اندر رنگن لاءِ هڪ تکي قوت پيدا ٿي رهي آهي....

ممڪن آهي ته هنن ڏينهن ۾ منهنجي جسماني گهبراهٽ جو ڪارڻ اهو هجي ته منهنجي ڪم ڪرڻ جي طريقي ۾ ڪا بنيادي تبديلي پيدا ٿي رهي آهي. جنهن جي مان هڪ مدت کان خواهش ٿي رکي ۽ انهي باري ۾ سوچيندو رهيس. هڪ ڳالهه ائين پيو لڳان جيڪا ڪيترائي پيرا منهنجي ذهن ۾ پيدا ٿي آهن. مون زندگي ۾ مصوري جو آغاز ڏاڍو دير سان ڪيو ۽ ممڪن آهي ته تمام گهڻن سالن تائين زنده نه رهان.....پوءِ به اڃا ڪيترن ئي سالن تائين زنده رهندس. ڇهن کان ڏهن سالن تائين ۽ انهن سالن تي مون کي اعتماد آهي. اڳين انهن سالن ۾ مون کي مقرره انداز ۾ ئي ڪم ڪرڻو پوندو. مونکي انهي حد تائين دنيا جو فڪر آهي، جنهن حد تائين مون تي فرض ٿو عائد ٿئي ۽ مان ان جو قرضي آهيان آخر

ٽيھ سال مان هن زمين تي هلندو ڦرندو رهيو آهيان ۽ قرض جي ادائگي جي لاءِ نشاني طور پنهنجون ڪجهه تصويرون ڇڏي وڃڻ ٿو چاهيان. اهڙيون تصويرون جيڪي فن جي ڪنهن پرستار کي خوش ڪرڻ لاءِ نه بلڪ سچي انساني جذبن کي شڪل ڏيڻ لاءِ ٺاهيون ويون هجن.

نيونين ڊسمبر 1883ع

جيتري ٽائين منهنجو سوال آهي ته مان سڌي رستي تي هلڻ جي ڪوشش ڪندس ۽ انتهائي سادين ۽ عام شين جون تصويرون ٺاهيندس. روزبروز منهنجو هي يقين پختو ٿيندو ٿو وڃي ته جيڪي مصور فطرت سان گڏ جدوجهد نه ٿا ڪن اهي ڪڏهن به ڪامياب نه ٿا ٿي سگهن.... ۽ مان اهو تسليم ڪريان ٿو ته نقاد ۽ فن کي پرکڻ وارا اگر فطرت کان سٺي طرح واقف هوندا ته تصويرن جي باري ۾ انهن جي راءِ وڌيڪ درست هوندي.

نيونين – اپريل 84ع

ملي جون تصويرون ڏسي هي قول ڪيڏو درست معلوم پيو ٿئي ته "هُن جو هاري هُن جي مٽي مان مصور ڪيل محسوس ٿو ٿئي، جنهن مٽي ۾ هو ٻج ڇٽي رهيو هوندو آهي." ڪيڏي وڏي سچائي آهي، انهي ڳالهه ۾ ۽ اها ڳالهه ڪيڏي اهم آهي ته اسان اهي رنگ تيار ڪرڻ سگهون، جنهن جو ڪوئي نالو ناهي. ليڪن جيڪي سڀني شين جو بنياد آهن.

نيونين – جون 84ع

مصورن ۾ هڪ خامي اها آهي جو پاڻ پنهنجون تصويرون نه ٿا وڪڻي سگهن. انهي جي باوجود پاڻ کي رنگن ۽ ماڊلن وغيره جي لاءِ رقم جي ضرورت هوندي آهي ته جيئن پاڻ اڳتي وڌي سگهون. اها خامي تمام بري بلا آهي. —— هونئن مصوري —— خاص طور تي ڳوٺاڻي زندگي جي تصويرڪشي...... دل کي سڪون پهچائي ٿي. خواه مصور ڪيترن ئي فڪرن ۽ پريشانين ۾ گهريل هجي. مصوري منهنجي نظر ۾ مصور جو گهر آهي.

مان تهذيب جي تنگدلي کان بيزار ٿي ويو آهيان. هي ڪيڏو نه سٺو آهي جو اسان سياري ۾ برف ۾—— پن ڇڻ جي پيلن پنن ۾—— گرمين ۾ پڪل اناج ۾...... ۽ بهار ۾ سرسبز گاهه (ڇٻر) ۾ ساهه کڻون..... هميشه فصل لڻن وارن ۽ ڳوٺاڻين عورتن/ڇوڪرين سان گڏ رهڻ - گرمين ۾ وسيع آسمان هيٺ ۽ سردين ۾ آتش دان جي سامهون ويهڻ ۽ اهو محسوس ڪرڻ ته هميشه ائين ٿي رهيو آهي ۽ ائين ئي رهندو.... ڏاڍو خوشگوار آهي.

شايد ميرئي تنهنجي انهي ڳالهه سان متفق هجي ته سٺيون تصويرون ٺاهڻ ۽ وڪڻڻ به الڳ الڳ ڪم آهن. ليڪن اها ڳالهه درست نه آهي. ماڻهن جڏهن ملي

جون سموريون تصويرون گڏ ڏٺيون ته پيرس ۾ لنڊن ۾ پنهنجي جڳهن تي زبردست خوشي جو اظهار ڪيو ويو ۽ ڪير هئا اهي ماڻهو جن ملي ڪي مٽي ايرڻ نه ڏنو هو؟ فن جا واپاري ۽ نام نهاد نقاد.

نيونين جولائي 84ع

هارين ۽ مزدورن کي مصوري ڪرڻ بظاهر آسان نظر اچي ٿو. ليڪن هرروز نظر اچڻ وارن انهن ماڻهن جي تصويرڪشي کان وڌيڪ ڏکيو ڪم ٻيو ڪوبه نه آهي. جيتريقدر مان ڄاڻان ٿو، مصوري سيکارڻ واري ڪا اهڙي درسگاهه نه آهي. جو مٽي کوٽڻ وارا مزور ـــ فصلن پوکڻ وارا هاري ـــ چلهه تي ديڳڙي چاڙهيندڙ عورت ۽ ڪپڙا سبندڙ عورت کي مصور ڪرڻ سيکاريو ويندو هجي. ليڪن هر شهر ۾ فن جون اهڙيون درسگاهون ملن ٿيون جنهن ۾ تاريخي..... عربي جا ۽ لوئي پندرهين جي عهد جي ماڻهن جا ماڊل ڻاهيا وڃن ٿا. جيڪي مصور ديهي زندگي ۽ عام ماڻهن جي زندگي کي مصور ڪندا آهن. خواه ڏاڍو جلدي انهن جو شمار ڪامياب ماڻهن ۾ نه ٿي سگهي، ليڪن اهي انهن مصورن جي مقابلي ۾ وڏي عرصي تائين زنده رهندا. جيڪي پيرس ۾ ويهي جسماني لذتن سان ڀريل حرمن ۽ پادرين جون تصويرون ڻاهيندا آهن. اهو چوڻ جي بجاءِ ته (مصور ڪيل) هاري ۾ ڪردار هجڻ کپي. مان چوان ٿو ته هاري کي هرڪم ڪندي هاري جي روپ ۾ ۽ مزدور کي ڪم ڪندي مزدور جي روپ ۾ پيش ڪرڻ کپي. صرف انهي صورت ۾ انهن جي تصويرن ۾ ڪجهه جدت پيدا ٿيندي. مان وري دهرائي رهيو آهيان ته ڪم ڪندڙ هاري ...... اها آهي حقيقي معنيٰ ۾ تصوير ۽ جديد مصوري......

نيونين ـ آڪٽوبر 1885ع

هاڻ منهنجي رنگن ۾ رواني اچڻ لڳي آهي...... اهو درست آهي. هاڻي به جڏهن مان ڪا تصوير شروع ڪندو آهيان ته اڪثر غلطيون ڪري ويندو آهيان. ليڪن رنگ هڪ سلسلو بنائي خودبخود اچي ويندا آهن. ڪنهن هڪ رنگ کان ابتدا ڪندي منهنجي ذهن ۾ اهو چڱي طرح واضح هوندو آهي ته اڳيون رنگ ڪهڙو هوندو ۽ هن ۾ روح ڪيئن وڌو ويندو.

فطرت کان مان هڪ سلسلو، رنگن جي امتزاج جي هڪ درست ترتيب اڌار وٺندو آهيان. فطرت تي اهو مان انهي لاءِ منحصر ڪندو آهيان ته جيئن حماقتون نه ڪري ويهان. مونکي انهي ڳالهه جو ڪو فڪر ناهي هوندو ته منهنجا رنگ، فطرت جي رنگن سان ملن ٿا يا نه بشرطيڪ هو ڪنوس تي خوبصورت لڳندا هجن، ايترائي خوبصورت جيترو هو فطرت جو حصو بڻجي لڳندا آهن.

هڪ ٻيو مثال، فرض ڪريو ته مون کي پن ڇڻ جي پيلن پنن سان ڀريل وڻ

جي تصوير ٺاهڻي آهي سو مان پيلي رنگ جي سمفني جي روپ ۾ ان جو تصور ڪندو آهيان. هاڻ منهنجو پيلو رنگ هوبهو پيلن پنن جهڙو آهي يا نه. انهي جي پيلا ڪهڙي اهميت ٿي سگهي ٿي. ڪجهه به نه.

اينٽوڪرپ ڊسمبر 85ع

تصوير ٺاهيندي مان بلڪل ٿڪجي پوندو آهيان. ليڪن وان ڊرٿو ٻڌايو آهي ته مان ڪافي سگهارو آهيان ۽ مون کي اهو ڏسي مايوسي نه ٿيڻ کپي ته مان ان عمر تائين نه پهچي سگهندس، جيڪو زندگي جي ڪم ڪرڻ لاءِ ضروري آهي.

مان اهو به سوچان ٿو ته اگر اسان اندر جي سڪون ۽ خوشي کي قائم رکون ته انهي سان اسان کي پنهنجي ڪم ۾ ڪافي مدد ملندي آهي. انهي اعتبار سان هتي اچي مونکي فائدو مليو آهي. ڇو ته هتي مونکي نوان خيال سجهن پيا ۽ جيڪو ڪجهه مان سامهون آڻڻ چاهيان ٿو انهي لاءِ مونکي نوان وسيلا ميسّر ٿيا آهن. پن رنگن، ڪرمائين (هڪ طرح جو ڳاڙهو) ۽ ڪوبالٽ (هڪ طرح جو نيرو)... ته مونکي چڻ ته پاڳل ڪري ڇڏيو آهي.

ڪوبالٽ ڪراماتي رنگ آهي، ماحول جي تصويرڪشي لاءِ ايترو خوبصورت ٻيو ڪوبه رنگ نه آهي. ڪرمائين ۾ شراب جي لالائي آهي۽ اهو شراب وانگر گرم ۽ زندگي سان ڀرپور آهي.

مون کي پنهنجي ضرورت جا ماڊل ملي رهيا آهن، اگر وڏي تعداد ۾ ماڊل حاصل ڪري سگهان ته وڌيڪ سٺيون تصويرون ٺاهي سگهان ٿو. ليڪن ائين ڪرڻ سان خرچ تمام گهڻو وڌي ويندو.

هتان جي آبادي ۾ عورتن کي ڏسي منهنجي دل ۾ ڏاڍو تکو جذبو پيدا ٿئي ٿو. انهي سان گڏ جسماني وصال جو نه پر انهن کي مصور ڪرڻ جو جذبو..... هونئن ته مان اهي ٻئي شيون پسند ڪريان ٿو.

پنهنجي جسماني ساخت جي باري ۾ ايمسٽرڊم جي ڊاڪٽر جي هڪ ڳالهه ٻڌي مونکي ڏاڍي خوشي ٿي آهي. ڊاڪٽر مون کي هڪ عام مزدور سمجهيو ۽ چيائين "منهنجي خيال ۾ تون هڪ لوهار آهين." پنهنجي اندر اهڙي قسم جي تبديلي آڻڻ لاءِ ته مون ڪوشش ڪئي آهي. جواني جي ڏينهن ۾ مان ضرورت کان وڌيڪ عالم قسم جو ماڻهو لڳندو هئس ۽ مان ماهي گير يا لوهار لڳان ٿو. پنهنجي جسماني طاقت انهي حد تائين تبديل ڪرڻ ڪا آسان ڳالهه نه آهي.

تون شايد انهي کي سمجهي نه سگهندين. پوءِ به اها حقيقت آهي ته جڏهن (تنهنجا موڪليل) پئسا ملندا آهن ته منهنجي سڀ کان وڏي بک ماني ناهي هوندي. باوجود انهي جي جو مان ڪيترن ڏينهن کان بکيو هوندو آهيان. بلڪ

سڀ کان وڏيڪ هوندي آهي تصوير ٺاهڻ جي ۽ مان پئسا ملندي ئي ماڊل جي ڳولا ۾ نڪري پوندو آهيان ۽ پوءِ جيستائين سڀئي پئسا ختم نه ٿا ٿي وڃن تصوير تي تصوير ٺاهيندو ويندو آهيان. جنهن گهر ۾ مان ڪمرو وٺي رهندو آهيان، هو سويرو جيڪو ناشتو ڏيندا آهن، انهي تي سڄو ڏينهن گذاري ڇڏيندو آهيان ۽ رات جو ڪافي جي هڪ پيالي سان گڏ ڊبل روٽي کائيندو آهيان، جيتري دير تصوير ٺاهيندو رهندو آهيان اهو ئي منهنجي لاءِ ڪافي هوندو آهي. ليڪن جڏهن ماڊل ڪٿي ويندا آهن ته ڏاڍي ڪمزوري ٿيڻ لڳندي آهي.

منهنجي تصوير اگر هاري عورتن (هارياڻين) جي هوندي آهي ته منهنجي خواهش هوندي آهي ته اهي صحيح معنيٰ ۾ هارياڻيون لڳن، اهڙي طرح اگر تصوير رنڊين جي آهي ته مان چاهيان ٿو ته ان مان رنڊي پڻ (فهاشي) جهلڪي. انهي لاءِ ته ريمبران جي رنڊي جي تصوير مون کي ايتري قدر متاثر ڪيو آهي جو هُو رنڊي جي نانڪي مسڪراهٽ کي انتهائي خوبصورتي سان گرفت ۾ وٺڻ ۾ ڪامياب رهيو آهي ۽ اهو به اهڙي سنجيدگي سان جيڪو هَن جهڙي عظيم جادوگر جو ئي ڪم آهي.

پيرس اونهاري جي مند 1887 ع

مونکي هميشه اهو محسوس ٿيندو آهي ته مان هڪ مسافر آهيان ۽ ڪيڏانهن منزل ڏانهن وڃي رهيو آهيان ۽ اگر اهو مان چوان ته انهن "ڪيڏانهن" ۽ "منزل" جو ڪو وجود ناهي ته اهو به مونکي غلط ۽ ناممڪن نه ٿو لڳي.

آگسٽ، سيپٽمبر 1888 ع

زندگي ۽ مصوري ۾ مان خدا کان سواءِ به سٺي نموني سان ڪم هلائي ٿو سگهان. ليڪن هن بيماري جي حالت ۾ به مان هڪ شئي کان سواءِ ڪم نٿو هلائي سگهان جيڪا مون کان به وڏي آهي، جيڪا منهنجي زندگي آهي...... تخليق جي قوت!

اگر ڪو شخص اولاد پيدا ڪرڻ جي صلاحيت وڃائي وينو آهي ۽ هو اولاد جي جاءِ تي خيالات پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي ته اهو به انساني سماج جو هڪ انتهائي لائق فرد آهي.

پنهنجن تصويرن ۾ مان سڪون ۽ اطمينان جي اهڙي ڳالھ ڪرڻ چاهيان ٿو جهڙي موسيقي ۾ ملي ٿي. مان عورتن ۽ مردن جي صورتن ۾ ڪا اهڙي ڳالھ پيدا ڪرڻ چاهيان ٿو جيڪا امر هجي.

آرل 23 جنوري 1889 ع •

...... سورج مُکي جو گل ڇڻ ته منهنجي پنهنجي دولت آهي.

آرل 3 فيبروري 1889 ع

بيماري ۽ موت مون کي خوفزده نٿيون ڪن. پيسو هڪ قسم جو سڪو آهي ۽ مصوري بلڪل ٻي قسم جو.

سي ريمي سيپٽمبر 1889ع

جڏهن مونکي مرگهي جو دورو پوندو آهي ته مان درد جي سامهون بزدل ٿي ويندو آهيان..... ايترو بزدل جيترو مون کي ٿيڻ نه کپي. شايد اهو انهي اخلاقي ڪمزوري جو اثر آهي. جتي اڳي مان ٺيڪ نه ٿي ٿيڻ چاهيو اتي مان پڻ ماٺهن جيترو کائيندو آهيان، گهڻي محنت ڪندو آهيان. ٻين مريضن سان گهٽ ميل جول رکان ٿو. انهي خوف کان ته ڪٿي ٻيهر نه دورو پئجي وڃي. مان انهي شخص وانگر دوباره سنڀلڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهيان جيڪو خودڪشي جي ارادي سان پاڻي ۾ ٽپي پوندو آهي. ليڪن اهو ڏسي ته پاڻي ڏاڍو ٿڌو آهي. ڪناري ڏانهن واپسي لاءِ هٿ پير هڻڻ لڳندو آهي.

مان اداس نه آهيان. ڪيئي ڀيرا درد جي عالم ۾ به مذهبي خيالن مونکي ڏاڍو سڪون ڏنو آهي.

مان چڱي طرح ڄاڻان ٿو ته انسان اگر پنهنجي خواهش ۽ پنهنجي پاڻ سان محبت کي ترڪ ڪري سچي دل سان درد ۽ موت لاءِ تيار ٿي وڃي ته ان جي اندران سٺي صحت پيدا ٿيندي آهي. ليڪن منهنجي لاءِ اهو سڀڪجهه بي معنيٰ آهي. مان تصويرون ٺاهڻ چاهيان ٿو. انسانن ۽ شين کي ڏسڻ چاهيان ٿو. منهنجو خيال آهي مان انهن روحن مان آهيان جيڪي جيئڻ لاءِ به تيار هوندا آهن ۽ ڪنهن لمحي درد سهڻ لاءِ به.

....زندگي گذرندي پئي وڃي ۽ گذريل وقت موٽي نه ايندو آهي. مان دل وجان سان ڪم ۾ ٻڌل آهيان. ڇو ته مان ڄاڻان ٿو ته ڪم ڪرڻ جو اهو موقعو ٻيهر هٿ نه ايندو.

منهنجي ڪري تون ڪيڏو رحم دل آهين ۽ منهنجي ڪنهن قدر خواهش آهي ته تنهنجي لاءِ ڪو سٺو ڪم ڪري سگهان ۽ ثابت ڪري سگهان ته مان تنهنجو ڪيتريقدر قرضي آهيان.

اووير ـ سيوَرووز جون 1890ع

هتي ڌنڌلي آسمان جي هيٺان پري پري تائين ڪيت ڦهليا پيا آهن ۽ مان نه ٿو چاهيان ته پنهنجي اداسي ۽ حددرجي جي تنهائي جو اظهار ڪريان.

اووير ـ سيوَرووز جولائي 1890ع

..... پنهنجي ڪم لاءِ مون زندگي جي بازي لڳائي ڇڏي آهي.

تنهنجو دوست ونسينٽ.

ترجمو :ـ رمضان راهي

امر لغاري

# جڳ مشهور آمريڪي ناول نگار وليم فاڪنر جي زندگيءَ جو مختصر احوال

وليم فاڪنر آمريڪا جي ڏاکڻين رياستن مان هڪ "مسيسپي" جي شهر "نيو الباني" ۾ 25 سيپٽمبر 1897ع ۾ ڄائو هو. هن جو پيءُ مري سي فاڪنر(Murry C. Falkner) گهوڙن جي هڪ وڏي تنبيلي ۽ لوهي پرزن جي هڪ اسٽور جو مالڪ هو. بعد ۾ هو هڪ ٻئي شهر آڪسفورڊ لڏي ويو جتي مسيسپي يونيورسٽيءَ ۾ ڪاروباري مئنيجر طور ڪم ڪيائين. مري سي. فاڪنر 1896ع ۾ ماڊ بٽلر نالي هڪ ڇوڪري پڄائي سائس شادي ڪري ويهي رهيو. اهو انڪري جو بٽلر جي ماءُ ليليا (جا سخت پردي واري عورت هئي ۽ طلاق ورتل پڻ) پنهنجي ڌيءَ جو سڱ ڏيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو ۽ اهڙي طرح آخري دم تائين ان شادي کي قبول ڪرڻ کان انڪار ڪندي رهي، ڇو تہ مري سي. فاڪنر هڪ بدمست شرابي ۽ چيڙاڪ طبيعت جو مالڪ هو.

وليم، مري - سي - فاڪنر ۽ ماڊ بٽلر جي چئن پٽن مان وڏي ۾ وڏو پٽ هو. هن کي شروع کان ئي ڪو خاص سٺو ماحول نہ مليو پر هن جي ماءُ جا جوزيف ڪونراڊJoseph Conrad، شيڪسپيئرShakespeare، چارلس ڊڪنسCharls Dickens ۽ مارڪ ٽائنMark Twain جهڙن ليکڪن کي پڙهندي رهندي هئي، تنهن فاڪنر کي ادبي ماحول مهيا ڪيو. هوڏانهن سندس پيءُ پڻ مغربي رومانس جو ڏاڍو شوقين هو. وليم فاڪنر ننڍي هوندي کان ئي راندين، شڪار جو شوقين هو. هو بيس بال ۽ فوٽبال کيڏندو رهندو هو. جهنگل وچي لومڙ ۽ ٻين جانورن جو شڪار ڪندو هو. هو مڇي پڪڙڻ جو شوقين پڻ هو. ٻاراڻي عمر ۾ هن جي سنگت ٻن ڇوڪرين، ايسٽيليءَ ۽ سيليءَ سان ٿي. هن کي ڀيڻ نہ هئڻ ڪري سيليءَ کي پنهنجي ڀيڻ ڪري سڏيائين ۽ ايسٽيليءَ ۾ هن پنهنجي جيون جي ساٿي جو عڪس ڏسي ورتو.

1907ع ڌاري وليم فاڪنر جي ڏاڏي ۽ نانيءَ ٻئي گذاري ويون. هن جي ناني، جا بعد ۾ سندس مشهور ناول "The Sound and the Furry " ۾ ديمندي جي

نالي ۾ عڪس بند ڪئي وئي، ڪينسر وگهي ڏاڍي اذيتناڪ موت مري وئي.
فاڪنر پنهنجي ناول The Sound and the Furry ۾ نہ فقط پنهنجي نانيءَ جي آخري رسمن کي قلمبند ڪيو آهي پر ٻارن جي هڪ ميڙ تي ان رسمن جي اثراتن کي پڻ چيندڙ انداز ۾ پيش ڪيو آهي.
جڏهن وليم فاڪنر کي ٽيون ڀاءُ ڄائو تہ هن کي لڳو ڄڻ هو والدين جي توجه کان هٽي ويو هجي. هن کي شدت سان اڪيلائي جو احساس ٿيڻ لڳو. وليم فاڪنر سان پنهنجي پيءُ جو رويو اڳي کان بہ ڏاڍو غير انساني رهندو پئي آيو. سورهن سالن جي عمر ۾ فاڪنر اسڪول کي خيرباد چيو ۽ پنهنجو سڄو وقت لکڻ ۾ گذارڻ لڳو. لکندي لکندي کيس اهو احساس ٿيندو هو تہ ڪو هن جو ساٿي هجي ۽ هن جون لکيتون پڙهي سندس رهبري ڪري. ان خواهش کي عملي جامو پهرائڻ لاءِ هن هڪ دوست ناهي ورتو جنهن جو نالو فل اسٽون(Phil Stone) هو.
1914ع جي ڳالهہ آهي جڏهن فاڪنر جي زندگي جذباتن ۽ احساسن سان ڀريل هئي. اسٽون هن کان چار سال وڏو هو. جيتوڻيڪ هو دنياوي ماڻهو هو، پر ادب سان کيس ڏاڍو لڳاءُ هو. اسٽون فاڪنر کي ڏاڍو اتساهيو، فاڪنر پنهنجيون شروعاتي ڪجهہ نظمون هن جي آڏو رکيون ۽ ڪانئس اصلاح ورتائين.
اسڪول ڇڏڻ کان پوءِ فاڪنر ڪجهہ وقت لاءِ پنهنجي ڏاڏي جي بينڪ ۾ بوڪ ڪيپر طور ڪم ڪيو، جتي شراب پيئڻ شروع ڪيائين. تيرهن سالن کان ويهن سالن جي عمر تائين فاڪنر اداس، غير مطمعن ۽ ٿڪرايل زندگي گذاريندو رهيو.
1917ع ۾ هو فائيٽر پائليٽ ٿيڻ لاءِ ويو جتي قد جي گهربل گهرج پوري نہ ڪرڻ سبب واپس ڪيو ويو. ان کان بہ وڌيڪ صدمو تڏهن پهتس جڏهن ايسٽيلي، جنهن ۾ فاڪنر ڪافي دلچسپي بہ ڏيکاري هئي، ڪنهن ٻئي همراه سان شادي ڪري ويهي رهي. انهن ذهني مونجهارن ۽ پريشانين کان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ خاطر هُن ڇڪلي جو منهن ڪيو. ان عرصي ۾ هن جيتريون بہ نظمون لکيون سي 1924ع ڌاري'The Marble Faun' جي سري هيٺ ڇپي پڌرو ٿيون. ستت پوءِ وليم فاڪنر ڪينيڊا رائل ايئر فورس(R.A.F) ۾ شرڪت اختيار ڪئي. جتان کيس تربيت لاءِ ٽورنٽو موڪليو ويو. ٽريننگ کان اڳ بہ جنگ ختم ٿي وئي. فاڪنر لڳ ڀڳ ستن سالن تائين اتي رهيو. بعد ۾ کيس واپس موڪليو ويو. واپس اچڻ کان پوءِ ڪجهہ عرصو هو پنهنجي شهر آڪسفورڊ جي ڀر پاسي رهندو رهيو. پهريان هڪ بہ سال ڪڏهن ڪڏهن مسيسپي يونيورسٽي ۾ ڪلاسون بہ اٽينڊ ڪندو رهيو. مختلف قسمن جون عجيب عجيب نوڪريون ڪندو رهيو ۽ پابنديءَ سان لکندو رهيو. زياده تر نظمون ۽ مضمون، جيڪي شاگردن جي رسالن ۾ ڇپندا رهيا. فاڪنر جي زندگي گهڻي ڀاڱي بي مقصد گذري رهي هئي.
سَنءُ 1921ع ۾ فاڪنر نيويارڪ ويو. اتي هڪ ڪتاب گهر ۾ نوڪري ملي ويس.

ان ڪتاب گهر جي سنياليندڙ عورت اڳتي هتي آمرڪيا جي مشهور ناول نگار ۽ ڪهاڻيڪار شيرووڊ اينڊرسن جي گهر واري ٿي. فاڪنر جي اها نوڪري گهڻو عرصو نہ هلي سگهي. ڊسمبر ڌاري هو آڪسفورڊ موٽي آيو. اتي پوسٽ ماسٽر طور نوڪري ورتائين. فاڪنر کي اهڙي قسم جي ڪم ۾ نڪو بہ دلچسپي نہ هئي ۽ نہ ئي ويهي هن ان نوڪري جي قائدن ۽ قانونن جي پابندي ڪئي. ان ڪري 1924ع ۾ کيس استعفا ڏيڻ تي مجبور ڪيو ويو. 1925 ۾ فاڪنر ڪنهن دوست جي صلاح تي "نيو آرلين" هليو ويو، جتي سندس واقفيت شيرووڊ اينڊرسن سان ٿي. اينڊرسن شهر جي ادبي ۽ فني لڏي جي مرڪزي شخصيت هو. ٻنهي ۾ ڪافي سٺي دوستي رهي. ڪجهہ وقت کانپوءِ اها دوستي بہ ويندي رهي. ٻئي نشي جي حالت ۾ جهيڙو ڪري ويهي رهيا.

1926ع ۾ فاڪنر جو پهريون ناول (Soldier's Pay) ڇپي پڌرو ٿيو. جنهن کي ٿوري گهڻي پذيرائي ملي ويئي. پر ان ناول جي مسودي ۽ ڇپائي جي وچ واري عرصي دوران فاڪنر کي يورپ جا ڪجهہ ملڪ ڏسڻ جو موقعو ملي ويو. جڏهن موٽي آيو تہ هن (Mosquitoes) جي مسودي تي ڪم ڪرڻ شروع ڪري ڏنو، جيڪو بعد ۾ 1927 ۾ ڇپيو. 1929ع ۾ (Sartoris) ۽ (The Sound and the Furry) ظاهر ٿيا. 1931ع ۾ (Sanctuay) جڏهن تہ (Light in August) 1932 ۾، ۽ (Absalom, Absalom) 1936 ۾ نمودار ٿيا. ناولن جي انهي ڊگهي قطار کانپوءِ فاڪنر ادبي کيتر لاءِ ڪو نئون ڪونہ رهيو 1929 ڌاري ايسٽيليءَ جي شادي ڪامياب ثابت نہ ٿيڻ تي ٽٽي پيئي. هن کي ٻہ ٻار ٿيا. جڏهن ايسٽيليءَ کي باقائده طلاق ملي ويئي تہ هن پنهنجي پراڻي پيار ڪندڙ (فاڪنر) ڏانهن واجهايو. فاڪنر ٻن مهينن تائين سوچيندو رهيو. فاڪنر جي ماءُ ان شادي لاءِ راضي نہ هئي، ڇاڪاڻ جو ايسٽيليءَ خود بہ شراب جي عادي هئي. جڏهن تہ ايسٽيلي جو پيءُ فاڪنر جي مالي حيثيت کان مطمعن نہ هو.

بهرحال 20 جون 1929ع تي ٻنهي جي شادي ٿي ۽ ٻئي مسيسيپي جي شهر پاساگولا ڏانهن هني مون ملهائڻ لاءِ نڪري پيا. اتي هڪ ڏکوئيندڙ واقعو پڻ پيش آيو، جو تہ ايسٽيليءَ هڪ رات اتي خود ڪشي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي (چيو وڃي ٿو تہ فاڪنر جنسي طرح کان ڪمزور هو جنهن جو اظهار هن پنهنجن دوستن سان بہ ڪيو هو.) انهن ڳالهين جا ڪجهہ اشارا فاڪنر جي ناول (Sanctuary) ۽ ڪجهہ ٻين ناولن ۾ بہ ملن ٿا.

1932 ڌاري فاڪنر جي پيءُ جي وفات کانپوءِ سڀ گهرو ذميواريون مٿس اچي ڪڙڪيون. هو هاڻ سڄي خاندان جو سربراهہ ٿي پيو. معاشي ۽ مالي حالتن جو بار مٿس اچي پيو. ان عرصي ۾ جون 1932 ع ۾ ڇوڪري پيدا ٿي، جيڪا کيس ڏاڍي پياري هئي. طبيعت ۾ هوبهو فاڪنر جهڙي هئي. ان خوشيءَ هوندي بہ

فاڪنر شراب پيئڻ نہ گھٽايو. بلڪ پيئڻ جي شدت اڃا بہ وڌي وڌندي. ان سان گڏوگڏ گھرو اڻبڻت بہ وڌندي رهي. ايتري قدر جو فاڪنر ۽ سندس گھرواري هڪ ٻئي تي جسماني تشدد تائين لهي ايندا هئا. پر سندن ڇوڪري اهڙي شيءِ هئي، جنهن ٻنهي کي گڏ رهڻ تي مجبور پئي ڪيو. 1932 کانپوءِ فاڪنر کي هاليوڊ کان ڪافي آڇون ملڻ شروع ٿيون. اهي آڇون جيتوڻيڪ هن جي فني ۽ ادبي زندگي لاءِ نقصان ڪار هيون، مالي حالتن اڳيان ڪيس گوڏا کوڙڻا پئجي ويا. هاليوڊ فاڪنر کي نہ فقط گھريلو اڻبڻتن، ٻين ذهني عقوبتن ۽ مالي مسئلن کان ڇوٽڪارو ڏياريو، بلڪ خوبصورت عورتن جي وچ ۾ اچي ڪڙو ڪيو. آخرڪار فاڪنر جو ميٽاڪارپينٽر نالي هڪ عورت سان افيئر شروع ٿي ويو. هن فاڪنر تي زور پريو تہ هو ايسٽيليءَ کي طلاق ڏيئي ڇڏي، پر فاڪنر ائين نہ ڪيو. نيٺ گھڻي ئي انتظار کانپوءِ تنگ ٿي هن وڃي ٻي دل وسائي.

ان عرصي ۾ فاڪنر بہ ٽي ٻيا ڪتاب بہ ڇپايا. 1938 ۾ (The Unvanguished) 1939ع ۾ (The Wild Palms) ۽ 1940ع ۾ (The Hamlet) ظاهر ٿيا. 1942ع ۾ (Go Down Moses) کانپوءِ فاڪنر ٿورو لکيو ۽ ڪجھ بہ نہ ڇپايو. ٻي جنگ عظيم کانپوءِ هن وري سپاهي ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي، پر شراب جي عادت جي ڪري ڪامياب نہ ويو. بعد ۾ هاليووڊ ۾ ڪنهن فلمي ايجنٽ سان ستن سالن جو معائدو ڪيائين ۽ ڪيترن سالن تائين اتي ڪم ڪندو رهيو. ان دوران هن هڪ نئين ناول (A Fable) تي ڪم ڪرڻ شروع ڪيو. پر وچ ۾ 1948ع ۾ سندس ٻيو ناول (Intruder in the Dust) نالي ظاهر ٿيو.

هاڻ فاڪنر کي ڪيئي ايوارڊ ملڻ شروع ٿي ويا. ايتري قدر جو ڪيس ادب جو نوبل انعام ڏيڻ جو پڻ اعلان ڪيو ويو. صحافي، ناشر، ۽ ٻيا اهم ماڻهو سندس در جا چڪر ڪاٽڻ لڳا. فاڪنر اهو انعام حاصل ڪرڻ لاءِ اسٽاڪ هوم وڃڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. گھر وارن دوستن، ماسترن سڀني ڪيس منٿون ميڙهون ڪيون، پر همراه پڙ ڪڍي ويهي رهيو. نيٺ سندس پياري ڌيءَ جِل (Jill) يورپ جي سفر لاءِ سنبري اٿي تہ همراه بہ ڪٽي هائو ڪئي. اڌ نشي جي حالت ۾ هن ويهي تقرير لکي. جا ڪيس اتي ڪرڻي هئي. اها تقرير بعد ۾ فاڪنر جي ادبي شهپارن مان هڪ ڳڻجڻ لڳي.

عُمر جي آخري سالن ۾ بہ فاڪنر گھوڙي سواري ۽ شڪار جهڙا شوق ڪندو رهيو. نشو، خاص ڪري شراب بہ ساڳئي مقدار کان وڌيڪ واپرائيندو رهيو. پوءِ ورجينا يونيورسٽي ۾ ريزيڊينس رائيٽر ۽ ليڪچرار طور ڪم ڪيائين. نيٺ اهڙو وقت بہ آيو جو فاڪنر ۽ سندس گھر واري ٻيهر هڪ ٻئي جي عشق ۾ گرفتار ٿي ويا ۽ شايد سندن خوشگوار زندگي جي شروعات عمر جي آخري سالن ۾ شروع ٿي. فاڪنر جي ڇوڪريءَ جِل (Jill) کي ٽي ٻار ٿيا ۽ هن انهن ٻارڙن جي وچ ۾

پاڻ کي بيحد خوشنصيب ڀانيو. پر فاڪنر کي خبر هئي تہ موت هن جي چائنٽ تي بيٺل آهي، ۽ انهن ئي آخري سالن ۾ ڪيس ان وقت جي آمريڪي صدر ڪينيڊي وائيٽ هائوس تي ڊنر لاءِ گهرايو. فاڪنر ان دعوت تي ڏاڍو ڪاوڙيو ۽ چيائين،

"I am too old to go that far to eat with Strangers"

1962ع ڌاري سواري ڪندي گهوڙي تان ڪري پيو، ۽ سخت چوٽ رسيس. ان سان گڏوگڏ شراب تي بہ ڪثي ڏاڍو زور رکيائين. آخرڪار 6 جولائي 1962 ڌاري دل جي دوري سبب لاڏاڻو ڪري ويو

مددي ڪتاب

(A Critical study)

William Faulkner

The Sound and the Furry.

---

## هڪ گذارش:-

### ليکڪن لاءِ

مهرباني ڪري پنهنجو مواد صاف، سهڻن اکرن ۾ پني جي هڪ پاسي لکن ۽ جنهن بہ ليکڪ جي لکڻي ترجمو ڪن تہ ان جو تعارف ضرور لکي موڪلين. گڏوگڏ جتان ۽ جنهن ٻولي مان ترجمو ڪيو هجين تہ ان جو حوالو ضرور ڏين. مخزن جي مطالعي کان پوءِ ست پنهنجي قيمتي راءِ کان آگاهہ ڪن.

### گهرائڻ لاءِ

ڪو بہ شخص سڌو سنئون اداري وٽان مخزن گهرائڻ چاهي تہ اهو گهٽ ۾ گهٽ ٻہ ڪاپيون گهرائي تہ ٽپال خرچ ادارو ڀريندو.

### بوڪ اسٽالن لاءِ

گهٽ ۾ گهٽ پنج ڪاپين جو آرڊر لکي موڪلين. مارڪيٽ ريٽ موجب رعايت ڪئي ويندي، ۽ ڪتابن جي وڪري جي رفتار کان آگاهہ ڪن.

ادارو

جيستائين هو ان منزل کي پهچي ٿو، تيستائين گار (لعنت) هيٺ رهي ٿو. هو پيار تي نه، پر عيش تي لکي ٿو، هو شڪستن جي باري ۾ لکي ٿو، جنهن ۾ ڪوبه قدر جي صورت ۾ ڪجهه به نه ٿو هارائي، فتحن تي لکي ٿو، ڪنهن اميد کان سواءِ، ڪنهن همدردي ۽ رحم ترس کانسواءِ. هن جا غم عالمگيري هڏن کي چٽيندا وڃن ٿا، پر اتي ڪو نشان به نه ٿا ڇڏين. هو دل جي باري ۾ لکي نه ٿو پر عضون تي وينو مٿو کپائي.

جيستائين هو اهي شيون وري سکي، تيستائين هو ائين لکندو. ڇڻ هو انسان ذات جي وچ ۾ بيٺو آهي ۽ هن جي پوياڙي ڏسي رهيو آهي. مان انسان ذات جي فنا ٿيڻ کي نه ٿو مڃان. اهو چوڻ بيحد سولو آهي ته انسان قائم آهي، ڇاڪاڻ جو هر برداشت ڪري سگهي ٿو. جڏهن موت جي گهنڊڻين جو آواز ڪڇڻي پنيان وڃي اُن آخري خصيص پينگهي سان ٽڪرائجي نيست ٿي وڃي، جيڪو سُرخ ۽ سڏڪا پريندڙ آخري شام مهل ڪنهن بي ست جاءِ تي لٽڪيو پيو هجي. ان هوندي به هڪ پيو آواز موجود هوندو، جيڪو ڪمزور ۽ گهڻ، معنائي هجڻ جي باوجود به گونجندو رهندو. مان ان کي مڃڻ لاءِ تيار نه آهيان. منهنجو يقين آهي ته انسان نه رڳو برداشت ڪندو، پر سوڀ به ماڻيندو. هو قائم آهي، انڪري نه ته ساهوارن ۾ هو ئي اڪيلو جيوت آهي، جنهن کي اها اڻٽڪ آواز مليل آهي، پر ان ڪري جو هو هڪ روح رکي ٿو. هڪ اهڙو روح جو رحم ۽ ترس، ايثار ۽ سهپ جي قابل آهي. شاعر يا ليکڪ جو فرض ٿئي ٿو ته اهڙن ئي انساني جذبن جي باري ۾ لکي. اهو هن جو مرتبو آهي ته هو انسان کي سگهاري دل، همٿ، اميد، وقار، رحم ۽ ترس، همدردي ۽ ايثار ذريعي سهپ پيدا ڪرڻ سيکاري. ڇاڪاڻ ته اهي شيون اسان جي ماضيءَ جو شان رهيون آهن. شاعر جي زبان کي رڳو انسان جو رڪارڊ ٿي ڪم ڪرڻ نه کپي، بلڪه هن کي سهپ ۽ سوڀ حاصل ڪرڻ لاءِ سهائتا طور سهاري يا ٿنڀي جو ڪم ڏيڻ کپي.

انگريزي مان ترجمو:ـ امر لغاري

ڪندي تہ هن ڪونہ پتو. بهانو اهو هوندو تہ عيون جو آواز ڏاڍو جهيڻو هو يا باورچي خانو گهڻو پري آهي. يا اتي چلهي جو شور گهڻو هو. عيون نہ تہ پنهنجي آواز کي گهڻو اوچو ڪري ٿي سگهي ۽ نہ وري هن کي سڏڻ کان سواءِ هن لاءِ رهڻ ممڪن هو. هن وري سڏ ڪيو.

"عدليه!"

عدليه کي ملامت ڪندي هن کي خوف پئي ٿيو. هُو عدليہ جي رحم و ڪرم تي هئي. مڪمل طور تي هن جي رحم و ڪرم تي. هو عدليه کي راضي رکڻ لاءِ ڪنهن بہ حد تائين وڃي پئي سگهي. هو هن کي چڱي چوکي پگهار. ڪپڙا ۽ کاڌو ڏيندي هئي هن جو گهر عدليه ئي سنڀاليندي هئي. هو ان گهر جي حقيقي مالڪڻ بنجي چڪي هئي. عيون انهي بابت ڪري بہ ڇا ٿي سگهي؟ اگر ڪنهن ڏينهن عدليه هن جي ملازمت ڇڏڻ جو فيصلو ٿي ڪيو تہ عيون کي هولناڪ تنهائي ۽ موت جو ٻڪ ٻجهڻو ٿي پيو. هن جي پوري ڪوشش هئي تہ انتهائي ضرورت کان سواءِ هن کي هرگز تڪليف نہ ڏي، ليڪن هن جي وس ۾ ڇا هو؟ زندگي جون ضرورتون تہ آخري ساهہ تائين هلنديون رهنديون.

هن پنهنجي ساٺ ڇڏيندڙ قوت گڏ ڪري هڪ دفعہ ٻيهر سڏ ڪيو:

"عدليه"

ڪاوڙ هن جي هڏائين سيني ۾ ايرڻ لڳي. ليڪن هن پاڻ کي انهي جي شدت ۾ وهي وڃڻ کان روڪي ڇڏيو. آخر عدليه کي ڪم بہ ڪيڏو ڪرڻو پوندو آهي. صفائي ڪرڻ، ماني پچائڻ سودو سامان آڻڻ؛ هن عيون جي هٿن، پيرن ۽ حسيات جي جڳهہ والاري رکي هئي. عيون لاءِ هو سڀ ڪجهہ هئي. هو ئي کائڻ پيئڻ ۾ هن جي مدد ڪندي هئي. هن جو منهن ڌوئاريندي هئي، هن کي اٿاري ويهاريندي هئي ۽ ٻيهر بستري تي ليٽائيندي هئي. ۽ هن جي بيچيني دور ڪرڻ لاءِ هن جو پاسو بدلائي، هن کي ليٽائيندي هئي. هن پنهنجي شڪايت آميز۔ حسرتناڪ آواز کي ٿورو اوچو ڪيو:

"عدليہ"

هن کي ڳرن قدمن جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو، پوءِ عدليه ڪمري جي دروازي تي ظاهر ٿي. هن جي بي حس چهري تي ناگواري جي هڪ مستقل ڇاپ هئي. هن ڪجهہ تکي آواز ۾ پڇيو:

"مون کي سڏيئہ خانم؟"

"سڏ ڪري ڪري منهنجو ڳلو ويهي ويو، عدليہ"

"مون کي هڪ سگريٽ ڏي"

عدليه بستري جي سيراندي کان رکيل ميز تان، پاڪيٽ مان هڪ سگريٽ ڪڍيو، ان کي دکايو ۽ خانم جي چپن ۾ ڏيئي ڇڏيو. چيائين:

"تون ڄاڻين ٿي، سگريٽ پيئڻ تو لاءِ سٺو نہ آهي"
پوءِ هو ڪمري مان هلي ويئي.

اگر ڪنهن ڏينهن عدليه جي صبر جو پيمانو لبريز ٿي ويو تہ اهو عيون لاءِ سزاءِ موت جي برابر هوندو. هو ڪنهن بہ تي پروسو ڪري نہ ٿي سگهي. هن جا ياڻيجا ۽ ڀاڻيجيون، پنهنجي ماسي عيون جي ڪابہ پرواهہ نہ ڪندا هئا. هو توجهہ ۽ يادگيري کان محروم زندگي جي بچيل آخري ساهہ کي خوف ۽ مايوسي وچان ڇهتيل پئي هئي. موت جي منتظر هئي. هن جي اڪيلي پٽ جي هڪ خونريز مظاهري ۾ مارجي وڃڻ ڪري هن جي دل کي بيماري کان اڳ ۾ چيري وڌو هو. عجيب ڳالهہ هي هئي تہ هن جي اڪيلي اولاد سياست جي پينٽ چڙهي ويئي هئي ليڪن هن کي سياست جي ڪابہ ڄاڻ نہ هئي ۽ نہ ئي هن کان ڪجهہ متاثر ٿيندي هئي. پٽ جي مارجي وڃڻ کان هڪ سال پوءِ هن جو مڙس بہ گذاري ويو هو. ۽ هاڻ عيون جون دک درد جون يادون هن جي بيماري جي اذيت ۽ هيڪلائي جي هولناڪ پاڇن ۾ گڏجي ويون هيون.

"بشينه" هن جي مرحوم ڀيڻ جي ڌيءُ اڳين ڀيري عيد تي هن سان ملڻ آئي هئي. هو هڪ پرائمري اسڪول جي پرنسپال هئي ۽ صرف هو ئي هئي جنهن کي اهڙن تهوارن جي موقعي تي عيون جي يادگيري ايندي هئي. هو پاڻ سان گڏ مٺائي جو ڊٻو ۽ گلدستو کڻي آئي هئي. هو هن جي ويجهو ٿي هڪ ڪرسي تي ويهي رهي. عيون جون اکيون پرجي آيون.

هن چيو:

مهرباني بشينه تون ڪيئن آهين؟ سڀ ڪيئن آهن، توهان سڀني کي ڏسڻ لاءِ ڪيترو نہ دل چاهيندي آهي. مگر مون کي پڇي ئي ڪير ٿو.

بشينه معذرت ڪندڙ انداز ۾ مسڪرايو ۽ چيائين:

"زندگي مصروفيتن سان ڀري پئي آهي ماسي!"

"توهان ماڻهن کان سواءِ منهنجو ڪير آهي؟ آخر مُردن کي بہ تہ ڪو نہ ڪو ياد رکندو آهي"

"تنهنجو اڪثر مون کي خيال ايندو آهي ماسي، مگر ڇا ڪريان، مصروفيتن ڪري وقت ئي نہ ٿو ملي"

"سڀ ماڻهو مون کي وساري ويا آهن بشينه!"

بشينه آخر ڪار خاموشي ۾ پناهہ ورتي. عيون چيو:-

"مان آخر توهان جي ماسي آهيان. توهان جي ماءُ جي اڪيلي ڀيڻ جا زنده رهجي ويئي آهي اگر عدليه مون کي ڇڏي وڃي تہ مان هتي پئي پئي بکيو مري وڃان."

هن هڪ دردناڪ آهہ جو آواز ٻڌو ۽ ڳالهائيندي رهي:

"اسين ٽيئي ڀينرون تنهنجي ماءُ، تنهنجي ماسي ۽ مان ڪيترو خوش رهندا هئاسين!"

"خدا انهن تي رحمت ڪري!"

"مان انهن ٻنهي کان نندي هئس، منهنجي خوشين جي ڪا حد ئي نه هئي"

"خدا ڪري تون جلد صحتياب ٿين ماسي!"

"تنهنجي دعا قبول نه ٿيندي بثينه مان اڪيلي رهجي ويئي آهيان. مون کي سيني ڇڏي ڏنو آهي، منهنجي پينشن به منهنجو پاڙيسري آڻي ڏيندو آهي. هن پنهنجي ڪمزور ۽ نيلاڻ مائل هٿ سان پنهنجون اکيون اگهيون. ۽ چيائين:

"مان ڏاڍي خوفزده آهيان بثينه! مون کي ان ڏينهن کان ڊپ تو ٿئي جڏهن عدليه مون کي ڇڏي هلي ويندي"

"ائين نه ٿيندو ماسي! هن کي اهڙو گهر وري ڪٿي ملندو ؟"

"هن کي منهنجو تمام گهڻو ڪم ڪرڻو پوندو آهي، مان هن لاءِ ڏاڍي فڪرمند رهان ٿي."

"تنهنجو سڄو گهر ۽ سڀ پئسا هن جي قبضي ۾ آهن. پلا هو توکي ڇڏي آخر ڇو ويندي؟"

"پوءِ به مان خوف زده آهيان. مون کي هر وقت فڪر رهندو آهي هر وقت شڪ وڪوڙي رکي ٿو. مان هن کان به ايتري خوفزده آهيان جيتري هن جي وڃڻ کان."

بثينه چپ ٿي ويئي هئي يا ته هن وٽ چوڻ لاءِ باقي ڪجهه نه هو يا ته وري هو هڪ جهڙن گٺل جملن دهرائڻ کان ٿڪجي پئي هئي. عيون چيو:

"مون کي معاف ڪري ڇڏ بثينه! مون وٽ ڳالهيون ختم ٿي ويون آهن وري اها ڳالهه به ته چڱي نه آهي جو مان توکي پنهنجن فڪرن سان مسلسل پريشان ڪندي وڃان. صرف تون ته آهين جنهن کي منهنجو خيال رهندو آهي."

هن جو لهجو بدلجي ويو. هن پنهنجو شڪايتي انداز ڇڏي همدردانه لهجي ۾ پڇيو:

"هاڻ تون ٻڌاءِ تون پنهنجي مڙس سان ڪيئن پئي نڀائين؟"

بثينه هڪ گهرو ساهه کنيو ۽ مختصر جواب ڏنو:

"بس ٺيڪ ئي آهي!"

"مگر اهو ڪيئن ممڪن آهي تون ته ايڏي بيمثال ڇوڪريءَ آهين!" پوءِ عيون جي خشڪ اداس چپن تي ٿڪل مُرڪ تري آئي ۽ هن چيو:

"تون ايڏي خوبصورت آهين بثينه! ماڻهو چوندا آهن تون اهڙي آهين جهڙي مان پنهنجي جواني ۾ هيس. تون سڄي خاندان ۾ سڀ کان وڌيڪ منهنجي هم شڪل آهين."

بثينه هاڪار ۾ ڪنڌ لوڏيو ۽ مرڪي ڏنائين.

"جڏهن مان گهٽي ۾ نڪرندي هيس يا دروازي تي بيهندي هيس ته سموريون نظرون مون تي ڄمي ويندڀون هيون"

بثينہ مرڪي ۽ عيون ڏانهن دردمندي سان ڏسڻ لڳي. "تون چوين ٿي ته تنهنجا مڙس سان تعلقات بس ٺيڪ ٺي آهن. ڇا هن کي احساس نہ آهي ته خدا هن کي ڪيڏي وڏي نعمت سان نوازيو آهي؟"

"دنيا جو اهو دستور آهي ماسي!"

"لعنت هجي اهڙي دنيا تي"

"دنيا جو ڪهڙو ڀروسو آهي ماسي؟"

عدليه ماني کڻي داخل ٿي. هن عيون کي وهاڻي جي ٽيڪ سان اٿاري ويهاريو ۽ هن کي ڪاڌو کارائڻ لڳي.

هن جو دل کڻڻ جي ڪوشش ۾ عيون چيو:

"ڪاڌو تمام سٺو پڪو آهي عدليه!"

عدليه نہ مرڪي نہ هن جو شڪريو ادا ڪيو. ڄڻ ته هن عيون جي ڳالهہ ٻڌي ئي نہ هجي. ڪمزور ۽ بي وس شخص جي تعريف بہ بي اثر ٿيندي آهي.

"ڇا ٿيو آهي عدليه!"

"مان پنهنجي ڌيءَ جي باري ۾ سوچيان پئي"

"خدا هن کي خوش رکي هن کي ڇا ٿيو آهي؟"

"هو پنهنجي مڙس وٽ ڏاڍي مصيبت ۾ آهي"

"ڇو؟ آخر هو پنهنجن ستن ٻارن جي ماءُ سان اهڙو سلوڪ ڪيئن ٿو ڪري سگهي."

"تون ان کي نہ ٿي سڃاڻين خانم!"

"تون پنهنجي ڌيءَ کي سمجهاءِ هن کي چئو صبر کان ڪم وٺي"

"اگر هن کي طلاق ٿي ويئي تہ ڇا ٿيندو؟"

ها واقعي پوءِ ڇا ٿيندو؟ اگر عدليه پنهنجي ڌيءَ ۽ ان جي اولاد کي هن گهر ۾ وٺي اچي تہ پوءِ؟ عيون ان تي اعتراض بہ ڪيئن ٿي ڪري سگهي. هو تہ پوري طرح عدليه جي رحم و ڪرم تي آهي. هي گهر ايترو ڪشادو نہ آهي. هن پوري خاندان جي اچڻ سان تہ بلڪل بازار بڻجي ويندو. ايتري شورو غل ۽ هنگامي ۾ هن جو ڇا حشر ٿيندو. ۽ پوءِ انهن سڀني جي ڪاڌي ۽ ڪپڙي جو خرچ هو ڪيئن برداشت ڪري سگهندي.

هي تنهنجي لاءِ هڪ نئين تشويش آهي عيون: شيخ طه تنهنجي شادي تي توکي دعا ڏيندي چيو هو "خدا توکي عزت ڏي ۽ تنهنجي قسمت سٺي هجي" تنهنجي ماءُ توتي ڪيڏو نہ ناز ڪندي هئي. تنهنجي شادي واري زندگي ڪيڏي

۽ خوشگوار انداز سان شروع ٿي هئي. تنهنجو مڙس هڪ معزز خاندان سان تعلق رکندڙ جج هو. هن توکي هڪ ڏينهن ڪو سموگراف سينيما جي باڪس ۾ ڏسي ورتو هو ۽ توتي پاڻ واري ويئو هو. تون هڪ محبوب زال ۽ مسرور ماءُ هئين. تنهنجي مڙس کي تنهنجي حسن تي ناز هو. تنهنجو هٽ وٽي اوپيرا وٺي ويندو هو. اتي هڪ پاشا توسان بي تڪلف ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي ته جهيڙو ٿيندي ٿيندي ٽري ويو هو. ليڪن تنهنجي ڪهاڻي جو انجام اهو آهي، هي بستر مرگ، جتي تون هڪ بي حس ۽ حقير عورت جي رحم و ڪرم تي پئي آهين. جيڪا توکي هڪڙي مرڪ کان به محروم ٿي رکي.

دروازي جي گهنٽي وڳي. عيون جون اکيون اميد سان جلهمل ڪرڻ لڳيون چا ڪوئي ملڻ آيو آهي؟"

"ڪير آهي عدليه؟"

"پلمبر آيو آهي خانم!"

وري ساڳيو پلمبر! هي هميشه اتي ئي موجود رهندو آهي! بورچي خاني يا غسل خاني يا ڪنهن پائيپ جي مرمت لاءِ آيو هوندو. نتيجي کان خوفزده ٿي ڪري ڪڏهن به عدليه کان پڇڻ جي همت نه ڪندي هئي اعتراض جو سوال ئي ڪهڙو هو. پلمبر جڏهن مرضي هوندي يا جڏهن هو چالاڪ هن کي چوائي موڪليندي هئي اچي موجود ٿيندو هو.

عدليه، عيون جي ڪمري جو دروازو پڪوڙي ڇڏيو ته جيئن هو پلمبر کي نه ڏسي سگهي. هن جي گهر ۾ اهو سڀ ڪجهه ٿيندو هو. هن جي ڪمري جي دروازي کان ٻاهر جنهن کي هن جي اجازت کان سواءِ بلڪ هن جي مرضي جي خلاف بند ڪيو ويندو هو ۽ اهو سڀ ڪجهه هن جي تحفظ جي نالي تي: هو بيوس ۽ مجبور هئي. اگر هن شخص کي انهي کان وڌيڪ جي لالچ هئي يا هو هن کي رستي جي رڪاوٽ محسوس ڪندو هو. اگر ڪو شيطاني خيال هن جي ذهن ۾ اچي ٿي ويو ته عيون جي حفاظت ڪير ڪري ٿي سگهيو؟ هو ڪن ڏيئي غور سان ٻڌڻ لڳي. هو ڏاڍو بيچين هئي. هن جو رت ٿڌڪي رهيو هو. هن کي يقين هو ته هن جي مرحوم پٽ کي به ان بي رحم صورتحال جو مقابلو ڪندي، اهڙي بي وسي محسوس ٿي هوندي جنهن هن کي عالم شباب ۾ ماري ڇڏيو هو. ليڪن هو ته نيم مرده ۽ بستري جي قيدي هئي.

عدليه دروازو کولي ڇڏيو ۽ چيائين:

"هليو ويو"

چا هن ضرورت کان وڌيڪ وقت ڪونهي ورتو: هن جو ذکر ڪرڻ کان سواءِ عيون پڇيو:

"چا ڪيو هن؟"

"بورچي خاني جو پائيپ ليڪ ڪرڻو هو "

هن پاڻ کي قابو ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي چيو:

"ليڪن بورچي خاني جو پائيپ تہ....

عدليه تيزي سان هن جي ڳالهہ ڪٽيندي چيو:

"ڏاڍو پراڻو ٿي ويو آهي بار بار مرمت ڪرڻي پوي ٿي."

ها، هن جي باربار مرمت ڪرڻي پوندي آهي، چاهي ان جي جڳهہ تي نئون پائپ ڇو نہ لڳايو وڃي. پلمبر جي آمدرفت جي ضرورت هميشه رهندي ليڪ آهي ايندو رهي جڏهن هن جي مرضي ٿئي يا جڏهن عدليه چاهي هن کي تہ ان صورتحال کي برداشت ڪرڻو پوندو. ڇو تہ هن جي اکين. هٿن ـ پيرن ۽ حواسن جي جڳهہ عدليه سنڀالي رکي آهي. هن گهر ۾ عدليه جو ڪم ئي سخت ۽ ٿڪائي ڇڏيندڙ آهي. پوءِ بہ هي صورتحال عيون جي برداشت کان ٻاهر رهندي ۽ ان جو نتيجو بي خوابي جي شڪل ۾ نڪرندو رهندو.

هڪ ڏينهن هڪ اجنبي دروازو ڪڙڪايو. عدليه هن کي اچي ٻڌايو:

"هڪ انڌو ماڻهو آهي، هو چئي ٿو تہ ماضي ۾ تون هن کي سڃاڻيندي هئين"

هن جي وڏيڪ ڳالهائڻ کان اڳ ۾ ٻاهران اجنبي جو زوردار آواز آيو:

"شيخ طه الشريف، خانم عيون!"

هي آواز هي نالو! هن پنهنجي دم ٽوڙيندڙ ياداشت کي پڪاريو. هن جي دل بيقراري مان پڙڪي اٿي. پوءِ يادن تازي معطر هوا جي جهونڪن جيان هن کي پنهنجي وڪڙ ۾ آڻي ڇڏيو. شادماني جي هڪ لهر هن جي وجود ۾ دوڙي ويئي.

"اچ ڀليو اچ شيخ طه! عدليه! هن کي هيڏانهن وٺي اچ!"

هو عدليه جي سهاري، لٺ جي مدد سان رستو ڳوليندو هن جي بستري تائين آيو. هن جو عمامو ڍلو ٿي لهي ويو هو ۽ هن جي بلند پيشاني نمايان ٿي ويئي هئي. هن جون اکيون اندر ڌٻيل هيون. هن جي پٺي پوڙهپڻ جي ڪري جهڪيل هئي. هن جي ڦِتل رنگ واري ڦاٽل پراڻي قميض جنهن هن جي ڏٻري جسم کي ڍڪي رکيو هو. جڏهن هن کي عيون جي سيراندي کان ويهاريو ويو تہ هو هن سان مخاطب ٿي:

"هي منهنجو هٿ آهي شيخ طہ، ان کي زور سان متان دٻائين، هي ڏاڍو ڪمزور آهي،"

هن نهايت نرمي ۽ شفقت سان هٿ ملايو ۽ چيائين:

"خدا توکي جلد شفاياب ڪري خانم عيون!"

"خدا جو شڪر آهي جنهن وري تهنجي صورت ڏيکاري، پوئين ڀيري اسان جي ملاقات ڪڏهن ٿي هئي!"

هن پنهنجو مٿو حسرت وچان لوڏيو ۽ چيائين:

"ڪيترو زمانو گذري ويو!"

"اهي ڪيڏا سٺا ڏينهن هئا, شيخ طه!"

"خدا توکي هميشه سٺا ڏينهن ڏيکاري!"

"مگر ڪيئن؟ مان تہ هتي بستر مرگ تي پئي آهيان ۽ تنها آهيان."

هن آڱر سان آسمان ڏانهن اشارو ڪيو ۽ چيائين:

"هو رحم ڪرڻ وارو آهي."

"توکي منهنجو ڏس ڪيئن معلوم ٿيو؟"

"مان پراڻي حويلي جي چوڪيدار سان مليو هوس چاچا آدم سان"

عيون ٽڪل نيڻن سان هن جي جُهور چهري جي جهرين کي ڏسندي رهي ۽ هو مفلسيءَ ۽ بدحالي جو نشان بڻيو وينو رهيو. جڏهن هو پراڻي حويلي ۾ قاري جي حيثيت سان ملازمت ڪندو هو. انهن ڏينهن ۾ هو ڪيڏو مضبوط ۽ طاقتور هوندو هو. هو هر روز فجر کان پوءِ هن جي گهر اچي قهوو پيئندو هو. قرآن جي تلاوت ڪندو ۽ مذهبي مسئلن تي عيون جي والده جي رهنمائي ڪندو هو. هن عيون جي شادي وقت عيون کي دعا ڪندي چيو هو "خدا توکي عزت ڏي ۽ تنهنجي قسمت سٺي هجي!" ماضي جي ڌنڌلن جهروڪن مان هڪ پرمهر تعلق يادن ۽ لڙڪن جي لهرن تي جڻ ڇلڪيو پي.

هن پنهنجا پراڻا جوتا لاٿا ۽ ڪرسي تي گوڏن ڀر ٿي ويهي رهيو ۽ قرآن جي تلاوت ڪرڻ لڳو. جڏهن هو قهوو پي چڪو ۽ ڪمري ۾ صرف هو ٻئي رهجي ويا تہ عيون چيو:

"مان اڪيلي ٿي ويئي آهيان شيخ طه!"

"ليڪن خدا توسان گڏ آهي خانم عيون!"

"مان هر وقت فڪرمند ۽ خوفزده رهندي آهيان."

"خدا تي ڀروسو رک خانم عيون!"

"ڪاش تون مون کي روز ملڻ اچي سگهين!"

"مان ڏاڍي خوشي سان روز ايندس!"

"تنهنجا معاملا ڪيئن هلي رهيا آهن شيخ طه؟"

"خدا جي اها مرضي هئي تہ تلاوت جي ريڪارڊن جي ڪري اسان بيروزگار ٿي وڃون. ليڪن خدا پنهنجي غلام کي ڪڏهن بہ فراموش ڪونہ ڪندو. هن وقت سڀ کان اهم ڳالهہ اها آهي تہ تون مايوسي جي سامهون هٿيار ڦٽا نہ ڪر".

"مون کي تشويش آهي شيخ طه! عدليه کان سواءِ مون وٽ ڪير بہ ڪونهي اگر هو مون کي ڇڏي ڏي تہ."

"ليڪن خدا توسان گڏ آهي خانم عيون!"

"مگر مان تنها آهيان." هن ناراضگي مان پنهنجو هٿ لوڏيو ۽ چيائين:

"ڪيڏي افسوس جي ڳالهه آهي!"

"ڇا مون غلط چيو شيخ طه؟"

"نہ ليڪن تنهنجو خدا تي ايمان ناهي رهيو"

"منهنجو ايمان آهي. منهنجو پٽ ۽ منهنجو مڙس واري واري سان مون کان وڇڙي ويا پوءِ بہ منهنجو ايمان آهي."

"نہ تنهنجو ايمان ناهي رهيو خانم عيون؟"

هو ناخوش ٿي چپ ٿي ويئي شيخ طه چيو:

"ناراض نہ ٿي! جنهن جو ايمان هجي. ان جي دل ۾ تشويش، خوف ۽ مايوسي لاءِ ڪابہ جاءِ ناهي هوندي."

"منهنجو ايمان آهي ليڪن مان بستر مرگ تي آهيان ۽ عدليه جي رحم و ڪرم تي آهيان."

"ايمان وارا صرف خدا جي رحم و ڪرم تي هوندا آهن ڪنهن ٻي جي نہ"

"انهي جي تبليغ ڪرڻ ڪيڏو آسانآهي ۽ ان تي عمل ڪرڻ ڪيڏو مشڪل!"

شيخ طه افسوس مان متو لوڏيو ۽ چيو:

"ها تبليغ ڪرڻ ڪيڏو آسان آهي ۽ عمل ڪرڻ ڪيڏو مشڪل!"

"منهنجي سمجهہ ۾ ڪجهہ بہ نہ ٿو اچي."

"مان روز تو وٽ اچڻ چاهيان ٿو."

"ضرور خدا جي واسطي شيخ طه!"

"مگر توکي ايمان جي ضرورت آهي نہ تہ هڪ پوڙهو انڌو ماڻهو تنهنجي ڪهڙي مدد ڪري سگهي ٿو."

هو ڪجهہ دير چپ ٿي ويئي ۽ پوءِ جهجهڪندي چيائين:

"ليڪن هن کي ناگوار لڳي عدليه کي!"

"مان پوءِ بہ ايندس"

"ليڪن اگر فرض ڪر"

"يقين رک مان روز تو وٽ ايندس. اگر هن کي خراب ٿو لڳي تہ بيشڪ ديوار سان پنهنجو متو ٿوڙي ڇڏي"

عيون گهبرائي جهيڻي آواز ۾ چيو.

"آهستي ڇئو شيخ طه هن کي ڪاوڙ اچي ويندي"

"خانم عيون وساري ڇڏ تہ تون هن جي رحم و ڪرم تي آهين. تون صرف خدا جي رحم و ڪرم تي آهين."

"ها ها اسين سڀ خدا جي رحم و ڪرم تي آهيون. ليڪن سوچ تہ سهي اگر هن کي ڪاوڙ اچي ويئي تہ منهنجو ڇا ٿيندو."

"ڪجهہ نہ ٿيندو! خدا جي مرضي جي خلاف ڪجهہ نہ ٿيندو"

"اهو سچ آهي شيخ طه. ليڪن منهنجي تنهائي جو خيال ڪر. اگر هو مونکي ڇڏي هلي ويئي."

"هو توکي ڇڏي نہ ويندي خانم عيون. ڇو تہ هو تنهنجي ان کان وڌيڪ محتاج آهي، جيتري تون هن جي محتاج آهين."

"مان تہ ضعيف آهيان. هن ۾ طاقت آهي. هن کي ڪٿي بہ ڪم ملي ٿو سگهي"

"ها هن کي ڪٿي بہ ڪم ملي ٿو سگهي. ليڪن نوڪرياڻي جي حيثيت سان، هتي تہ هو مالڪڻ بڻي ويٺي آهي."

"شايد تون ٺيڪ ٿو چئين. ليڪن حقيقت هي آهي جو مان بلڪل بي يار و مددگار آهيان."

هن پنهنجو لڪڻ زمين تي هنيو ۽ چيو:

"تنهنجي اذ بيماري انهي تي ياڙڻ جي ڪري آهي."

"ليڪن منهنجي بيماري هڪ حقيقت آهي ڊاڪٽرن جو چوڻ آهي"

"مان بيماري ۽ ڊاڪٽرن تي يقين نہ ٿو رکان پوءِ بہ مان فلحال تنهنجي ڳالهہ مڃان ٿو. خانم فرض ڪر هو توکي ڇڏي هلي ويئي. جيئن توکي انديشو آهي تہ مان پنهنجي وڏي ڇوڪريءَ کي تو وٽ رهائڻ لاءِ وٺي ايندس. هن کي طلاق ٿي ويئي آهي"

هن جي ڏنڌلي اکين ۾ روشني هڪ لمحي لاءِ چمڪي هن بيتابي مان پڇيو:

"واقعي شيخ طه؟"

"ها ڇو نہ؟ تو لاءِ مان هن کان سواءِ رهي ويندس"

هن شرمندگي وچان جواب ڏنو:

"لڪين تون اڪيلو ڪيئن رهندين؟"

هو ڀهريون ڀيرو مرڪيو ۽ چيائين:

"ها هڪ پوڙهو انڌو ماڻهو اڪيلو ڪيئن رهندو؟ آخر هن جي طلاق ٿيڻ کان اڳ ۾ مان اڪيلو رهندو هوس."

"مان توتي بوجهہ نہ ٿي بڻجڻ چاهيان."

"تون صرف پاڻ تي بوجهہ بڻيل آهين. خدا تنهنجي مدد ڪري!" خاموشي جو هڪ ڊگهو وقفو آيو. جيڪو سڪون ۽ آسودگي سان معمور هيو. هن کنگهي گلو صاف ڪيو ۽ قرآن جي تلاوت ڪرڻ لڳو.

هن جي وڃڻ جو وقت آيو. هن نرمي سان مٿو لوڏي خدا حافظ چيو ۽ هليو

ويو.

عيون کي هڪ ڊگهي عرصي کان پوءِ تسڪين جو احساس ٿيو هن عدليه کي سڏيو ۽ چيائينس:

"عدليه! ڏس شيخ طه جڏهن به اچي ته ان جو عزت ۽ احترام سان آڌر ڀاءُ ڪجان."

ناگواري مان عدليه جي پيشاني ۾ گهنج اچي ويا ۽ هن سختي سان چيو:

"مگر خانم عيون هو ڏاڍو غليظ آهي!"

"هو اسان جي پراڻي حويلي جو قاري آهي. هن جي محبت مون کي پنهنجي ماءُ پيءُ کان ورثي ۾ ملي آهي."

"خانم مون هن جي پيشاني تي جوئون هلندي ڏٺيو آهن"

عيون طيش ۾ اچي ويئي:

"مون کي انهي جي ڪابه پرواهه ڪونهي؟ هو بهرحال بزرگ ماڻهو آهي"

عدليه ڌمڪائڻ واري لهجي ۾ چيو:

"ليڪن منهنجي ذمي پهريائين ايترو ڪم آهي"

عيون جي آواز ۾ عاجزي اچي ويئي:

"خدا جي واسطي ايئن نه چئو. اها منهنجي خواهش آهي ۽ مان توکان ان جي احترام جي توقع رکان ٿي."

"ليڪن مون خود ڏٺو ته"

عيون هن جي ڳالهه ڪٽي سختي سان چيو:

"هو بزرگ ماڻهو آهي. توکي منهنجو حڪم مڃڻو پوندو."

عدليه جو چهرو تڇجي ويو. هو ڪجهه چوڻ تي هئي ليڪن عيون جي تاڪيد ان کي روڪي ڇڏيو:

"جيڪو توکي چيو وڃي اهو ڪر. بحث نه ڪر"

عدليه جي چهري تي حيرت ڇانئجي ويئي. هن تعجب سان گهوري عيون ڏانهن ڏٺو. هو ٿي دير تائين هڪ ٻئي کي ڏسنديون رهيون. ليڪن عيون، عدليه جي تيز نظرن کان هار نه مڃي هو پرعزم انداز سان هن ڏانهن جوابن گهوريندي رهي. هن پنهنجي بيماري ۽ خوف جي ڪابه پرواهه نه ڪئي. هن کي پنهنجي وجود جي اندروني تهن ۾ فتح جي پر حرارت لرزش محسوس ٿيڻ لڳي.

عدليه آخرڪار پنهنجون اکيون جهڪائي ڇڏيون ۽ چپن ئي چپن ۾ پٽڪندي ڪمري مان ٻاهر نڪري ويئي. مگر معاملو اتي ختم ڪونه ٿيو. هن پوري طرح مطمئن ۽ پراعتماد ٿيڻ پي چاهيو. هن عدليه کي ٻيهر سڏ ڪيو. عدليه ڪمري ۾ داخل ٿيندي ئي ناگواري ۽ بي صبري مان چيو:

"ڇا ڳالهه آهي؟ چلهه تي ديڳڙي چڙهي پئي آهي."

عيون مضبوط لهجي ۾ هن کان پڇيو:

"مون کي ٻڌاءِ تون شيخ طه جو ڪيئن استقبال ڪنديئه؟!"

"ڪير شيخ طه؟"

عيون طيش ۾ اچي رڙيون ڪرڻ لڳي.

"ڇا تون مونسان مذاق ٿي ڪرين عدليه؟"

"تون خفا ڇو پئي ٿين؟ مون اهو تہ پڇيو آهي تہ شيخ طه ڪير آهي؟"

"ڇا تون شيخ طه کي نہ ٿي سڃاڻين؟"

"مون هن جو نالو بہ ڪڏهن بہ ناهي ٻڌو."

عيون جدوجهد جاري رکڻ واري عزم سان جواب ڏنو:

"اهو ئي پوڙهو قاري جيڪو هينئر ڪجهہ دير اڳ هتي ويٺو هو. جنهن کي تو خود قهوو پيش ڪيو هو؟"

عدليه شڪ ۽ تشويش سان هن جي چهري ڏانهن ڏٺو ۽ چيو:

"اڄ تہ گهر ۾ ڪير بہ ڪونهي آيو. نہ ڪو قاري نہ دنيادار تون ڪهڙيون ڳالهيون پئي ڪرين.؟"

ڪاوڙ مان عيون جو آواز تيز ٿي ويو.

"ڪهڙيون ڳالهيون پئي ڪرين؟ تون ايڏي گستاخ ٿي وئي آن."

"مون کي تنهنجي ڳالهين مان ڊپ ٿو ٿئي. شيخ طه ڪير آهي؟"

"ڇا تون پاڳل ٿي وئي آن يا مونکي پاڳل ڪرڻ ٿي چاهين؟"

وڌندڙ بيچيني سان عدليه جواب ڏنو:

"پنهنجي ڌيءَ جي جان جو قسم. مون ڪڏهن شيخ طه کي ڏٺو نہ ان جو نالو ٻڌو" عيون جو آواز ايڏو بلند ٿي ويو. جيترو ڪيترن سالن کان نہ ٿيو هو هن رڙ ڪري چيو:

"هاڻ تون قسم بہ کائين پئي! تون منهنجي خلاف سازش پئي ڪرين. تون مون کي باور ڪرائڻ ٿي چاهين تہ مون کي اهڙيون شيون نظر پيون اچن جن جو وجود نہ آهي. ڇا مان پاڳل ٿي وئي آهيان. اهو ئي ٿي چاهين نہ؟ اهو ئي ٿي چاهين تہ مان پنهنجي آخري دوست کان محروم ٿي وڃان؟"

عدليه جون اکيون خوف وچان ڦاٽڻ لڳيون. هن جي نازڪ مزاجي ڊير ٿي وئي هن ڏڪندڙ آواز ۾ رڙ ڪئي.

"خانم عيون تون پنهنجي حواس ۾ ناهين!"

"خاموش رهہ مان توکان نٿي ڊڄان. مان تنهنجي محتاج نہ آهيان. هو هتي روز مون وٽ ايندو. اهو منهنجو حڪم آهي ۽ توکي بحث ڪرڻ کان سواءِ مڃڻو پوندو. خبردار جو هن جو رستو روڪڻ جي ڪوشش ڪئي اٿئي! مان توکي گهر مان ڪڍي ڇڏينديس؟"

عدليه جو رنگ زرد ٿي ويو ۽ اکيون ڀرجي آيس. هن عاجزي وچان چيو:
"خانم پاڻ کي نہ ٿڪاءِ پنهنجي ذهن کي سڪون سان رک مان وڏي خوشي سان تنهنجو حڪم مڃينديس"

ليڪن عيون رڙيون ڪندي رهي.

ڪوڙي! ڪميني! چورا زانيه! مان ايترن سالن کان توکي برداشت ڪندي آئي آهيان. مان تنهنجو منحوس چهرو نہ ٿي ڏسڻ چاهيان. مون کان سواءِ تنهنجي قسمت ۾ ٽڪن جيتري بہ ناهي. مون کي تنهنجي ڪابہ ضرورت نہ آهي. نڪري وڃ! جهنم ۾ وڃ! خدا جي نعمتن تنهنجو دماغ خراب ڪري ڇڏيو آهي. توکي شڪر ڪرڻ کپندو هو. مگر تون ڏينهن رات مون کي ذليل ڪندي رهي آهين. ڏيڇاريندي رهي آهين. اذيت ڏيندي رهي آهين. نڪري وڃ! اڄ کان پوءِ متان پنهنجي شڪل ڏيکاريئي. خدا توکي تباهہ ڪري.

عدليه چند قدم پوئتي هٽي. دهشت هن کي وڪوڙي ڇڏيو تہ هن جي دماغ کي نپوڙي ڇڏيو هو. اچانڪ هو مڙي. هيڏانهن هوڏانهن ڏٺائين ۽ زور زور سان رڙيون ڪندي تيز هوا جيان ڊوڙندي ٻاهر نڪري ويئي.

ترجمو:ـ رمضان راهي

نيو فرينڊس پبليڪيشنس طرفان ڪهاڻين ۽ شاعري تي مشتمل ڀهريون ڪتاب

## جـــــا ڳ

ليکڪ :ـ رمضان راهي، امر لغاري، اي آر آزاد، استاد نظاماڻي.

سنڌ جي مڙني بوڪ اسٽالن تي موجود آهي، يا اداري جي ايڊريس تان گهرائي سگهجي ٿو.

کان پوءِ سندن ماني تيار هئي، ماني کائڻ دوران پاڻ هڪٻئي کي پنهنجي پنهنجي زندگيءَ جي ڪامياب ترين ڏينهن کان آگاهه ڪنديون رهيون.

مانيءَ کان پوءِ، هنن گهر جي کلئي اڱڻ تي ٻاهه ٻاري ترڪش ڪافي ٺاهي، پوءِ ان جون چشڪيون ڀرڻ مهل هڪ سگريٽ دکائي واري سان چڪڻ لڳيون.

ان مختصر عرصي دوران هنن هڪٻئي کان وطن کان ٻاهر ۽ خود "فريسلو" ۾ پيش آيل واقعن تي ٻڌل ڪهاڻيون ٻڌايون ۽ بعد ۾ فرش تي رکي پنهنجي ڪوپن ۾ جهاتي پائي اهو ڏسڻ جي ڪوشش ڪئي ته ڪو قسمت جو ڪٿو انهن منجهان ته ڏيکاري ڪونه ٿو ڏي، برابر ائين هو، صحت ۽ ڪم، اونهاري جي ماني ڪمرن کان ٻاهر، جهجها پئسا سڄو سال ڪٿائڻ لاءِ.

ايل ڪونڊراج پنهنجي ڪرت ۾ لڳو رهيو ۽ ڪجهه ڳالهيون، جيڪي اتفاق سان سندس ڪنن ۾ اچي پيون هن ٻڌي ورتيون، ليزا به هاٿي نڌ ڪرڻ لاءِ پنهنجي گهر رواني ٿي وئي.

"اهو مترڪو ڪٿان آندو اٿئي، ايل؟" ماءُ ڪانئس سڌ ڪريڻ پڇيو.

"اسٽور تان ورتو اٿم."

"ڪيئن مليئي؟ چوري ڪيئي ڇا؟"

ايل ڪنڊراج بينچ ٺاهي ان تي چڙهي ويٺو.

"نه،" هن وراڻيو، "مون چورايو ڪونهي."

"ته پوءِ ڪيئن ورتئي؟"

"مون ان لاءِ اسٽور تي ڪم ڪيو آهي،" ايل وراڻيو.

"انهي اسٽور تي، جتان ڪالهه مترڪو چورايو هيئي؟"

"هائو."

"ڪنهن ڏنو توکي اهو ڪم؟"

"اسٽور جي مالڪ"

"تو اتي ڇا ڪيو؟"

"مختلف تختا مختلف ڪائونٽرن تائين پهچايم."

"شاباش، سٺو ڪيئي،" عورت چيو. "ڪيترو ڪم ڪيئي ان ننڍڙي مترڪي لاءِ؟"

"سڄو ڏينهن." ايل وراڻيو. "مسٽر ڪليمر هڪ ڪلاڪ کان پوءِ مونکي هي هٿوڙو ڏئي ڇڏيو هو، پر آئون ڪم ڪندو رهيس. مونکي جيڪو ڪجهه ڪم ڪرڻو هو، ان ساٿي ٻڌايو، جنهن مونکي پڪڙيو هو. اسان گڏجي ڪم ڪيو پر هڪٻئي سان ڳالهايوسين ڪونه. پوءِ هو مونکي مسٽر ڪليمر جي آفيس وٺي ويو ۽ هن کي چيائين ته مون سڄو ڏينهن سخت پورهيو ڪيو آهي ۽ گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڊالر جو حقدار آهيان."

"ڏاڍو سٺو." هن جي ماءُ چيو.

"تنهن ڪري مسٽر ڪليمر چاندي جو هڪ ڊالر ڪڍي هن جي ميز تي

## ڊاڪٽر غزاله احمداڻي

# بارود جي خوشبوءِ

ڊاڪٽر غزاله احمداڻي جو شمار سرائيڪي ٻولي جي بهترين ڪهاڻيڪارن ۾ ٿئي ٿو. هن سرائيڪي ٻولي جي چوٽي جي اديب، ناول نگار ۽ دانشور محترم محمد اسماعيل احمداڻي، جي گهر جنم ورتو. ائين هن کي ڏات ورثي ۾ ملي، پر ڏاڻ هن وٽ پنهنجو آهي. هن 1964 ۾ سانگهڙ سنڌ ۾ جنم ورتو. ابتدائي تعليم به سانگهڙ ۾ حاصل ڪيائين. 1989 ۾ لياقت ميڊيڪل ڪاليج ڄامشورو مان بي. ڊي. ايس (بيچلر آف ڊينٽل سرجري) ۾ ڊگري ورتائين. هن وقت پنهنجي اباڻي شهر ڄامپور سرائيڪي ۾ تعلقي هيڊڪوارٽر اسپتال ۾ ڊينٽل سرجن جي عهدي تي فائز آهي. ادب ۾ سندس سڃاڻپ مختصر ڪهاڻي (Short Story)آهي. سرائيڪي ڪهاڻي جو ذڪر هن جي ڪهاڻي کانسواءِ اڌورو آهي. هن جي ڪهاڻين ۾ سنڌ ڌرتيءَ جو درد ۽ سرائيڪي ٻولي جو ميٺاس آهي. سندس ڪهاڻيون "بارود جي خوشبوءِ" ۽ "ڌرتي ماءُ" نمائنده ڪهاڻين ۾ شمار ٿين ٿيون. مترجم.

پراڻي درسگاهه ۽ نئين اسپتال جي مرڪزي چوڪ واري ڦوهاري جي چوٽي تي به اڇا ڪبوتر ويٺا آهن. اوچتو گولين ڇٽڻ جو آواز آيو آهي ۽ بارود جي خوشبوءِ ڦهلجي ويئي آهي. هڪ ڪبوتر زخمي ٿي ڪري پيو آهي ۽ ٻيو زخمي ڪبوتر اڏري ويو آهي. ڏور ڪٿي به چهريون ڪنهن گلن جي ٿاري تي ڳالهين ۾ رڌل آهن. هي اسان ۽ توهان جي معاشري جون روايتي منحوس چهريون نه آهن. هي هلندڙ دور جون دانشمند ڪاريون ۽ اڇيون چهريون آهن. اڇو ته ڪبوتر به ٿئي ٿو. مگر ڪبوتر صرف اولمپڪس ۾ اڏارڻ لاءِ هوندو آهي. ـــ پر هي ڪنهن قبرستان جي ڳالهه نه پيون ڪن. هي ايران جي نوشيروان عادل ۽ عقلمند وزير جو دور ڪونهي، هي اڄڪلهه جي ڳالهه آهي.ــــ ها ها!! اڄوڪي

پيا ـــ مونکان ٿهڪ نڪري ويو آهي ـــ مان ڪلان پئي ڪلاڪ ـــ صديون ـــ!!

بس ۾ آواز گونجي پيو ـــ هو جمالو، جيڪو ڪٿي آيو خير سان ـــ خير سان ـــ؟؟

منهنجي جسم جو اهو زخم اڃان نه ڀريو آهي جنهن ۾ مائي ڀاڳهل دفن ٿي ويئي ـــ ڌرتي ڦاٽي پئي ۽ هو هن ۾ سمائجي ويئي ـــ مائي بختاور پنهنجي ڪٽڪ جو حصو دشمن کي کڻڻ نه ڏنو ـــ ۽ هوءَ شهيد ٿي ويئي.

مان اڄ کان ڪروڙين سال اڳ پيدا ٿيندي هئس ـــ هاڻ به پيدا ٿيندي آهيان ـــ منهنجي حيثيت اڄ به ساڳي جيان موجود آهي ـــ.

ڪهڙن خيالن ۾ گم آهين؟ ـــ ڪنهن مون کي ڇرڪائي ڇڏيو ـــ مون حيرانگي مان پڇيو ـــ اسان ڪيڏانهن پيا وڃون ـــ گهر ـــ گهر؟ ـــ اصلي گهر ـــ

سرائيڪي مان ترجمو:ـ رمضان راهي.



نزار قباني (فلسطيني)

---

## انهن جو ڪهڙو قدر جنهن جون زبانون بند آهن

خبر هي آندي اٿم
ته پراڻي زبان مري وئي آهي
۽ پراڻا ڪتاب به
۽ اسان جون ڳالهيون
گهڻي استعمال ٿيل ٽٽل جوتن جيان
جڳهه جڳهه کان ٽٽي چڪيون آهن.
اهي الفاظ به مري ويا آهن
جيڪي تحقير، تهمت ۽ توهين جي
اظهار جو ذريعو آهن.
خبر هي آندي اٿم
ته اسان جي سوچ جو اهو انداز به مري ويو آهي
ختم ٿي ويو آهي.
جيڪو اسان جي شڪست جو سبب بڻيو.
اسان جي زبان جي شاعري جو ذائقو تلخ آهي
اسان جي اکين کي چڀن ٿا.
سنواريل زلف
جهلمل ڪندڙ نقاب، راتيون ۽ جسم
سيئي نظاره تڪليف ڏين ٿا.
منهنجا دکي وطن!
تو رات ئي رات ۾ مونکي
جيڪو محبت ۽ جدائي جا گيت ڳائيندو هو
رت ۾ قلم ٻوڙڻ وارو شاعر بڻائي ڇڏيو.
جذبات انهن صفحن کان گهڻو اڳتي
نڪري ويا آهن.
اسان پنهنجي شاعري تي پشيمان ٿيڻ کان سواءِ نه ٿا رهي سگهون.

اگر اسان جنگ هاري ويا آهيون
اها ڪا حيرت جهڙي ڳالهہ نہ آهي
جو تہ اسان هن جنگ ۾
پنهنجي خداداد مشرقي سجاڳ
۽ ان نعري بازي سان شريڪ ٿيا هئاسين.
جا هڪ مک نہ ٿي ماري سگهي.
اسان هن جنگ جي ميدان ۾ طبلي ۽ رباب
جي منطق سان لٿا هئاسين
اسان جي الميي جو راز هي آهي تہ
اسان جو شعور اسان جي آواز کان وڏيڪ
۽ اسان جون تلوارون اسان جي قد کان ڊگهيون آهن
هن قضيئي جو تت
هڪ جملي ۾ ڪجهہ هيئن آهي تہ
اسان مهذب نقاب پائي رکيا آهن
۽ اسان جا روح دقيانوسي آهن
نفيري ۽ بربط سان ڪا جنگ
ڪٽي نہ ٿي سگهجي.
اسان جي في البديهہ تقريرن جي برجستگي جو بدلو اهو
آهي تہ اسان جي سامهون پنجاهہ هزار نوان خيمان
اڏيا ويا آهن
حالات تي الزام نہ ڏيو
آسمانن تي بہ تهمت نہ هڻو تہ
هو توهان کي ڇڏي ويئا آهن.
جو تہ خدا جنهن کي چاهي فتح سان همڪنار ڪري.
ڪو لوهار ناهي جو توهان جي لاءِ
تلوار ٺاهي
صبح جو خبرن ٻڌڻ وقت مون کي ڏاڍي تڪليف ٿيندي آهي.
ڏک ٿيندو آهي جڏهن مان ڪتن کي ڀوڪندو ٻڌندو آهيان
يهودي اسان جون سرحدون ناهن ٽپيا
هو تہ اسان جي خامين ۽ غلطين جي
سوراخن مان ماڪوڙن جيان گهڙي آيا آهن
پنج هزار سال اسان اونداهن تهہ خانن ۾ گذاري ڇڏيا آهن
اسان جون ڏاڙهيون وڌيل آهن

دوستو!
دروازا ٽوڙڻ جي ڪوشش ڪريو
لباس ڌوئڻ ۽ خيالن کي وهنجارڻ جي
ڪوشش ڪريو
دوستو!
ڪو ڪتاب پڙهو
ڪو ڪتاب لکو.
انگور، ڏاڙهون ۽ لفظ پوکيو
برف ۽ ڌنڌ جي منزلن لاءِ بادبان کوليو
ته تهه خانن کان مٽي جي دنيا
توهان کي نئي سجائي
توهان کي رڍن جي نسل جون شيون سمجهي ٿي.
اسان جي چمڙي بي حس ٿي چڪي آهي
ذهنن جو ڏيوالو نڪري چڪو آهي،
اسان جي زندگي شطرنج. وسوسن ۽ غنودگي
سان ڀيان ٿيل آهي.
ڇا اسان دنيا جي بهترين قوم آهيون!
تيل جنهن سان اسان جا صحرا پر آهن
... اڪ ڀالو ٿاهي سگهجي ٿو.
مگر ... قريش، عمائدين غوث
۽ معززين نزاد. کي شرم اچڻ گهرجي.
جو ان کي لونڊين جي قدمن ۾ لوڙهي ڇڏيائون.
اسان بغلن ۾ ڦندا دٻائي
گهٽين ۾ دندنائيندا ڦرون پيا
بنا سوچي سمجهي شور ڪريون پيا
دريون ۽ دروازا ٽوڙيون پيا.
ڏيڏر جي تعريف ۾ ڏيڏرين جيان
ٽراڪندا ڦرون پيا
آرام جي لاءِ مسجدن ۾ ويٺا رهندا آهيون
شعر گهڙيون ٿا ۽ محاورا ڳالهايون ٿا.
۽ الله کان دعا گهرون ٿا ته
هو اسان جي دشمن کي نيست ونابود ڪري.
اگر جان جي امان ملي

۽ سلطان سان ملي سگهان
تہ چو عالي جاه!
تنهنجي شڪاري ڪتن منهنجو لباس
تار تار ڪري ڇڏيو آهي.
تنهنجا ڪتا هر وقت منهنجو پيڇو ڪن ٿا.
هنن جون اکيون، هنن جا نڪ
هنن جا قدم منهنجو پيڇو ڪن ٿا.
جڻ تہ مان هنن جي منزل آهيان
۽ هو منهنجو نصيب
هنن منهنجي زال تي سوالن جو وسڪارو
لائي ڇڏيو آهي
۽ منهنجن دوستن جا نالا ۽ ڏس پتا لکي ويا آهن
سلطان عالي شان!
مان تنهنجن ٻوڙين پتين تائين آيو آهيان.
انهي اميد سان تہ پنهنجي غم ۽ ڏک جو اظهار ڪري سگهان
مگر تنهنجي سپاهين
مونسان اهو شرمناڪ سلوڪ ڪيو جو
انهن مونکي منهنجي جوتي سان ڪُٽيو آهي.
عالي جاه! منهنجا سلطان!
اسان جي اڌ آبادي جي منهن ۾ زبان ڪونهي
۽ ڪهڙو قدر آهي انهن ماڻهن جو جنهن جا
چپ سبيل هجن.
اسان جي اڌ آبادي ڪيڙن مڪوڙن ۽
چوهن جيان
تہ خانن ۾ قيد آهي
۽ جناب ڇا ڪا قوم اظهار جي آزاديءَ کان سواءِ
رهي سگهي ٿي.
اگر هن جي چمچن جي ظلم کان بچي
سلطان جي حضور پهچي وڃان تہ چوان عالي جاه!
توهان ٻہ دفعا جنگ هاري چڪا آهيو
چو تہ توهان انساني حقن کان وانجهيل آهيو.
اگر اسان اتحاد کي صحرا ۾ دفن نہ ڪريون ها
اگر اسان هن جي نازڪ جسم کي تيرن سان ڇلني نہ ڪيون ها!

اگر اسان اتحاد کي اکين سان لڳائي رکون ها
تہ اڄ اسان جا جسم وحشي ڪتن جي چنبن ۽
ڏندن ۾ نہ هجن ها .
اسان کي هڪ ناراض نسل جي ضرورت آهي.
اها نسل جا افق ۾ هر هلائي سگهي
جا تاريخ کي پاڙان اکيڙي سگهي
اسان جي فڪر جا بنياد لوڏي سگهي.
اسان کي هڪ نئين قسم جو نسل گهرجي
جو ڪڏهن بہ ڪنهن کي معاف نہ ڪري.
غلطين سان ڪنهن بہ حالت ۾ چشم پوشي نہ ڪري
جا ڪڏهن نہ جهڪي ۽ جنهن کي دنياوي مصلحتن سان ڪو بہ واسطو نہ هجي
اسان کي هڪ پوري نسل گهرجي رهنمائن جي
عظيم ماڻهن جي
ٻارو!
بحراوقيانوس ڪان خليج عرب تائين ڦهليل
ٻارو!
توهان ڪڻڪ جي ڀري جيان اسان جي اميد آهيو.
توهان اها نسل آهيو جا زنجيرون ٽوڙيندي.
جا اسان جي مٿي جو خمار ختم ڪندي.
اسان جي خوشفهمين ۽ وهمن کي ختم ڪندي.
ٻارو!
توهان معصوم ۽ خالص آهيو.
ماڪ ڦڙن ۽ برف جي بوندن جيان
صاف ۽ پاڪيزه!
اسان جي شڪست کاڌل نسلن جي تقليد نہ ڪريو.
جو اسان ناڪام آهيون
اسان بلڪل حقير آهيون ڇاهين جي ڇلڪي جيان
پراڻي جوتن جيان ڦٽل
اسان جي تاريخ نہ پڙهو.
اسان جي نقش قدم تي نہ هلو.
اسان جي خيالن تي ڪن نہ ڏيو.
اسان بيمارن جي، خوفزده ماڻهن،
ڌوڪي بازن جي ۽ بازي گرن جي نہ،

ٻارو
توهان بهار جي بارش آهيو.
اميد جا گونج آهيو.
اسان جي بنجر زمين ۾ زرخيزي جو ٻج آهيو.
توهان اها نسل آهيو جا شڪست کي
فتح ۾ تبديل ڪندي.

ترجمو :- رمضان راهي

## ايملي ڊڪنس جا نظم

1:- مان آهستي ۽ محتاط قدمن سان
هڪ تختي کان ٻئي تائين هلندي رهيس
حتيٰ ڪه
منهنجو مٿو ستارن کي ڇهڻ لڳو
۽ سمنڊ منهنجي قدمن هيٺ اچي ويو
مون صرف اهو ئي ڄاتو ته
اڳيون قدم آخري قدم هوندو
انهي احساس منهنجي رفتار کي
غير معين ۽ پر خطر بڻائي رکيو
۽ ڪجهه ماڻهن مون کي ٻڌايو
دراصل انهي جو نالو تجربو آهي.

2:- شاعر ڏيئا ٻاريندا آهن
۽ خود وسامي ويندا آهن
ليڪن انهن جا ٻاريل چراغ
اگر تاباني سان روشن هجن
ته سج جي مهارت جيان
هردور کي هڪ آتشي شيشو (لينز) ڏيندا آهن
جيڪو انهن جي سوچ جو دائرو
ڦهلائيندو ويندو آهي
۽ اونداهي شڪست کائيندي رهندي آهي.

ترجمو :- رمضان راهي.

اي آر آزاد

## عظمت، وحشت

سنجها جي پر لطف
منظر جي وائي
تو ڳائي ہدائي.......
هي آواز تنهنجو آ
ڪويل جو ڪوڪڻ
۽ ڪونجن جو ڪر لاءُ
جنهن جي پڙاڏي تي
ماڻهن جي مستيءَ جون
موجون ٿيون چرڪن......
ڪي چرڪن ٿا چوڪر
جي آواز جي سوز ۾
مست آهن
ٿا مرڪن
۽ مرڪي وڏي
تنهنجي پرسان اچن ٿا
ٿا سمجهن تون سورن کان
آزاد آهين
ٿي چاهين تون مرڪون
ٿي ارپين تون مرڪون......!
هي پاڳل سيئي
تنهنجي پويان اچن ٿا
تون سمجهين نہ سمجهين
هي مرڪن جي اوڻ ۾

وحشت جا
خنجر رکن ٿا،
هي خنجر جي چيرن ٿا
عصمت جي پاڪيزگيءَ کي .....!!
جا تون آن.....
تون پوتر جي شروعات
تون ئي پڇاڻي
ٿي آئي تون محبت
جا هر گهر جي دنيا ۾
آباد آهي
بنا تنهنجي هر گهر آ
دوزخ جو منظر
حياتي آ تو بن
ڀڳل ڪاغذن جيان.....
هي ڪاغذ
جي تو ساڻ آهن سلهاڙيل
تہ هر ڪو چمي ٿو
۽ هر شخص تو بن
اڌورو لڳي ٿو......
اها آ حقيقت تہ آهين
تون پر خطر رستن جي
ڌرتيءَ جي ڇائي
۽ جيڏانهن وڃين ٿي تہ
هر وک تنهنجي تي
ڪنڊا، ڪهاڙيون۽ زنجير آهن!!
جي تولاءِ آتا
۽ هر مرد باطن ۾ خنزير آهي
جوهر انگ تنهنجي کي
لوڻ ٿو چاهي
هي ڇا هي....؟....!!!...؟
هي عظمت جي ماٿي تي
وحشت جو ٽِڪو......!

## امر موت.......!

چو ڏينهن گذاريو تا سڏڪي؟
چو رات گذاريو تا تڙپي؟
مرڻو تہ اڳي پوءِ آهي مٿا
ڪيڏو نہ ڇڳو ٿئي منزل لئہ
جي موت اچي ٿو
گهوڙي جيان.....
سو موت امرتا آڻيندو
ان لاءِ نہ ان کان ڊڄڻو آ
۽ مُور نہ ڪاڏي ڀڄڻو آ
پر سوچي سمجهي
پند ڪبو
چوڌار گدڙ جون اوناڙون
هر گام تي گرگ
تڪي ٿو پيو......!!
هي منزل پيار ڪي پاڻ جي
جي درد وندا دل لاهن ٿا
تن ماڻهن ڪي ريجهاڻ جي
هر شخص هوا ۾
لٽڪي ٿو
جي چپ رهيئو چوراهن تي
۽ گيت نہ ڳايُوَ راهن تي
ٽڙڪاٽ توهان جي جسمن جا
تاريخ ٻڌي شرمائيندي
۽ ڌوڙ مٿي ۾
پائيندي....!
۽ توهر جهڙن ڪندن ڪي
پنهنجي تہ بدن سان لائيندي...
ان کان تہ اڳي جو ماضيءَ جا
مناريسر ۽ پورا ٿين
ڪوچنگ تہ چوريو ڇاڻئٽ تي

ڪي رنگ ڏسو
۽ ڏيکاريو
ڪجھ سکو ۽ ڪجھ سيکاريو
ان لاءِ اتي پئو آڌيءَ جو
جو ڊوڙي
روشنين پويان....
سوئي تہ امرتا ماثيندو
جي موت اچي ٿو
گھوڙي جيان
سو موت امرتا آثيندو......!!

## هار اسان جي سُستي آهي

هار مقدر ناهي پنهنجي
هار اسانجي
سُستي آهي..........
ڀاڳ نہ آهي
جيت هُنن جي
جيت هُنن جي جاکوڙي آ.....
هرڪنهن کي آ
ماٺ لڳي وئي
ڪو بہ نہ جاڳي
جاڳائي ٿو
ڪو بہ نہ گيتن کي ڳائي ٿو
گيت اُهي جي ڪالھ يتائيءَ
ماٺ کي ٽوڙڻ لئہ
ڳاتا ها........
پر هاڻي هي پنهنجن جائي
پنهنجن ماٺهن تي راتاها......
ڪيڏي حيرتناڪ خبر آ...!!
حال ۾ ڪوئي حال نہ آهي
ماضيءَ جي بيساکي تي هت

ڪيسين جيئرا رهڻا آهيون؟
نيٺ تہ پرزا
ٿي ويندا سين.....
نارائڻ جو شعر سچو آ،
ورقن ۾ هونداسين جيئرا
اجرڪ، ٽوپي، پٽڪو، رلهي
ميوزم جي ئي
زينت بڻبا......!!
منفي سوچون
حاوي آهن
حاوي آهن خيال پراڻا
سيڪو چئي
تقدير قتل آ
ڪهڙن ڪهڙن کي سمجهايان
هار مقدر ناهي پنهنجي
هار اسان جي
سُستي آهي.......

## شمشان گهر

ڏينهن ڪيڏا ويا لَنگهي
تنهنجي نہ آئي ڪا خبر
هي ذهن ٿيو
شمشان گهر.....!
جنهن منجهہ جلندا ٿا رهن
هي خواب منهنجا
دربدر،
۽ تو بنا ڪو گهر نہ منهنجي
خيال جي ڪنهن
گهوٽ جو
جنهن وقت ڳاڙهي نوٽ ڏي
ڪا نار ٿي

ڊوڙي وڃي.....
تنهن وقت
ڇرڪي ٿو پوان
۽ ٿو چوان
تو ڇو نہ منهنجي انتظار ۾
گذاري رات ڪا
تو ڇو ڇڏي مونکي هتي
ڪا راهہ ہي ورتي وڃي،
مان اڄ بہ تنهنجي ياد جي
هڪ اوٽ ۾ ويٺو جيئان
۽ ڪالهہ جي ڪنهن
ڳالهہ کي
سيني سان لايون ٿو وتان.....
منهنجي نہ آهي وس ۾
توکي ڪيان مان درگذر
تنهنجي نہ آئي ڪا خبر
هي ذهن ٿيو شمشان گهر.....!!



آفتاب نظاماڻي

# پـنـکـيـل سپـنـا

هن سوڻو هنيو. زوردار سوڻو ۽ دونهون نڙي کان هيٺ لاهي ڇڏيو. (سيئي سگريٽ پياڪ ذهن جي مٿاڇري تي اڀري آيل پريشانين کي اهڙي نموني ئي پچائڻ جي ڪوشش ڪندا آهن.) ..... ۽ پوءِ؟

هو ڪنگهيو. ـــ

ايستائين، جيستائين ڦڦڙن تي پيل ڇارو ڪانگهاري جي صورت وٺي وات مان ٻاهر نه نڪتو ـــ؟!

هاڻ هو سامت ۾ آيو هو ـــ گهڻ دير هنيڻ کان پوءِ ـــ!! هن ٿڌو ساهه کنيو ۽ سندس پاسراٽين مان تڙڪاٽ نڪري ويا ـــ هن پاٿي جو ڏڪ پيتو.

ـــ ۽ وري لکڻ کي لڳي ويو.

پاسي واري کٽ تي ستل، جوئس کي سندس ڪنگهه حاڳائي وڌو هو. هن به پاسا پي ورايا. بيزاري مان...!؟ پر هوءَ برداشت نه ڪري سگهي هئي ۽ اٿي ويٺي هئي.

سواليا نشان بڻجي ـــ؟؟؟ (...؟؟؟...)

هن سندس انهيءَ گهور جو جواب مشڪندي ڏنو.

"مان ڄاڻان ٿو، تنهنجي من جي پيڙا عاشي ..... تون ڇا پئي سوچين؟ ڇا ٿو چاهي تنهنجو من مون کان ... پر مان پڻ پيڙا پيو پوڳيان ـــ؟!

تون ... تون آرام ڪرڻ چاهين ٿي. پـ...پر منهنجي آتما کي سانت تڏهن ملندي جڏهن آئون لکندس.

مون کي ته رات جي ساگر کي اجا جهاڳڻو آهي. پياري عاشي! منهنجون ڪهاڻيون روشن ڏيائيون آهن. صبح جي ستاري جيان.

آس ۽ اميد جا ڪرٽا آهن، منهنجون ڪهاڻيون.

سنوان ۽ سڌا رستا آهن مستقبل جي روشنين جا. جياپو آهن زندگيءَ جو.

تون سمهي پئه عاشي. تون سمهي پئه! سچ پنهنجا روشن ڪرٽا زمين تي پکيڙي جيوت جا پيغام پهچائي اوستائين ـــ!

.... ۽ آئون ... آئون لکندس رات جي پڇاڙي تائين ڪنهن ڇرڪائيندڙ ڪلائمڪس جي شروعات وارا اکر ۽ ــــ؟؟!!"

... وري ڪنگهه.

وري زوردار سوٽو ــــ!!

"مون ڪڏهن چيو آ تہ نہ لک ــ؟! پلي لک. جيترو وڻيئي اوترو لک، پر ڪڏهن ڪجهہ سوچيو بہ اٿئي ــــ؟!

"ڇا سوچيان ــــ؟" جوش جي دک ۽ درد ۾ ٻڏل سوالن جو لاپرواہ جواب.

"ارشد!

سوچ ــــ

سوچ تہ اهي ڪهاڻيون تنهنجو پيٽ ڀري سگهيون آهن. ڪڏهن ٻہ ڪري ماني ڪاڏي آهي تنهنجي پٽ بلو ــــ؟!!

تنهنجون ڪهاڻيون ڇا ٿيون ڏين توکي، بلو کي ۽ مون کي، ٻڌاءِ ارشد ٻڌاءِ.

تنهنجي پنهنجي بدن جي اوگهڙ ڍڪينديون يا ــ يا پوءِ منهنجي اگهاڙي بدن کي ڍڪينديون.

ڏس ــــ ارشد ڏس!!

منهنجي ڪانچ ۾ ڪيتريون چتيون لڳل آهن ــ پر هاڻ تہ سٽرون بہ ٻاهر نڪري آيون اٿم ــــ پنا تہ اڳيئي اگهاڙا هئا ــــ پر هاڻ تہ .... هاڻ تہ پيٽ بہ اگهاڙو ٿي ويو اٿم ــــ سياڻ الائي ڇا ڇا اگهاڙو ٿي ويندو ــــ آخر مون ڪهڙو ڏوهہ ڪيو.

اسان کي تنهنجين ڪهاڻين سان ڇا ــــ؟؟!

اسان کي تہ اٽو کپي ــــ لٽو کپي ــــ!!!" هوءِ سڏڪڻ لڳي هئي، اوڇنگارون ڏيڻ لڳي هئي.

"عاشي ــــ!

چپ ڪر ــ خدا جي واسطي چپ ڪر، اهي درد ئي تہ منهنجي ڪلا جو ڪارڻ آهن. انهن کي ائين نہ وهاءِ عاشي. اهي وهي ويا تہ منهنجي پيڙا ختم ٿي ويندي ۽ پيڙا ختم ٿي ويئي تہ ڪلا مري ويندي. ڪلا جو جياپو، دک ۽ درد ئي تہ آهن ــ؟!!

"... پر تنهنجي ڪلا اسان کي ڇا ڏنو آهي ــــ ڇا ڏنو آهي تنهنجي ڪلا اسان کي ــــ؟؟!!!

بک ــ!

اوگهڙ ــ!!

ذهني پريشاني ــــ اهو ئي ڏنو آهي نہ تنهنجي ڪلا مون کي بلو کي ... ۽

توکي ٻه ...!! پلي مري تنهنجي ڪلا ـــ اسان کي اهڙي ڪلا نه کپي ـــ ارشد! نه کپي اهڙي ذات جيڪا اکرن جا انبوهه هٽي اسان کي ڇيهون ڇيهون پئي ڪري. نه کپي ڪلا اسان کي.

اسان کي ته اٽو ۽ لٽو کپي.

سڪون ۽ آٿت کپي."

ٻيءَ گهڙي هوءَ ٻڌي ويئي روئڻ ۾ ـــ هن پنهنجا سمورا سور ڳوڙهن جي لارن ۾ وهائي ڇڏڻ ٿي چاهيا ـــ ۽ هو رلي اوڍي الائي ڪيتري دير تائين پنهنجي من جي لڳي کي ائين اجهائيندي رهي ـــ شايد صبح گهڙي تائين.

لائوڊ اسپيڪر تي ملڪ جي مهان راڳي استاد منظورعلي خان جون ڪيسٽون پي وڄيون. پنڊال هزارين ڏسندڙن سان پريل هو ـــ اسٽيج رنگارنگي جهنڊين سان سينگاريل هو. ڊائس جي پٺيان حلواڻ جو ڪپڙو ٽنگيل هو. جنهن تي "ديس جي برک ڪهاڻيڪار ارشد سان ادبي شام" لکيل هو.

چوٽي جا ڪهاڻيڪار ۽ ليکڪ آيل هئا انهيءَ ادبي شام ۾.

ارشد سان هي شام "يوٿ آرگنائيزيشن" وارن پي ملهائي ـــ ملڪ جي نوجوانن جي جماعت ـــ هونءَ ٻه ارشد نئين ٽهيءَ جو ڪهاڻيڪار هو. سندس ڪهاڻيون انهن لاءِ هيون.

پروگرام شروع ٿيو.

سڀني ارشد جي ڪهاڻين کي ساراهيو، ڪيس ساراهيو، مهان ليکڪ مڃيو.

... ۽ پوءِ جڏهن اسٽيج جي سونهين (سيڪريٽري) ارشد جو نالو ورتي ڪيس ڪهاڻي پڙهڻ لاءِ سڏيو هو، تڏهن ڪيس الائي ڪهڙن ڪهڙن القابن سان نوازيو هئائين.

سڪل ۽ سڙيل.

سڙٻاٽون ٽيل.

هوا جي جهوٽي تي ٿاٻڙجي پوندڙ، مهان ليکڪ، برک ڪهاڻيڪار جڏهن ڊائيس تي آيو هو ته لڳاتار تاڙيون وڄنديون رهيون هيون.

هن ٿورا مڃيا ۽ پوءِ ڪهاڻي پڙهي.

ديس جي ڪهاڻي.

پيڙيل ۽ ڏتڙيلن جي ڪهاڻي ـــ پيار ۽ پريم جي ڪهاڻي. ... ۽ انسانيت جي ڪهاڻي.

سارو پنڊال تاڙين سان گونجي ويو هو.

... ۽ پوءِ جڏهن مهان ليکڪ کي، پنهنجي ڪهاڻين جي اجوري ۾ "ايوارڊ" ڏيڻ جو اعلان ڪيو ويو ته سندس نالي جا اپ ڏار نعرا لڳا هئا.

سندس ڪهاڻين تي ايوارڊ ـــ!

پريان سندس زال عاشي بيٺل هئي ـــ اڌ اگهاڙي ـــ پيٽ بکي، حسرت ۽ آس جو بت بڻي.

"پيارا ارشد ـــ!

منڌل منڌل پيا لڳو ـــ توهان جي طبيعت ته ٺيڪ آهي، اچو آرام ڪيو ـــ!!" هن هڪ دفعو وري ايوارڊ ڏانهن ڏٺو ۽ زور سان ٺهڪ ڏنو ـــ لڳاتار ٺهڪ ڏيندو ئي رهيو ـــ هو اڳتي وڌندو ٽڙندو ـــ! ۽ چوندو رهيو!

"تون پريشان نه ٿي عاشي ـــ مونکي ڪجهه نه ٿيندو ـــ آئون اجا جيئندس پياري عاشي ـــ؟!

تون ته مسڪراءِ ـــ وڏا ٺهڪ ڏي تون به ـــ اڄ مونکي مهان ڪهاڻيڪار جو ايوارڊ ڏنو آهي قوم ـــ آئون هاڻ مهر لڳل وڏو ڪهاڻيڪار آهيان ـــ منهنجي ڪهاڻين جي قيمتَ هي پتلو اٿئي عاشي ـــ ڏس.

ڏس ته سهي ـــ ڪيڏو نه سندر بت آهي هيءُ ـــ منهنجي رت ۽ ست جي قيمت اٿئي اهو مٽي جو پتلو ـــ نچڻي جو ننگو بت.

منهنجي ڪهاڻين جو ايوارڊ، منهنجي ڪهاڻين جو بت. منهنجو انعام، اهو ئي ڏنو آهي قوم.

ٻڏاءِ عاشي ٻڏاءِ ـــ؟؟؟"

"اٿئي ڪا اهڙي جاءِ جتي هي بت رکندينءَ." هو مشڪيو ـــ هن ٺهڪ ڏنو ۽ پوءِ لڳاتار ڏيندو رهيو ٺهڪ.

بلو جي منهن تي سرهاڻ ۽ اکين ۾ چمڪ اچي ويئي هئي. بت ڏسڻ کان پوءِ ـــ پٽس ڪڏهن به اهڙو سهڻو رانديڪو نه آندو هو هن لاءِ؟! هو من ئي من ۾ گد گد ٿيڻ لڳو هو ـــ سهڻو رانديڪو ڏسي بس کيس ته بل ڪپندو هو.

"پر.... پر راشد ـــ هي بت اسان جي بک ته ڪونه مٽائيندو ـــ هن کي اسين ڇا ڪنداسين ـــ؟؟" جوٺس گنڀير ٿي ويئي.

خوش ٿي عاشي ـــ تون مهان ڪهاڻيڪار جي زال آهين." ٺهڪ ڏيندي هن چيو.

"توکي مٽي جي هن پتلي وڏو ڪهاڻيڪار ته بڻائي ڇڏيو. پر تنهنجي مهان هستيءَ مان ڪهڙو فائدو ـــ؟ ٻڏاءِ ارشد ٻڏاءِ ـــ؟؟!!....؟؟؟" جوٺس جا اهي سوال سندس من پاتال ۾ گونجندا رهيا ـــ ۽ هن جي اکين ۾ لڙڪ پرجي آيا.

"تون.... تون سچُ ٿي چوين عاشي ـــ منهنجي مهان ڪهاڻيڪار هئڻ سان اوهان کي ڇا ملندو.

منهنجي پيڙا اوهان جو پوڳيو ـــ؟؟

بلو جو پوڳي.

تون جو پوڳين.

کھڙو فائدو منهنجي مهان هستي مان اوهان پنهي کي ـــ.؟؟
منهنجي انا جي پيٽا اوهان جون خوشيون چو چڙهن ـــ؟؟؟
مان ڪيڏو نه خودغرض آهيان عاشي.
عاشي مون اوهان کي ڪيڏا نه عذاب ڏنا آهن ـــ پر... پر هاڻ نه ڏيندس ـــ نه ڏيندس عذاب اوهان کي.
مان اوهان پنهي لاءِ ڪجهه نه ڪجهه ضرور ڪندس ـــ بي صورت ۾ نه چوائيندس تنهنجو مڙس ـــ ۽ بلو جو بابا ـــ!!؟؟
مان .... مان آهيان بلو جو بابا ـــ" هن پريان چڱل ڪٽ تي ويٺل بلوءَ کي چمي ڏيندي چيو.
"مان آهيان عاشي جو مڙس ـــ منهنجي پياري عاشي جو" هن سٽ ڏيئي بلو کي هنج ۾ ڪنيو ۽ چمڻ لڳو ـــ ڪيس پيار ڪرڻ لڳو ـــ هن نچڻي جو بت بلو کي ڏيئي ڇڏيو، خوبصورت رانديڪو ڪٽي بلو ڏاڍو خوش ٿيو ۽ هنج مان نڪري وٺي دوڙ پاتائين ـــ ڄڻ ڪيس سموري دنيا جون خوشيون ملي ويون هيون. ڄڻ ڪائنات ملي وئي هئس ڪيس. هي وڌيو، عاشي ڏانهن، پنهنجيَ زال ڏانهن ـــ سالن کان سانڊيل سندس سيني ۾ شڪايتون دور ڪرڻ لاءِ.
هن ڪيس پانهن مان جهلي ڪٽي هنجهه ۾ ويهاريو ـــ ۽ هوءَ ساري سميٽجي وئي ـــ .... ۽ پوءِ ڄڻ ڪو آتش فشان هو جيڪو ڦاٽي پيو هو. لاٿو پيڙ ڪري نڪتو هو ۽ پل کن ۾ وهي هليو هو.
هي نستو ٿي ليٽي پيو هو ـــ سندس سڄو بدن ڪنهن تازي ڪٽل گوشت جيان رڦي رهيو هو.
هو ڪنگهيو ـــ وري ڪنگهيو ۽ پوءِ لڳاتار ڪنگهندو رهيو.
هن محسوس ڪيو ـــ سندس وات پريل ـــ!!
هن ٿڪيو.
رت....؟!.....؟؟؟
"ارشد هي ڇا ـــ؟" عاشيءَ جو ڄڻ هنيانءُ ڦاٽي پيو.
وري ڪنگهه.
وري ٿڪيو رت ـــ!!
هڪڙي هڏڪي آيس.
پوءِ الٽي ـــ رت جي الٽي ـــ!!
"ارشد ـــ"
"پيارا ارشد ـــ؟؟....؟؟؟....؟؟؟؟"
"ارشد اهو ظلم آهي. ائين نه ٿيندو. ڪڏهن نه ٿيندو."
جوڻس رڙيون ڪرڻ لڳي ۽ هن جي ڇپن تي هلڪي مرڪ اپري آئي ـــ هو

پٺڪيو.

"توهان کي خوشيون کپن نہ ـــ نہ... منهن.... منهنجا.... خشڪ ليڪ.... ليڪ جي زندگي مان ... او... اوهان کي ڪهڙو فائدو....؟؟؟ ڪ ڪ... ڪ ڪهڙو فائدو اوهان کي ـــ

الٽي ـــ رت... رت... رت.. رت...

وري الٽي....وري رت.

۽ هاڻ الٽي گوشت جا ٽڪر....

هو ڏيرڪي پيو هو هڪڙي پاسي ـــ هن ڪجهہ چوڻ چاهيو ـــ پر ڪجهہ نہ چيو ـــ سندس آواز بند ٿي ويو هو. صرف مشڪيو هو ـــ ۽ پوءِ ڪنڌ لڙي ويس.

هو مري ويو هو.

مهان ليڪ مري ويو هو.

"ارشد ـــ موٽي آءُ ارشد ـــ نہ گهرجن اسان کي خوشيون، توکي پنهنجي ڪلا جو قسم موٽي آءُ ـــ ڪهاڻين جو قسم موٽي آءُ ـــ!!"

.... ۽ ٻاهران دروازي تي زوردار ٺڪاءُ ٿيو ـــ ايوارڊ وارو بت ڀڳو هو شايد ـــ عاشي رڙيون ڪندي جوڙ پائي دروازو کوليو ـــ نچڻيءَ جو بت چڪناچور ٿيو پيو هو ـــ ۽ بلو جي اکين ۾ ڳوڙها هئا.

.... ۽ پوءِ رڙيون دانهون ۽ واويلا.

هڪ معصوم ٻي سندس ماءُ ـــ ٽيون لاش، اصول پرست ليڪ جو.... ۽ بس.....؟؟؟!!!

(شهيد آفتاب نظاماڻي جي 1982 ۾ ڇپيل ڪتاب "ارپنا" مان ورتل)



امر لغاري

# انگي منجهه اسرار

## 1

ضيائي شريعت کان ڪجهه سال اڳ علي ٺاهوڪڙو پورل هوندو هو. انهن ڏينهن ۾ شاهپور جهانيان مان ديني تعليم مڪمل ڪري پنهنجي ڳوٺ جي مسجد کي اچي آباد ڪيو هئائين. هُو بيحد سريلو ۽ سُلڇڻو ڇوڪر هوندو هو. صبح جو سويل جڏهن لائوڊ اسپيڪر تي تلاوت ۽ واعظ ڪرڻ فرمائيندو هو ته بي ايمانن کي پوءِ ورائي ويندو هو ته متان هُو مسجد جي چوڪٺ تائين نه گهلجي اچن. انڪري هو اڪثر ڳوٺ جي پوئين گهٽيءَ مان نڪري پنهنجن ڪمن ڪارين تي ويندا هئا. عليءَ جي تبليغ جو طريقو نهايت سادو ۽ پُرڪشش هو. هُو بيحد نفيس ٻوليءَ ۽ چند لفظن ۾ ماڻهن کي الله جي ڏمر ۽ دوزخ جي دلهول پيدا ڪندڙ باه جي باري ۾ ٻڌائيندو هو. هو هميشه "موت جو منظر" ۽ "موت کان پوءِ ڇا ٿيندو" جهڙا دل ۾ ڪنبڻي پيدا ڪندڙ ڪتاب رکندو هو، ۽ هوٽلن ۾ ويهي "قصص الانبياءَ" کان وٺي "نقش سليماني" تائين جهڙن ڪتابن تي بغير وچڙندي تفسرو ڪري ويندو هو. سال ڏيڍ رکي جڏهن آمر ضياءَ پنهنجا غير مقبول "ناظم الصلواة" رکيا هئا ته عليءَ کي به پنهنجي ڳوٺ لاءِ "ناظم الصلواة" چونڊيو ويو هيو. هُن کي اِن نيڪ ڪم جي عيوض حڪومت طرفان ڪجهه رقم ڏيڻ جو واعدو پڻ ڪيو ويو. عليءَ سان گڏ جيڪي ٻيا تبليغ ڪندڙ مقرر ڪيا ويا، تن ۾ اهڙا به هئا، جن کي پنهنجي صحيح آڱوٺو لڳائي ڪرڻي پوندي هُئي ۽ اهڙي ئي سندن علم بابت ڄاڻ هُئي. ڪن بابت ته اهو به هُلي چڪو هو ته هُو انتهائي غليظ قسم جا ماڻهو هئا، جن کان نه هو ڪو ڇورو ٻچيل ۽ نه ئي ڪو هيجڙو ڇڏيو هئائون. اهڙن ماڻهن جي وچ ۾ عليءَ جو مقرر ٿيڻ خوشيءَ جي ڳالهه هُئي. علي قرآن ۽ حديث کان واقف هو، تبليغ ۽ تعليم جي طريقن جي ڪيس اڳ ۾ ئي ڄاڻ هئي.

2

هڪ ڏينهن علي عشاءَ واري نماز پڙهائي اجا فارغ ٿي مس ٿيو هو، جو رمي اچي ڪڙڪ سلام ورايس. رمضان عُرف رمو عليءَ جو انتهائي اعتبار جوڳو دوست هو، ۽ عليءَ کي ڪانئس ڪنهن به مسئلي ۾ جان ڇڏائڻ ڏاڍو ڏکيو لڳندو هو، انڪري رمي کي ٽارڻ عليءَ جي وس ۾ نہ هو. رمي، عليءَ جي هڪ چئوڙي مان جهلي ڪيس جهتن جي ٻوڙن وٽ وچي ٻيهاريو. پنهنجو وات عليءَ جي هڪ ڪن جي ويجهو آڻي چيائين، "علي، دوستن ڪعبت الله شريف جي فلم آندي آهي، جي هلين تہ پوءِ جهٽ ڪر. وري اهڙو موقعو ملي الاءِ نہ."

عليءَ جيئن ٿي ڪعبت الله جو ٻڌو، اندر ڪنهن اڇاتل نور سان روشن ٿي ويس. اکين ۾ ٿڌاڻ لهي آيس. هڪ مقدس ۽ معصوم، پر اجا بہ ٻنهہ پاڪ مرڪ سندس نرم چپن تي ڦهلجي ويئي.

"ڪعبت الله ڏيکاريندا؟" عليءَ مسرت وچان وري پڪ ڪندي پڇيو.

"هائو، علي." رمي چيو، "جيستائين مونکي خبر آهي، هو اهڙي ئي ڪا فلم آڻيندا، جنهن ۾ مقدس جاين ۽ زيارتن جو ديدار پريل هوندو."

"پوءِ تہ هلبو." عليءَ ذري گهٽ اڌامندي چيو، "پلي پار جو ديدار، پوءِ ڪٿي خواب ۾ چو نہ هجي، گناهن لاءِ آخري ڏينهن آهي."

"تہ پوءِ بس." رمي چُٽڪي وڄائيندي چيو، "اجرڪ ڪٿي اچ تہ هلون."

"ڪٿي هلڻو پوندو؟"

"شهر"

"شهر بہ پري ڪونهي" عليءَ اطمينان ڪندي چيو، " اجهو ٿا رسون، پاڻ ڪان اڳ تہ ڪونہ ڏسي ويندا نہ؟"

"نہ پيارا." رمي يقين جو گهُٽ پريندي چيو، "پاڻ ڪان سواءِ هُو اُها فلم نہ هلائيندا."

"تہ پوءِ دير نہ ڪر مان اجهو ٿو رسانءِ."

3

جنهن جاءِ ۾ فلم ڏٺي پئي وئي، اُهو ڪارخاني جي مزدورن جو ڪو ڪوارٽر هو. عليءَ ۽ رمضان دروازو ڪڙڪائي اندر گهڙي ويا. جتي اڳ ۾ ئي ست اٺ مڙس کٽن تي اهليا پيا هئا. وي سي آر هلي رهيو هو ۽ ان مان هانءُ ۾ پيهي ويندڙ اجنبي آواز آه، او، آه اچي رهيو هو. عليءَ جي نظر جڏهن پردي تي

ٻي رات هو عشاءَ جي نماز پڙهائي رهيو هو، جو سندس خيالن ٽيڙ کاڌو. هو فرض واري آخري رڪعات ۾ ٻن سجدن جي جاءِ تي هڪ ڪري ويهي رهيو. حالت اها ٿي جو چارئي فرض وري پڙهائڻا پيس، جنهن تي بعد ۾ ڪافي همراهن گهٽ وڌ چيس. نيٺ نماز پڙهائڻ ڇڏيائين، ۽ غمگين رهڻ لڳو. عليءَ جي اندر ۾ ڪا شيءِ هئي، جا پلجي رهي هُئي، ۽ سندس رت ڦڙو ڦڙو ڪري هضم ڪري رهي هئي. جا چڻنگ مزدورن جي ڪوارٽر ۾ پڙڪو کائي ٻري پئي هيس، سا هاڻ سڄي وجود کي ساڙي رهي هيس. اڳي جو هو راتين جون راتيون مسجد ۾ پيو هوندو هو، هاڻ سڄو وقت رمي ۽ ٻين خاص قسمن جي ڇورن سان گڏ گذارڻ لڳو. اکين ۾ اهي ئي ساڳيا سپنا تري رهيا هيس، جن ۾ جيئريون جاڳنديون تصويرون پنهنجي اندرين چين جي جُستجو ۾ سرگردان هيون. عليءَ کي رڪي رڪي اهو جسم ياد ايندو هو، جنهن جي تڙپ ڏسندڙن جي نس نس ۾ اُلا ۽ چنگاريون ٿي ڀريون. اهو ٻہ زندگيءَ جو عجيب موڙ هو، جنهن عليءَ کي مسجد جي ممبر تان ڇڪي اچي وڊيو ڪيسٽن جي دڪان تي ويهاريو هو. عليءَ ڪيسٽون ۽ انهن جا فوٽا ڏسي ذهني توڙي جسماني سڪون پيو حاصل ڪندو هو. موقعو ملندو هوس تہ "x" سيريز مان ڪا ٻہ فلم ڏسي وٺندو هو.

## 4

هڪ دفعي رمو ڪيس ٽنڊي آدم جي ريلوي ڦاٽڪ گهمائڻ وٺي ويو، جتي ڪنهن ڪسبيائي جي ڳجهي حرڪت ڪندي ٿڙون کائي ويٺو. علي تمام سادو ۽ شريف ماڻهو هو، سو ساڻس جيڪڏهن ڪو مسئلو ٿي ويندو هو تہ پاڻ تي وسهائي ويندو هو، پر ڳالهہ ٻاهر نہ ڪڍندو هو. رمي جڏهن سندس ٻگ ٻاڙها ٽيل ڏٺا تہ کانئس پڇيائين، "علي، هيءُ ڇا؟"

"ڪٿي؟" علي هڪو ٻڪو ٿي ويو.

"تنهنجا ڳٽا ڳاڙها ٿيا پيا آهن."

"الائي." عليءَ ڳٽن تي هٿ جي تري ڦيريندي وراڻيو، "مون کي تہ ڪجهہ ڪونہ ٿو ڏسجي."

رمو ان معاملي ۾ ڪيترن ڪان کي وکون اڳتي هو. ٽنڊي آدم توڙي ميرپور جي، ڪا بہ ڪسبيائي کانئس ڳجهي نہ هئي. هو هڪدم انهي فليٽ ۾ گهڙي ويو، جتان تازو تازو علي بي آبرو ٿي نڪتو هو.

"عليءَ سان سٺي هلت نہ هلي آن، زيني." رمي ڪسبيائيءَ جي اکين ۾ اکيون وجهندي چيو.

"ٻيو ڇا ڪيانس ها." زينت بہ ڏوڏا ڪٽي ڪڍيا، "ٻہ..... هٽي منهنجون

ٽنگون بہ خراب ڪري وڌائين. ڪٿان وٺي آئين لڙڪي ڪي؟ ڇميون پيو ڏئي ڇڻ وَڇ پئي ڏائي. مون تہ اجا ڇڏي ڏنومانس، پيءُ هجي ها تہ لت هٽي آنڊا ڪڍي وجهيس ها."

"پوءِ بہ ......... سئو نہ ڪيئي." رمي آخر ۾ پاراتو ڏيندي چيس، "پهريون پيرو آيو هو، واقعاتي تڙ سمجهي درگذر ڪري ڇڏين ها."

رمو ۽ علي ڳوٺ موٽي آيا. پنهي رستي ۾ ڪٿي بہ ڪونہ ڳالهايو. بہ ڏينهن مس ڳذريا علي اوچتو غائب ٿي ويو. رمي سمجهيو شايد جلسي تي ويل آ. صبح جو گم ٿي ويل علي جڏهن شامڙيءَ جو گهر پهتو تہ ڳوٺاڻا وچينءَ نماز پڙهيو مسجد جي ٻاهريان حال احوال ڏيڻ وٺڻ ۾ مشغول هئا. انهن مان هڪ همراه عليءَ ڏي ڏسندي ئي ٺهڪ ڏنو. جڏهن سيني ڏانهس ڏٺو تہ علي ڪڪو وڪو ٿيڻ لڳو. مجني پاڻ ڏانهن سڏ ڪندي پڇيس، "علي، ڪٿي هولي وارو گڏيئي ڇا؟"

"نہ تہ.." علي پريشان ٿيندي وراٺيو.

"پوءِ اهي ڪن، چپ ۽ ڳل... وري ڪالر، گلو ۽ ڳچي ڳاڙهي ڪٿان ڪيئي؟"

"ڪٿي!" علي منهن کي هيٺ ڪري، ڪالرن کي ڪلهن ڏانهن ڇڪيندي وراٺيو،" مونکي تہ خبر ڪونهي."

"اڙي علي، سُرخي تہ ڪونہ لاتي اٿئي؟" هڪ شرارتي ڇوري ڪيس ٽوڪيندي چيو.

"نہ نہ ـــ خدا جو قسم، مونکي ڪوبہ علم ڪونهي."

"اڙي، ڪنهن سرخيءَ واري ڇميو تہ ڪونہ ٿئي؟"

عليءَ جي اندر ۾ ڌڪ لڳو، ۽ هو واٽڙو ٿي ويو. تيز تيز وکون کڻي گهر ڏانهن وڃڻ لڳو، پر اندر مان اوچتو هڪ آه نڪتس. جنهن جي مفهوم جو اشارو انسان اندر رکيل ان ڪمزوريءَ ڏانهن هو، جنهن جو ڪاچ علي ٿي چکو هو. عليءَ کي اها سُڌ نہ هئي تہ آخر، جيڪڏهن انسان (الله جي تخليق) هڪ راز آهي تہ پوءِ منجهس (اندر داخل ٿيڻ لاءِ) ڳُڙکي ڇو؟ عليءَ کي لڳو ڄڻ پويان پيڇو ڪندڙ ٺهڪ ۽ تاڙيون سندس تي نہ، بلڪہ ان بت تي هيون، جيڪو اُن سيڪ جي تپش سهي نہ پئي سگهيو. جيڪو ازل کان هُن جي بت ۾ لڪيل هو. علي خاموش، اجهامندي مچ جيئن آهستي آهستي سندن نظرن کان اوجهل ٿي ويو.

ٻئي صبح جو اها ڳالهہ مشهور ٿي وئي تہ علي بہ هاڻ هري پيو آ، ۽ سندس شمار ڳوٺ جي لوفر ۽ اٺوٺندڙ ڇورن ۾ ٿيڻ لڳو. جڏهن پيءُ کي عليءَ جي نماز کان دل کڄي وڃڻ، ۽ سندس ڊماڪاخيز خاموشيءَ جي اصليت جو پتو پيو، تہ هن عليءَ جا بسترا ٻڌرائي، گهر نيڪالي جو حڪم ڏيئي ڇڏيو.

علي بسترا کڻي شهر هليو آيو. سوچين جي پاڙي ۾ هڪ ڦٽل مسجد کي

اچي آباد ڪيائين. جيتوڻيڪ سانگهڙ شهر ۾ ونڪ ونڪ جا ملان آباد هئا، پر ان مسجد جي ويجهو الائي ڇو ڪير بہ ڪونہ ٿي لڙيو. اهو انڪري بہ ٿي پئي سگهيو تہ پر ۾ ڪنهن بہ ديندار جو ڪو گهر ڪونہ هو، جتان مولوي صاحب لاءِ ماني ٽڪر اچي سگهي ها. ۽ پيو اهو بہ تہ، جتي اها مسجد سڳوري اڏيل هئي ان جي چوڌاري سوچيءَ، پنگيءَ ۽ شڪاريءَ آباد هئا. ۽ ڪو بہ مولوي اهو پاپ ڪڻ لاءِ تيار نہ هو تہ هو بي ايمانن جي پاڙي ۾ رهي پنهنجي قيامت ڪاري ڪري. پر ڪن ماڻهن جو اهو خيال ٻهو تہ ان مسجد جي احاطي ۾ هڪ بيگناه قتل ٿيل همراه پوريل هو، جنهن کي پاڙي وارن انڪري قتل ڪيو هو، جو هو گهڻن ئي ڳالهين تي پردو وجهڻ نہ چاهيندو هو. بهرحال ڪجهہ بہ هو، مولوي علي ان مسجد جي چونڊ انڪري بہ ڪئي هئي، جو هڪ تہ هو پاڻ تڙيل هو، ۽ پيو تہ الله جو گهر ويران ۽ برباد پيو هو. ٽئين ڳالهہ اها بہ هُئي تہ مسجد جو ماحول عليءَ جي طبيعت مطابق هو. خاموش، ويران ۽ برباد، بس ڪنهن بني آدم ڪيس ٺاهي پنهنجي حال تي ڇڏي ڏنو هو. ائين، جيئن مولوي عليءَ کي مالڪ ٺاهي پنهنجي حال تي ڇڏي ڏنو هو.

پهرين ڏينهن علي مسجد سڳوريءَ کي خوب صاف ڪيو، ۽ هڪ عدد تڏو وٺي اچي مسجد ۾ وڇيريائين، جنهن تي پوءِ ويهي الله جي عبادت ڪيائين. سندس ذهن ۾ اوچتو خيال آيو تہ ڇو نہ رب کان گناهن جي معافي وٺي ۽ توبهن تائب ٿئي. ائين سوچي هو سجدي ۾ ڪري پيو. علي ان رات خوب رنو. ايترو رنو جيترو ڇمڻ مهل بہ نہ رنو هئائين. مالڪ کي پاڏائي پاڏائي، اندر جي سڄي ڪٿ ميل ڪيدي اوچلائڻ جا سڀ سانپاها ڪيائين. عليءَ کي خبر هئي تہ مالڪ جي هيءَ دنيا بندي کان سواءِ بيسود آهي ۽ بندو مالڪ جو سڀ کان وڌيڪ ڇهيتو آهي. هو نہ فقط انسان جي خطا بخشي ٿو، پر سندس روح ۾ نئين واٽ جي لاٽ بہ دکائي ٿو. رب جي هڪڙي خوبي "واحدالقهار" آهي، تہ ٻيون سيئي انسان جي چوٽڪاري ۽ بخشش لاءِ آهن. اهو سوچي علي پنهنجي دل کي تسلي ڏني.

هڪ رات هڪ عورت، جنهن کي انگيءَ ۽ پڙو پاٽل هو، عليءَ جي ان اڪيلي دنيا ۾ گهڙي آئي، جنهن تي عليءَ جي شعور جو ڪو بہ دخل نہ هو. هوءَ عليءَ جي پر ۾ اچي ويهي رهي. ڪيس نهايت ئي عاجزي ۽ انڪساري سان التجا ڪندي چيائين "بابا، مونجو مڙس هيروني ٿي پوآ... ڪا دعا ڏو."

علي ڪجهہ گهڙيون ڪيس ڏسندو رهيو پر پوءِ هڪدم خيال آيس تہ ائين ڪرڻ شيطاني وسوسن کي دعوت ڏيڻ جي برابر ٿيندو. هن هڪدم پين پنو ڪنيو، ۽ ٽي آڏيون ابتيون لڪيرون ڪيدي، تعويذ کي ويڙهي سيڙهي، عورت جي هٿ ۾ ڏنائين، تہ سندس نظرون هن جي اکين تي وڃي پيس، جيڪي ميڻ بتيءَ وانگر

رُڪي رُڪي نمي رهيون هيون. علي تعويذ هٿ ۾ ڏيندي چيس، "ست ڏينهن تعويذ وٺي لڳاتار پيارينس. الله هدايت ڏيندس."

عليءَ جي اها ننڍڙي دنيا جنهن ۾ هن پهرين دفعي ڪامنيءَ کي ڏٺو، هڪ وسيع دنيا ۾ تبديل ٿي ويئي. ان هڪ ننڍڙي ڏيک ۾ ئي هُن ڪامني کي ست دفعا پاڻ وٽ ايندي ويندي محسوس ڪيو. آخري دفعي جڏهن هوءَ آئي ته علي دستور مطابق ڏانهس غور سان ڏٺو. ڪامنيءَ کي اُت گُت ٿي ته شرم وچان پڇيائين، "شا ٿو ڏسين، مولبي؟"

"ڏسان پيو ته جيڪر تون "رستي" تي هجين ها."

"اهو شا هوندو آ، مولبي؟"

"تون سمجهي ڪونه سگهندينءَ، ڪامني."

"شو، مولبي؟"

"ڇو ته تون ملوڪ آهين نه."

"سچ، مولبي؟"

"هون هون." علي ٿڌو شوڪارو ڀريندي چيو، "سو فيصد سچ"

"ته مونسان..... " ڪامني وچڙي... "ته مونسان ....ته شادي ڪندين؟"

گهوڙو ڇنو، علي هڪو ٻڪو ٿي ويو، ڇرڪ ڀريائين ته دل ڌڪ ڌڪ ڪرڻ لڳس. بغير سوچيندي سمجهندي چيائين، "مون ته بس .... ائين پئي چيو... ها، بس ائين ئي."

"ته شا تون..... نه ڪندين؟"

علي کو به جواب نه ڏنو. ذر ذر شادي جو نالو ڪنن ۾ ٿي گونجيس ته پگهر وٺي ٿي ويس. جلدي ۾ تعويذ ويڙهيندي چيائين، "هي به ڏينس. الله خير ڪندو. ها، الله خير ڪندو."

تعويذ ڏيندي مهل عليءَ جا هٿ ڪنبي رهيا هئا. ويندي مهل ڪامني، ڪيتري دير تائين عليءَ جي اکين ۾ اکيون وجهي تڪيندي رهي، ۽ پريشانيءَ جي عالم ۾ علي ذر ڪک ٿي چونديا ته ذر مسجد جي هجري کان ٻاهر ٿي ڏٺائين. ڪامني آخري دفعي چيس، "سائين، جي پانجو ڪرين، ته ٺيڪ آ. ايندي رهندس. ٺيڪ آ نه؟"

ائين چئي ڪامني عليءَ جي اکين کان اوجهل ٿي ويئي، ۽ هن جي اندر ۾ هڪ نئين دونهين دکائي وئي. ٿوري دير لاءِ عليءَ جي دماغ ۾ وي سي آر ۽ ان جون ساه کڻندڙ آهون، زينو ۽ سندس اگهاڙو بدن، ۽ پوءِ جينا ٻائي سرخي واريءَ جا انگ هڪ هڪ ٿي قرڻ لڳا. ٿورڙي ئي دير اندر علي اهو فيصلو ڪري ورتو ته هو اهڙي ئي ڪنهن ڪامنيءَ کي هر حالت ۾ "رستي تي آڻيندو." رستي تي آڻي، پاڻ سان ڪري، پنهنجي مرشد ملان ميرمحمد مرحبي

شاهجهانيان واري وٽ وٺي ويندو ۽ وٽانئس فيض جو ڪشڪول پرائي اچي ڪنب (ڪنب عليءَ جي اصلي ڳوٺ کان ڪجهه ڪلوميٽر اتر طرف هڪ ننڍڙي وستي.) پيڙو ٿيندو. اهو سوچي ملان علي پنهنجي والد صاحب جي غير اسلامي ۽ غير اخلاقي رويہ تي سخت افسوس ڪيو، ۽ ويران مسجد جي پريشان اونداهيءَ کي حقارت منجهان ڏٺو. اها اونداهي عليءَ جي اندر جي ان اونداهيءَ سان هوبهو ملندڙ جلندڙ هئي، جنهن جي سيني ۾ لاٽ دکائڻ لاءِ هو دردر ڀٽڪي رهيو هو. عليءَ جي اها دنيا جا ڪنهن وقت هڪ مقدس ۽ محبوب نور سان ٽمٽار هوندي هئي، سا هن جي جسماني پرورش ۽ اندروني پيچ - ڊاهہ ۽ زندگيءَ جي واقعاتي موڙن جي زد ۾ اچي مفلوج بنجي وئي هئي. عليءَ کي هڪ سهاري جي تلاش هئي، ۽ ان سهاري جي مضبوط ٻانهن ۾ پنهنجي پاڻ کي اوڇلائي، پنهنجي ارڏي روح جي تسڪين لاءِ خارجي اهليت/ٽڪاڻو ڳولهو هو، جنهن لاءِ سندس من ڪيس طرحين طرحين موڙن ۽ حادثن منجهان ٿي گذاريو، ۽ علي ان بيچين ۽ ٽڪائيندڙ ڊارا ۾ هوائن جي لهرن جيئان وهندو پئي هليو.

عليءَ کي مسجد آباد ڪيي هفتو ڏيڊ مس ٿيو هوندو، جو اسلام آباد منجهان زڪاتي کاتي واريءَ حج لاٽري جو پروانو اچي مليس. هو خوش ٿي اڏجي پيو. دل ئي دل ۾ رب پاڪ جو شڪرانو ادا ڪيائين.

"واه مولا! تنهنجي رحمت جا نرالا نمونا." علي هٽ ڦهلائيندي چيو، "تنهنجي رحمت تنهنجي غضبي تي ڪيڏو نہ ڀاري آهي، مان حج ڪندس منهنجا مولا. مان توبهن تائب ٿيندس. مان تو در پيش پوندس. مونکي بخش ڪجانءِ منهنجا، رب."

علي دعاڳو ٻڪ پنهنجي لڙڪن هاري منهن تي وچيري ڇڏيو. اکين ۾ پلي پار جو تصور لڙڪن جيئن گهرگهلو تي هلڻ لڳس. هو آخر ۾ دعاءِ خير پڙهي سمهي پيو.

## 5

حاجي عليءَ کي ڪجهہ ڏهاڙا ٿيا هئا، جو هو سعودي عرب منجهان ڪراچي پهتو هو، ۽ اتان سڌو سانگهڙ آيو هو. جنهن ويل هو داتا جويلرس وٽان لنگهي رهيو هو، ان ويل ڪيس تيز سائي ستڻ پاتل هئي، ۽ مٿي تي سعوديءَ مان آندل ريشمي رومال ٻڌل هوس. جنهن تي ڪنهن قبي واري مسجد جو نقش چٽيل هو، پر وچ تي ڪٽي ڪٽي ۽ ٻاهرين ڪنارن سان نيرين پٽيون چنبڙيل هيون، جو دراصل نظر جو دوڪو هيون. هميشه وانگر هن جي ستڻ جا پانچا مرين کان مٿان بيٺل هئا، جنهن سبب هن جون ڪاڙهي ۾ ڪڙهيل ۽ چمڙي سڙيل ٽنگون ٻَهڻ

جي پَڇَرن جيئن پئي لڳيون. عجب جي ڳالهه اها هئي ته هن سائي صوفين واري سڻ مٿان سفيد عربي جُبو اوڍي رکيو هو، جو ديگهه ۾ اصلي جُبن کان بنهه ڪنجيل هو. حاجي عليءَ جو بدن، جو حج تي وڃڻ کان اڳ بنهه ڪرنگهي ڪي لڳل هو، هاڻ وڏي گولائي ۾ وري چڪو هو. ڪراچيءَ تائين ته هن جي منهن مبارڪ تي هڪ ملوڪڙي سونهاري لٽڪيل هئي، هتي اچڻ بعد سندس منهن مبارڪ ڪنهن شيونگ ڪريم جي ڳِنل اشتهاري فوٽي جهڙو پئي لڳو.

جڏهن هو داتا جويلرس وٽان پي لنگهيو، ته اوچتو سندس البيلي نظر اڙي ڪري، اسٽور ۾ اندر رکيل شوڪيس ۾ اڙجي بيهي رهي. هو پنهنجي چربيءَ واري چيلهه کي وٽ ڏيندو اسٽور اندر لنگهي ويو. هن جي چوڌاري آرسين جي فٽنگ ٿيل هئي ۽ سندس سامهون رکيل شوڪيس، مالڪ ۽ هن جي وچ ۾ واحد ديوار هو. جنهن ۾ طرحين طرحين جا زيوراتي ماڊل ۽ حقيقي توڙي ڪوڙا ڳهه ڳنا رکيل هئا. جيتوڻيڪ اهو سڀ ڪجهه ڏسندي ڪيس سخت ڪاوڙ آئي ته هن اهي عربستان ۾ ڇو نه ڏٺا هُئا، پر سامهون آرسين جي وچ ۾، يعني هن جي ڳچيءَ ۽ دڙ جي عين اڌ ۾ "ايڪ دام واحد ڪلام" پڙهي هو ڏاڍو خوش ٿيو. ڪيس پاڪستانين جي هڪ زبان تي دلي مسرت حاصل ٿي. ماڊلن جي مختلف نمونن کي جاچيندي حاجي عليءَ جي نظر وڃي هڪ ڪاغذ جي ٽڪڙي تي پيئي، جو ٻن ايرينگن جي وچ ۾ رکيل هو. مٿس عبارت تحرير ٿيل هئي، "پنهنجي قيمتي وقت کي زيان ٿيڻ کان بچايو." هو گهڻي وقت تائين وقت جي زيان ٿيڻ جي مختلف طريقن بابت سوچيندو رهيو. ڪيس اها گهڙي ياد آئي، جنهن مهل هن جهاز ۾ هڪ سنهڙي سيپڪڙي ايئرهوسٽس سان ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪئي هئي ۽ ناڪام ويو هو. جهٽ پلڪ ۾ ئي حاجي علي سوچ جي لوچ کي طاق ڏيئي اسٽور واري ڏانهن ڏٺو ۽ اهو محسوس ڪيائين ته جي گهڻي دير لڳائيندو ته پڪ سان گاريون کائيندو. سو تڙ تڪڙ ۾ شوڪيسن ۾ ڏسڻ لڳو. اوچتو سندس نظر هڪ اهڙيءَ مُنديءَ تي پيئي جا ڏسڻ ۾ بيحد خوبصورت هئي. منديءَ جي مٿان چڙهيل پٽريلو ٻڙو سندس اکيون کڻڻ لڳو. ڪيس بابي صالح شاهه واري پروڪي ڳالهه ياد آئي، جڏهن هن چيو هوس: "وي عليا، ياد رک جوڙين ميڏي هڪ ڳالهه. ساوا پٿر پاوڻ نال بندي دي قبضي، ڪُن - رڳ، تي ٻارنهن ٻيان بيماريان ويندياں رهندين. پٿر پاڪي مباشرت ڪيتو وي، ته ڇڻ ڪوڪ شاستر ڳول لڌوئي."

گهڙي کن کان پوءِ حاجي عليءَ جي ذهن پلٽو کاڌو. هن ڇڻ ته مندي خريد ڪري ورتي هئي، ۽ اها هن جي هٿ ۾ هُئي. هن تصور ڪري ورتو ته هو ڦهرين ڦهرين پنهنجي پروڪي ويران مسجد جي هجري ۾ وڃي پهچندو، جتي ڳوٺان تڙجڻ کان پوءِ هو اچي رهيو هو. ٿوري دير کان پوءِ هن جي محبوبه

ڪامني، جنهن کي عليءَ حج تي وڃڻ کان اڳ خواب ۾ ڏٺو هو، سندس سامهون اچي بيهندي. سانولي رنگ جي بدڪڙي، وار منهن کان وري ڪياڙي وٽ مُرڳتو ٺاهيندڙ. جسم جو وچون حصو خالي، ڇاتين تي فيبرون جي انگي اوڙيل، جڏهن ته پولهه، ورن واري پڙي ۾ ڍڪيل. ڇپن تي هلڪي سرخي ۽ گلو ڇاتين واري وٿيءَ تائين ظاهر. اهڙين نشانين ساڻ ڪامني پنهنجو وجود ڪٺي اچي عليءَ جي تصور ۾ بيهندي ۽ ڪانئس پڇندي، "ڪٿي هئين، علي، ايترا ڏينهن؟"

هو نه چوندي به چوندو، "حج تي."

"ڇو ويو هئين، علي؟"

"اهو هڪ راز آ، ڪامني. تون ڪونه سمجهي سگهندينءَ."

"ڇو، علي. تون سمجهين ٿو ته مان ڪجهه به نه ٿي ڄاڻان؟"

"ائين ناهي. توکي خبر هوندي ـ پر ان جو ذڪر ڪرڻ اجايو آهي. ڏس نه، مان هاڻ اتان موٽي آيو آهيان. موٽي آيو آهيان نه، ڪامني؟"

"هائو تون موٽي آيو آهين." ڪامني حاجي عليءَ جي تازو لاٿل ڏاڙهي ڏانهن ڏسندي ٺهڪ ڏيندي چوندي، "واقعي تون موٽي آيو آهين، علي."

ڪامني پنهنجو ٻانهون پٽتي ڪٺي، چنبن کي تڏي تي کوڙي سڄي جسم جو بار مٿن ڇڏي ڏيندي. حاجي علي گهڙي کن لاءِ ته هن جي سيني جي اڀار ڏانهن تڪيندو رهندو ۽ پوءِ ٿڪل آواز ۾ ورائيندو ـــــ،

"هائو، ڪامني تنهنجو علي موٽي آيو آهي."

"منهنجو؟ نه نه ـ علي نه ـ تون منهنجو نه ٿو ٿي سگهين. تون منهنجو ڪڏهن به نه ٿو ٿي سگهين. توتي جنهن قوت جو قبضو آهي، اها مونکان نفرت ڪري ٿي. ڇو ته مان هڪ غلطيءَ جي بدلي، ان قوت جي چاهه کان ڪروڙين سال پوئتي هلي ويس. توکي خبر آهي، علي، ته مان ڪير آهيان؟"

"ها مونکي خبر آهي، ڪامني، ته تون منهنجي بيروني حقيقت آهين. تون منهنجو هڪ الڳ وجود آهين. تون منهنجي ٿي سگهين ٿي، ڪامني! ڪير ٿو چئي تون منهنجي نه ٿي ٿي سگهين. هيڏي اچ، ڪامني، هيڏي اچ." ڪامني مٿي ٿي ٿورو هيٺ جهڪندي، ۽ عليءَ جا ڏڪندڙ هٿ هُن جي وجود کي ڇهندا، ۽ ڪامني وٽ ڪائي اچا به سندس ويجهو ٿي ايندي. عليءَ جو وات خشڪ ٿيڻ لڳندو. هو جهٽ ۾ پنهنجي ڪيسي مان منڌي ڪڍندو. ڪامني کي ڏيکاري وري ڪيسي ۾ وجهي ڇڏيندو، پوءِ هو حج کان پوءِ جي پهرين چمي پائيندو ۽ سڄي ڳل آلي ڪري ڇڏيندو. حاجي عليءَ جا هٿ پوءِ انگي ۽ پڙي جي وچ واري وٿيءَ مٿان هوندا. اچانڪ ڪامنيءَ کي ڪجهه ياد ايندو، هوءِ عليءَ جا هٿ پٽائي پري ڪري ڇڏيندي.

"اهو ڇا هي؟" علي رڙ ڪري چوندو.

"منڊي ڏي نہ." ڪامني انگل ڪندي چوندي.

علي منڊي ڪڍي ڪامنيءَ جي هٿ تي رکندو. ڪامني چوندي، "پاراءِ نہ."

حاجي علي ڪامنيءَ جي ٻاچ وٺي منڊي پارائي ڇڏيندو. ڪامني گهڻي دير تائين تہ منڊيءَ ڏانهن ڏسندي رهندي، پوءِ آهستڙي چونديس، "حاجي...."

"هون." علي وراڻيندو تہ سهي پر هڪدم اعتراض ڪندو، چوندو، "مونکي حاجي نہ سڏيندي ڪر."

"ڇو؟" ڪامني واتڙي ٿي ويندي، "تو حج ناهي ڪيو؟"

"ڪيو تہ اٿم،" علي انتهائي ڪوفت ۾ چوندو، "پر، مونکي اهو لفظ الائي ڇو نٿو ڀانءِ پوي."

"ڇو، علي؟"

عليءَ جي هانءُ ۾ ڄڻ تہ خنجر ٽنبجي ويندو، ڇو تہ "ڇو" جو جواب علي وٽ نہ هوندو.

"الائي." علي گهايل لهجي ۾ چوندو.

ڪامني عليءَ جي ٻانهن ۾ وٽ ڪائي ڪانئس پڇندي، "توکي ڇا کپي، علي؟"

علي پنهنجا خشڪ چپ چٽيندي چوندو، "تون."

"نہ." ڪامني مٺس وار ڪري چوندي، "منهنجو خيال ڪپئي، علي."

"نہ ـ ڪڏهن بہ نہ." علي تپي ويندو، ۽ هن جي نسن ۾ خون تيز گردش ڪرڻ لڳندو، "نہ ـ ڪڏهن بہ نہ ـ اهو عذاب مان نہ ڪندس." اچانڪ عليءَ جو هٿ وڃي ڪامنيءَ جي انگيءَ سان وچڙندو. ڪامني سٽ ڏيئي عليءَ جي پهلوءَ مان ٻاهر نڪري ويندي. علي ٽپ ڏيئي هُن جي پيٽ مٿان چڙهي ويهندو.

"ائين ڪونہ ٿيندو." ڪامني پنهنجي انگيءَ کي بچائيندي چوندي.

"ائين ٿيندو." علي گگون ڳاڙيندي چوندو. "رڳو ان ٽڪڙي لاءِ پئي ايڏو اينگهائين."

"مُولي کي بہ همت ڪونہ ٿي ٿئي تہ هو منهنجي انگي لاهي."

"هو چوڙهو آ، مان مسلمان آهيان."

عليءَ ۽ ڪامني جا هٿ هڪٻئي سان وڙهڻ لڳندا. هڪ جدوجهد شروع ٿيندي. ان وچ ۾ ڪامني ليلائيندي چوندي، "ديا ڪر، حاجي. منهنجي ٻچڙن جي ٿڃ حرام نہ ڪر."

عليءَ تي ان جو بہ اثر نہ ٿيندو. هن جي رڳن ۾ جنسي رت چڪر ڪائي رهيو هوندو.

"مٿي ڪر."
"ڪونہ ڪنديس."
"ڪونہ ڪندينءَ؟"
"نہ ـ نہ" اوچتو ڪامني عليءَ جي منهن ۾ ٿوڪيندي.
حاجي علي سوچن ۽ جذباتن ۾ ايترو تہ وڃي ويو جو پنهنجو هڪ هٿ هن جي ڳچيءَ ۾ وجهندي پيو هٿ مٿي ڪٺي، هن جي ڇاتي مٿان الاري ايترو تہ زور سان هٿندي محسوس ڪيائين جو شوڪيس جو شيشو چور چور ٿي پيو ۽ سندس هٿ رتورت ٿي پيو. اتي ئي حاجي جڏهن هوش ۾ آيو تہ پاڻ رڙيون ڪري رهيو هو، ۽ دوڪاندار ڀانهن مان وٺي، گهلي ڪيس ٿاڻي ۾ ڏيڻ لاءِ روانا ٿي ويا.

## (6)

رات جو الائي ڪهڙو پهر هو، حاجي علي پريشانيءَ جي عالم ۾ ليٽيو پيو هو. هن جي مبارڪ منهن تي اداسيءَ جي چادر ويڙهجي وئي هئي. هُن اها ڪوٺڙي، جا دنيا جي بدصفت ماڻهن لاءِ مخصوص هوندي آهي، ڪڏهن بہ نہ ڏٺي هئي. حاجي علي پنهنجن پوين پنجويهن سالن ۾ ڪڏهن اهو تصور بہ نہ ڪيو هو تہ ڪيس جيل وڃڻو پوندو، ۽ پوليس جون ڪچيون گاريون کائڻيون پونديون. جيل جي ڏکاري ڪوٺڙيءَ ۾ حاجي عليءَ جو حافظو اڳي ڪانْ بہ تيز ٿي ويو. حاجي عليءَ کي ياد آيو تہ ان سڄي سلسلي جي پٺيان سندس جگري يار رمضان عرف رمي جو هٿ هو. عليءَ کي رمي جي اها هوشياري ۽ چالاڪي ياد اينديئي ڀاهہ وٺي ويئي. هو ٻئي هٿ مهٽڻ لڳو. پر ڪجهہ دير گذرڻ بعد علي ٿڌو ساهہ کڻي ديوار سان ٽيڪ ڏيئي ويهي رهيو. ماضيءَ جا ايذائيندڙ لمحا هُن جي منجهيل دماغ ۾ زوڪات ڪرڻ لڳا. حاجي عليءَ جون ٽڪل اکيون، جن هن دنيا ۾ اجا ڪجهہ بہ نہ ڏٺو هو، آهستي آهستي پورجڻ لڳيون، هو لڙڪن جي چادر چاڙهي تصوراتن جي دنيا ۾ غرق ٿي ويو.
صبح ٿي حاجي علي ننڍاڪڙيون اکيون پٽي پنهنجي ڪيي تي وڏيڪ ويچارڻ لاءِ اٿي ويٺو. ان وچ ۾ جڏهن ڪيسن ڏانهن خيال ڪيائين تہ سڀ خالي لڳا پيا هئا. هو دل ئي دل ۾ پوليس وارن کي گاريون ڏيڻ لڳو. علي اڄ اهڙو ئي ٿي پيو هو جهڙو گهران تڙجي نڪتو هو. وٽس ڪجهہ بہ نہ بچو هو. عليءَ کي اها خبر ضرور هئي تہ ان سڄي ڏچي جو ذميوار اڪيلو رمو ئي هو، باقي جو پاڻ اچي وري ان ڊسڻ ۾ ڦاٿو ٿي، سو ان مامري کان هو بنهہ بي خبر هو. صبح جو ڏهين وڳي علي آزاد ٿي پنهنجي پياري گهر جي هجري ۾ پهتو، جنهن ۾

ايڪڙ ٻيڪڙ ماڻهو عبادت لاءِ اچڻ لڳا هئا. عليءَ کي اهو ڄاڻي ڏاڍي خوشي ٿي. هوڏانهن ڪامنيءَ جا ٻه روپ سندس روح اندر رچي ويا هئا. هڪ سادو سانولو روپ ۽ ٻيو چالاڪ ۽ چيڙاڪ روپ. پر ان هوندي به هن جي اندر ۾ اها هُرڪر متل هئي ته هو اهي روپ پنهنجي حقيقي زندگيءَ ۾ ضرور پسندو. علي بيحد ٿڪل هو. انڪري ڇُپڙي ڪري سمهي پيو. پر ان کان اڳ هو برابر ڪامنيءَ جي باري ۾ سوچيندو رهيو هو. رات جي الائي ڪهڙي پهر علي ڪامنيءَ کي پنهنجي تصوراتي روپ ۾ پنهجي پر ۾ ويٺل ڏٺو. حاجي علي پنهنجا ڳورا چپر کڻي ڪيس ڪيتري دير تائين ڏسندو رهيو. ۽ ڪامني به سندس تازي لاٿل ڏاڙهيءَ ڏانهن هڪ ٽڪ ڏسندي رهي. عليءَ کي پنهنجي پاڻ کان نفرت ٿيڻ لڳي. هُن سوچيو ته ڪيس ڏاڙهي لاهڻ نه کپندي هئي. "ڪيئن آهين، ڪامني؟" علي ڳالهائڻ جو طريقو ڳولي ڪڍيو. "ٺيڪ آهيان." ڪامني ڪنڌ هيٺ ڪندي چيو.

" ۽ تنهنجو مڙس؟"

ڪامني ڪنڌ مٿي ڪيو. سندس نظرون عليءَ جي اکين سان ٽڪرائجي ويون. نہل آواز ۾ وراڻيائين، "ڪهڙو مڙس، علي؟"

"تنهنجو مڙس، مولو."

"مان اڪيلي آهيان، علي. توکي خبر آهي ته مان اڪيلي آهيان. هميشه کان اڪيلي. تو سان گڏ هوندي به اڪيلي آهيان، علي."

ڪامني ٿڌو ساهه کڻندي، مٿي ڏسندي چيو، "هر مرد سان گڏ هڪ عورت هوندي آهي، علي، ۽ هر عورت سان گڏ هڪ مرد هوندو آهي، پر ماڻهو ڪڏهن به ان ڳالهه کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪانهي ڪئي. مونکي لڳي ٿو ته، علي، تون اڪيلو هوندي به اڪيلو ناهين. ۽ مون پاڻ کي سدائين ڪنهن جي سيني ۾ ساهه کڻندي محسوس ڪيو آهي. علي، ڪڏهن تو ائين محسوس ڪيو آ؟"

جيتوڻيڪ عليءَ کي ڪامنيءَ جي انهن ڳالهين جي ڪابه سڌ نه لڳي، پر هو ايترو ڄاڻي ويو ته عورت هن جو هڪ الڳ وجود هئي. جنهن کي هن شدت سان محسوس ڪيو هو. علي چوڻ ٿي چاهيو ته ڪامني هن جي ذات جو هڪ حصو ٿي چڪي آهي، پر ان کان اڳ هن چيس، "مونکي خبر آ، علي، ته تون مونکي چاهين ٿو پر مان ته سچو گناهه آهيان، ۽ تون پيگوان جي ويجهو هوندي، مونکي چاهي نه ٿو سگهين. مان هڪ اهڙي گوشت جو گهر آهيان، علي، جيڪو هزار مردن جي محبت سان به نه ٿو پرچي سگهجي. مان وِڻندڙ آهيان، علي. مان مسلسل نه ٽڪجندڙ ۽ ڪراهيندڙ سمنڊ آهيان جو دنيا جون سموريون چاهتون پنهنجي اندر سمائي به سڏڪندو رهي ٿو. مان ڪنهن جي به ٿي نه ٿي سگهان، علي. مان ڪنهن جي به ٿي نه ٿي سگهان. مان گناهه آهيان، مان بدبوءِ آهيان."

ڪامني سڏڪي ۽ علي پنهنجي اندر ۾ هڪ قوت محسوس ڪئي. چيائين،

"نہ، ڪامني نہ. ائين ڪونهي. تون منهنجي پهلوءَ ڪانسواءِ ڪجهہ بہ نہ آهين نہ تون گناهہ آهين، نہ تون پيو ڪجهہ آهين. تون ۽ مان هڪ ئي جنون جا ٻہ الڳ درجا آهيون. هڪ ٻئي مان ڦٽون ٿا ۽ هڪ ٻئي ۾ ئي ضم ٿي وڃون ٿا. ٻڌئي، ڪامني. تون منهنجي پر ۾ ٿي ويهہ. مان توکي پاڪ ۽ پوتر ڪندس ۽ توکي رستي تي آڻيندس تون نہ ٿي ڄاڻين تہ مون تولاءِ ڪيڏو نہ پوڳيو آهي. اڄ ڪامني، "علي ڏاڍي اتساهہ مان چيس، " مان تنهنجي دوزخ ۾ هڪ بهشت ٺائيندس. مان تنهنجي داغدار دامن کي بي عيب بنائي ڇڏيندس"

"سچ، حاجي، مونکي پنهنجو ڪندين؟"

"ها، ڪامني،" حاجي هامر هڻندي چيو، "ڇهن ڪلمن کان وٺي ايمان ۽ اسلام جي هر رڪن کان توکي روشناس ڪرائيندس."

"ائين ڇو ٿو چئين، حاجي؟"

"مونکي ائين ڇوٿو آهي، ڪامني. ڄمڻ ڪانوٺي مرڻ تائين مونکي ائين ڇوٿو آهي. اهو سڀ ڪجهہ ائين آهي، جيئن روئڻ ۽ کلڻ. پر ان هوندي بہ تون مونکان الڳ نہ آهين. عشق ۽ عورت کي مون ان ڏينهن ئي محسوس ڪري ورتو هو، جنهن ڏينهن مون توکي بي لباس ڪٽي ڪراهيندي ڏٺو هو."

"سچ، علي؟"

"سچ، ڪامني." عليءَ ڪامني کي پنهنجي ڀاڪر ۾ ڀيڪوڙيندي چيو، "دل چوي ٿي تہ پاڻ تيئن هجون ـ بلڪل تيئن، جيئن ڪي صديون اڳ هئاسون. جانورن جيئن بانبڙا پائي هلون، روشني ۽ رات کي محسوس ڪيون. ڪندينءَ نہ، ڪامني؟"

"۽ هو....؟"

"هو... ڇا؟" عليءَ جا هٿ ڪامني جي انگيءَ ۾ وچڙڻ لڳا. "ائين نہ هجي ها، تہ تون مان ڪجهہ بہ نہ هجون ها. مونکي محبت آهي، توسان تنهنجي وجود سان، خدا سان، خدا جي وجود سان، مونسان، منهنجي وجود سان. سچ ٿو چوَئين ڪامني، بلڪل سچ ـ اگهاڙو سچ."

حاجي علي، ڪامنيءَ جي گرم وجود کي محسوس ڪري ورتو هو. هن جا سڀ حواس خطا هئا، فقط هڪ حواس ڪانسواءِ. ائين ئي ڪنهن مهل هڪ خوفناڪ چيخ بلند ٿي. ٻاهر گهٽيءَ ۾ هلندڙ ٻن ٽن همراهن گهبرائجي مسجد ڏانهن ڏٺو. ڊوڙ پائي اچي ڪليل حجري ۾ ڏٺائون، فرش تي هڪ تڏو وڇايل هو، جنهن تي حاجي علي اونڌو ستو پيو هو. جڏهن ڪيس سڌو ڪيائون، تہ منهن هيٺيان آيل سيراٿو بہ اٿلي اچي پيشاني تي ڪريس. سيراٿي اندر حاجي عليءَ جا مضبوط نيش ڪتل هئا، جتان کان گگون ڳڙي، سڄي سيراٿي کي آلو ڪري

رهيون هيون. هن جي هٿن ۽ پيرن جون آڱريون ڇڪجي سڪڙجي چڪيون هيون. حاجي عليءَ تي ان قسم جي بيماريءَ جو اهو ٻيو حملو هو، جڏهن ته ان جون ڪيئي نشانيون هو اڳ ۾ به ڏسي چڪو هو.



رمضان راهي

## ڪنڊيءَ ۾ قاتل ماڻهو

ڪنڊي ڪنارن تائين تار هوندي بہ خاموش هو، جڻ تہ پنهنجي شڪست جو اعتراف ڪري رهيو هجي. چيائين تہ مان نارو ڪئنال آهيان ۽ مان زنده آهيان ۽ ها بس زندهہ آهيان، ڌرتي جي ڏوڙ مونکي لٽي تہ نہ سگهي آهي - پر (هڪ ڊگهي ماٺ)...........

سائين سائين ڪندڙ خاموشي چپ چوريا، "هي اها جاءِ آهي جتي ناري جي چليهہ چڀي ٽي پئي آهي، هن جو سنڌ سنڌ ساٿو ٽي پيو آهي. هن ڪنڌ نوائي مٿو ٽيڪي ڇڏيو آهي. تڏهن تہ مانو آهي — هتي سيدن جو آستان آهي —" ايتري ۾ هڪ جهٽڪو لڳو پيڙي ناري جي پرين ڪناري سان ٽڪرائجي بيهي رهي ۽ مان ان جهٽڪي سان ناري جي تري مان نڪري پيڙي ۾ اچي بيٺس — مون ڏٺو منهنجون نظرون سامهون بيٺل شخص تي ڪٽل هيون ۽ هو بہ مونکي گهوري رهيو هو — جڻ تہ صدين ڪان ائين بيٺل هجون — منهنجي سوچ جو دائرو ناري جي ماٺ ڪان هٽي ڪري سامهون بيٺل شخص تي اچي بيٺو — بلڪل چُپ — چاتل سڃاتل اجنبي.

پيڙي ڪان لهي پياسين، مان ڪنڊي تي بيهي رهيس ۽ هو بہ بيهي رهيو — هو مسلسل مون ڏي ڏسندو رهيو — جڻ تہ سڃاڻڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هجي —

چيائين" مونکي سڃاتئي؟"

چيم "نہ"

ساڳي جيان چيومانس "تو مونکي سڃاتو؟"

چيائين "نہ،"

چيومانس "اسين چاتل سڃاتل اجنبي تہ ناهيون!!"

حيرت سان ڏسندي چيائين "چاتل — سڃاتل — اجنبي!"

چيم " ها ڪڏهن ڪڏهن ماڻهو ڏٺل هوندي بہ اڻ ڏٺل ڀاسندو آهي ۽ ڪڏهن تہ ماڻهو اڻ ڏٺل هوندي بہ ڏٺل ڀاسندو آهي — اسين انهن ٻنهي زاوين جي وچ تي بيٺل آهيون —"

ها ائين هوندو — پر ..... هو ٿورو چپ ٿي ويو تہ مون چيومانس" پر ڇا؟

چئو ـــ"

هن پولار ڏانهن نيڻ کڻي چيو "تون ڏٺل وائٺل اجنبي آهين ـــ تون هت پيو پيرو پيو اچين ـــ"

چيم "توکي ڪيئن خبر پئي؟"

هو کلي پيو چيائين "توئي تہ چيو آهي تہ ڪڏهن ماڻهو ڏٺل هوندي بہ اڻ ڏٺل ٿي پوندو آهي ـــ ائين تون ڏٺل هوندي بہ اڻ ڏٺل ٿو لڳين" اسين ٻئي کلي پياسين ـــ

هن جي مرڪ ڇهري جي دک ريکائن ۾ ۽ اکين ۾ لٽل پيڙا جي پاڇن ۾ وڃائجي ويئي ـــ ڄڻ تہ صدين جو ڏک اندر ۾ سانڍي رکيو هجيس ۽ ورهين کانپوءِ مرڪيو هجي.

منهنجي هٿ ۾ هٿ ڏيندي چيائين" هل تہ ـــ"

۽ اسين هٿ هٿ ۾ ڏيئي هوريان هوريان هلڻ لڳاسين ـــ اسين ڳوٺ جي وچين گهٽي مان لنگهياسين پئي تہ هن ڪنڌ نوائي ڇڏيو ۽ چُپ چُپ هلندو رهيو ـــ ڳوٺ مٽي وياسين تي هن ڪنڌ کي هلڪو جهٽڪو ڏيئي ڪنڌ سنئون ڪيو ۽ ٿڌو ساهہ کنيائين ـــ ڄڻ تہ وڏو وزن ڪنڌ تان لٿو هجيس اسين ٻئي چپ چاپ هلندا رهياسين ـــ واريءَ جي دڙن تي ـــ پير هيٺيان واريءَ جي گهرڪڻ جو احساس ـــ واريءَ بہ اوپري اوپري لڳي ـ نديون نديون وکون کڻندي هوريان هوريان هلندا رهياسين ـــ هٿ هٿن ۾ ۽ خاموشي ـــ

"منهنجو نالو مير آهي پر ڳوٺاڻا ميرل سڏين" هن ورجايو. "ميرل ملاح" هن پاڻ ئي پاڻ چيو، مون ڪاٻہ ورندي ڪانہ ڏني ـــ مون هڪ پل ميرل ڏانهن ڏٺو هن بہ مون ڏي ڏٺو پي ـــ مون پوءِ بہ ڪجهہ نہ ڳالهايو ـــ

"هتان جتان پاڻ هلئون پيا هي ساڳيو پيچرو آهي جتان موٽندي مون توکي ڏٺو هو" ـــ هن ساڳي انداز سان ۽ مون ڏي ڏسندي چيائين" آهي نہ ساڳيو پيچرو ـــ"

چيم "ها ميرل ـــ مان هڪ پيرو جنهن بہ پيچري تان پنڌ ڪري وڃان ڪڏهن بہ نہ وساري سگهندو آهيان ـــ پٽ تي ڇڏي آيل سيئي پيچرا مون کي ياد آهن ميرل ـــ"

"سڀ" هن حيرت مان پڇيو ـــ

"ها ميرل ڪير بہ پنهنجو ماضي وساري نہ سگهندو آهي ـــ ماضي جيڪو ڌرتي جي ڌوڙ مان موهن جي دڙي جيان نڪري نروار ٿي بيهندو آهي، موهن جو دڙو ڌرتيءَ جو ماضي ڌرتيءَ جي تاريخ آهي ـــ ڪير وساري سگهيو آهي ـــ ائين هر دور جو موهن جو دڙو اسان جي دلين ۾ لٽبو رهيو آهي ـــ دلين جي ڌوڙ مان نڪري نروار ٿيندو رهيو آهي ـــ موهن جي دڙي کان وٺي هن پٽ تائين هڪ ڏگهو سفر ـــ ڏگها پيچرا ـــ جتان اسين سڀ هلندا آيا آهيون ۽ هلئون پيا ـــ ڪير

ڦاسي ڦٽڪي پيئي — هڪ هُو هئي جا منهنجي دل ۽ دماغ ۾ پُرڻ لڳي.

"ميرل چئو ٻه ڪٿي ته هُو ڪير؟" مون هن جي ڪلهي کي ڌونڌاڙيندي چيو — هن ڪجهه ٻه نه ڳالهايو — مون سواليه نظرون ڪٽي هن جي نيڻن ۾ ڏٺو — ڍنڍ جو سڄو پاڻي هن جي اکين ۾ لهي آيو هو...



امر سنڌو

## مزاحمتي شاعري ۾ جاڳڻ کان اڳ

بغاوت ـ!!
منهنجي رڳن ۾ ڊوڙندي
منهنجي اکين ۾ پوکجي وڃي ٿي
منهنجي ڪوڙيل مٺين ۾ ساهه کڻي
منهنجي چپن تي
جاڳي ٿي ـــ
بغاوت کان ورتل چُمي، ۽
واڻن تان ورتل لڱن ڪانپوءِ،
منهنجا چپ ۽ پير
اجنبي ٻولي ۾ لکيل تاريخ جي ڪتاب جي
خالي ورقن تي
بنا هيڊنگ جي
پرنٽ ٿي وڃن ٿا ــ
منهنجي ايندڙ نسل
انهن پرنٽس مان
نعرا جنميندي!! ـ؟؟ ـ؟؟
يا،
سياري جي سرد راتين ۾
اِهي پرنٽس ساڙي،
پنهنجا هٿ سيڪيندي!! ـ؟؟ ـ؟؟
مان، ڇا ڄاڻان ـــ!!

* هن جا
موڪليل سڀ پيار
مون ڊائري ۾
سانڍي رکيا هئا.
پر،
جڏهن، هن پيار ۾
پنهنجو Taste بدلايو
تہ،
منهنجي دري کان ٻاهر جا
سڀ منظر وائڙا ٿي ويا ۽
منهنجي ڊائري
شاعري ٿي پئي.

شرجيل

## ليڪا چوڪا

قيامت ايندي
نہ ايندي
اڃا تہ ڪانہ آئي آهي
جڏهن تہ سنڌس اچڻ کي
ڪجهہ سال لنگهي بہ ويا آهن
پر جي،
ڪنهن سال،
ڪنهن مهيني جي
ڪنهن ڏينهن تي
اچي بہ وئي
تہ حسابن ڪتابن وارا
ڪچا چٽا
اسان بہ ڏاهي
جوڙي رکيا آهن
پر،
هي جي روزروز جون قيامتون
بنا ڪنهن حساب ڪتاب
ڏيڻ وٺڻ جي
مٿان اسان جي
گذرنديون ٿيون رهن
انهن جو تہ
حساب ڪتاب وٺڻ گهرجي.

○

## جن جي لڱن ۾

نت بولٽ لڳل ناهن
سي سڀ
سامراج کي
هڪ ڏينهن
مهانگاپوتا آهن ـ

## نيڙو — هيمن سائل

وسي سڄو ٽر
پاڻ ٻئي چاريون
ڦوڳيا پاسي ڦر

چوڏهين جو چنڊ
اٿي نار اَسر جو
جوني تي جنڊ

واهه وهي پيو تار
نينگر چڙهي پيهي تي
پيو هڪلي جهار

ڪاهي ويو ڪير
ڏڳا هاريءَ جا
پيو ڪٽي پير

ساوا سڀ کيت
هر هنڌ گونجن پيا
پٽائيءَ جا بيت

سُر ۽ سنگيت
اصل کان اسان جي
رهي اها ريت

چورن ڪاهيو مال
ويچارن وانگين جو
هوندو ڪهڙو حال

هُجون ٻئي هُوند
ويٺل ڪنهن پٽ تي
پئي وسي بوند

## آزاد نظم — علي عابد

گلاب رُت ۾ جڏهن ٻه جاني
اسان کي تنهنجِي
آ ياد آئي
نه چين آيو
نه ئي خوشي ڪا
اسان جَي دل کي آ راس آئي -
عجيب آهن گهڙيون اهي جَي
بنا اوهان جي اسان گذاريون -
نه ڏي اسان کي اداس راتيون
اسان اڳيئي اُداس ماڻهو
ذري ذري تي پئون ٿا چرڪي -
جڏهن اچين ٿو تون ياد جاني
ته اوچتو ئي، چپن تان اڏري
هليِ وڃي ٿي
مُرڪ پي ڪنهن، اداس
پرڏيهي پکيءَ وانگر -
سرءُ جي چاندني پي
نٿي اسان کي
آڙي پئي —
نه ٿو اچين جي
پرين اسان ڏي
ته پاڻ سان گڏ
پنهنجي يادِين
کي پي جَهلي ڇڏ
ته هو اسان جَي، دل جَي
اڱڻ تي ويهي
ائين نه ٻولين
اسان کي جانان
ائين نه رولين
ائين نه رولين -*

## وائـــي — وفا عين غين بلوچ

موت تي ناهي وس او جيڏا
موت تي ناهي وس!
هي اچي ٿو اوچتو وني پنهنجو گس او جيڏا،
موت تي ناهي وس!
رمنديون رانديون پل ۾ ڦٽائي ڪري ٿو بيوس او جيڏا،
موت تي ناهي وس!
بلبل جيڪا باغ ۾ چهڪي، باز کي ناهي ترس او جيڏا،
موت تي ناهي وس!
تون ۽ مان ان راه جا راهي ايندو موت اوس او جيڏا،
موت تي ناهي وس!
ڪُلُ نَفسُ ذائقةُ المَوت، ان قول ڪيو بيوس او جيڏا،
موت تي ناهي وس!

○

## چـئـو سـتـا — عبدالله بڙدي

ناز آ جنهن کي مٺا، سونهن جي هن ساز تي،
محب من موهي ڇڏيو، ناز جي انداز تي،
شال سرهو سو رهي، ساهه جنهن لَءِ پيو سِڪي
بس "بڙدي" آهه رهئو، ناز جي ئي راز تي.

ديد تو دلدار جي، واهه جا مونکي لڳي،
نگاهه پنهنجي يار جي، واهه جا مونکي لڳي،
ڪر نشانو برهه ۾، پل ٿئي "بڙدي" شهيد،
نظر پوءِ پيي ناز جي، واهه جا مونکي لڳي.

قرب تنهنجو قرب منهنجو، قرب سوئي ياد ڪر،
قرب ڏيئي قرب نيئي، قرب سان دل شاد ڪر،
وئي وهامي رات ساري، قرب جي واپار ۾،
قرب جو ڪانٽو رکي، قرب سان ئي داد ڪر.

